# لِڳ منهنجا لوهه

ناول


اشرف دهقاڻي


-------------------------------

محبوب علي راهوجو

ڪمپوزنگ:

شاهنواز سومرو


2007

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net

editor@voiceofsindh.net

0332-3895458

# مهاڳ

ايران جي تاجدار بادشاهه سمجهيو هو ته عوام ته اڀوجهه آهي، انهن کي پنهنجن حقن جو ڪهڙو شعور؟ پر جي ڪڏهن عوام پنهنجا حق گهريا به، ته وفادار فوج کين نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيندي! ۽ انهيءَ سوچ جي مدنظر هن فوج کي هر لحاظ کان مضبوط ڪيو ۽ عوام کان ڏور ٿيندو ويو. ظلم جي رات هميشه نه رهندي آهي، جيڪي اِئين سمجهن ٿا سي پُليل آهن. شعور جو سج نيٺ اڀرڻو آهي. انسان آزاد پيدا ٿيو آهي، ڪيس هر صورت ۾ آزادي نصيب ٿيڻي آهي. ڏاڍ ۽ قهر جا ڪوٽ نيٺ ڊهڻا آهن. انصاف ۽ آزادي هر انسان جو حق ۽ مقدر آهي! ايران جو عوام به نيٺ سجاڳ ٿيو ۽ جڏهن عوامي فوج، آزاديءَ جي متوالن جي فوج ميدان ۾ اچي ويئي، تڏهن شاهه جي جديد ترين هٿيارن سان مسلح فوج به سندن راهه نه روڪي سگهي ۽ ايران ۾ عوامي عوام جو اقتدار قائم ٿي ويو. پاڻ کي ذري گهٽ خدا سمجهڻ وارو شاهه جان بچائڻ لاءِ دنيا ۾ هنڌ هنڌ پناهه جو طالب ٿي ڦرندو رهيو، پر نه کيس ڪٿي پناهه ملي سگهي، نه ذهني سڪون! نيٺ پرڏيهه ۾ گذاري ويو- ۽ دنيا جي امير ترين شخص کي سندس وطن ۾ قبر به نصيب نه ٿي.

عوام جي انهيءَ جنگ جو نالو آهي 'لِگ منهنجا لوهه' شاهه جي فوجن، آزاديءَ جي متوالن تي ڪهڙا ڪهڙا ظلم ڪيا، ۽ هو پنهنجي مقصد تي قائم رهي، منزل تائين ڪيئن پهتا، اهوئي سڀ ڪجهه هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهي. ڪتاب جو پهريون ڇاپو صرف پندرنهن ڏينهن ۾ وڪامجي ويو هو ۽ مستقل عوام طرفان ٻئي ڇاپي جي گهر ڪئي پئي ويئي، ته ٻيو ڇاپو حاضر آهي.

ساٿ سلامت

عمر ميمن

1985-02-04ع

# تعارف

**ڦٽڪي** جي هر وار ڪانپوءِ نُڪتب آفيسر ڏاڙهيندو رهيو. ”ٻڌائيندين ٻڌائيندين.......!“ ايذاءَ حد ڪان وڌندو رهيو. ڪي گهڙيون اهڙيون به آيون ٿي، جو دل گهرندي هئي ته ڦٽڪا لڳڻ بند ٿي وڃن، پر عذاب ڪان بچڻ جي ڪابه واهه ڪانه هئي. اهي منهنجا جذبا هئا، مگر آءٌ ڇا پئي ڪري سگهيس؟ ان وقت منهنجي حالت وِيم ڪرڻ واري ماءُ جهڙي هئي. ڪو وس نه ٿي پڳو. بس ٻار جي پيدائش جو انتظار هيو. ان وقت ٻار جي پيدائش خود منهنجو موت ٿي هيو ۽ ان جو ئي مون کي انتظار هيو.

آهستي آهستي سندن پليت چهرن تي پريشانيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. اهو ڏسي منهنجو اعتماد پختو ٿيو. ائين پئي لڳو ڄڻ سندن ڪو ويجهو مائٽ مري ويو هجي. اُهي وحشي حيوان، ان ڪانسواءِ ٻيو ڪري به ڇا ٿي سگهيا! انهن لاءِ انتهائي اهم ۽ بدترين حربو ايذاءَ رسائڻ هو ۽ هنن اهو آزمائي ڏٺو. اهو طريقو به ڪارگر ثابت ڪونه ٿيو. ڦٽڪا لڳڻ بند ٿي ويا. هاڻي وري هنن لوهه جي چمٽن سان منهنجو ماس پٽڻ شروع ڪيو. منهنجي آڱرين کي چَمٽن ۾ بند ڪري مروڙڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ جُنبي ويا. جيتري زور سان منهنجون آڱريون مروڙي رهيا هئا، اوتري ئي زور سان پنهنجا ڏند پڪوڙي رهيا هئا. ڊڄڪا ڏيڻ لڳا ته تنهنجا ننهن پاڙان ڇڪي پٽيندا سون، پر پٽيائون ڪونه. ممڪن هو ته هنن ايذاءَ رسائڻ جو ڪوبه طريقو ڇڏڻ نه ٿي گهريو.

سازمان چريڪائي فدائي خلق (فدائين خلق جي هٿياربند تنظيم) ايران جي عوامي فوج جي عظيم ڪارڪن **اشرف دهقاني**، **ساواڪ** (سازمان اطلاعات و امنيت ڪشور يعني شهنشاهه ايران جو ڳجهو پوليس ڪاتو) جي هٿان ٿيل تشدد جو داستان بيان ڪيو آهي. ايران جي عوامي مجاهدن، رضا شاهيءَ جو، جنهن نموني ڄمي مقابلو ڪيو، ان جو انساني تاريخ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. اهو اسانجي علائقي ۽ دنيا جي آزاديءَ جي جدوجهد جو اڻ وسرندڙ باب آهي.

آمريڪي سامراج ۽ سندس مقامي دلالن، ايران ۾ تاريخ جي بدترين ۽ وحشتناڪ آمريت تي ٻڌل رياست قائم ڪئي هئي ۽ سندن خيال هو ته هنن وحشي درندن خلاف ايراني عوام ڪڏهن به اٿندو. ان اُونداهيءَ واري دؤر ۾ ”فدائين خلق“ هيءُ نظريو پيش ڪيو ته اسان قرباني ڏيئي، شاهي جلادن کي اگهاڙو ڪنداسين، مٿن هٿياربند حملو ڪري، اسين عوام کي ڏيکاريندا سين ته فرعون ناقابل شڪست ناهن پر کين نيست ۽ نابود ڪري سگهجي ٿو. سندن ايمان هو ته عوامي جدوجهد ذريعي رضا شاهيءَ جو رعب ۽ دٻدٻو ختم ٿي ويندو. عوام آزاديءَ جي جنگ لاءِ اٿي کڙو ٿيندو ۽ ايراني قوم جاڳي اٿندي. ايراني عوام جو

سامراج دشمن ۽ شاهي آمريت خلاف اٿيل طوفان، انقلاب ۾ فدائين خلق جي نظرئي، تخليقن، حڪمت عملين ۽ قربانين جو اهم حصو آهي.

فدائين خلق **1971**ع ۾ اتر ايران جي سياه ڪل ٻئي طرف پوليس جي هڪ اڏي تي هٿياربند حملو ڪري آزاديءَ لاءِ جيڪو شعلو پڙڪايو هو، سو اڄ آمريڪي سامراج ۽ سندس ڏيهي دلالن ڪي ساڙي رک ڪرڻ وارو ڪورو ٻڻجي چڪو آهي. روشن پورهيت عوامي علم ۽ فڪر جي شمع اڄ ايران جي ڪروڙين انسانن جي دلين ۾ روشن آهي.

اشرف دهقاني جو قصو ايران جي پڙڪندڙ انقلاب جو لافاني داستان آهي. هوءَ آذربائيجان پرڳڻي جي هڪ مزدور جي ڌيءُ آهي. اشرف جي انقلابي تربيت سندس وڏي ڀاءُ ۽ تحريڪ جي ساٿي بهروز دهقانيءَ ڪئي هئي. تعليم ختم ڪري اشرف آذربائيجان جي هڪ ڳوٺ ۾ ماستريائيءَ جو پيشو اختيار ڪيو. ٻئي ڀاءُ ڀيڻ شروع کان ئي ايراني انقلابي تحريڪ ۾ شامل ٿيا هئا.

بهروز دهقاني آذربائيجان پرڳڻي جي فدائين خلق تنظيم جي اڳواڻن مان هڪ هو. هو چوڏهن سالن تائين آذربائيجان جي هڪ ٻهراڙيءَ واري اسڪول ۾ استاد هو. هو تبريز جي محلي نمبر پنجين ۾ پوليس ٿاڻي تي فدائين جي مسلح حملي وقت گرفتار ٿيو هو. کيس پوليس انتهائي بي درديءَ سان شهيد ڪري ڇڏيو. مگر کانئس تحريڪ جي باري ۾ ڪوبه راز پڇي نه سگهيا. بهروز دهقاني جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ سندس ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو، جيڪو هن آئرلينڊ جي انقلابي شان اوڪيسي جي لکيل ڪتابن جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو.

# باب پھريون

## جان جان دعوا دم

(ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ٿنهي ڏنم ڏُک،
سي سپ پانيم سُک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.)
’شاھ‘

فيبروري ***1971***ع ۾ سياھ ڪل جو واقعو ايراني عوام جي جدوجهد جي تاريخ جي هڪ نئين، اهم ۽ فيصلي ڪُن دؤر جي شروعات هئي. عوام جا بهادر جوان پنهنجي تاريخي فرض ادا ڪرڻ لاءِ اُٿي ڪَڙا ٿيا ۽ انهن سالن جي ظلم ۽ ڏاڍاين جو ڳٽ ٽوڙي ڦٽو ڪيو ۽ دشمن جي فرعونيت جو بُت ڀجي ڀورا ڀورا ڪري ڇڏيو. حالانڪ هن تحريڪ ۾ ڪيترن ئي انقلابين جون جانيون ضايع ٿيون، جن کي حڪومت گرفتار ڪري گولين سان اُڏائي ڇڏيو مگر جدوجهد جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ جدوجهد هلندي رهي.

عوامي عدالت غدار ۽ قاتل جنرل فريسئو تي ڪيس هلائي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. دشمن دهلجي ويو ۽ ڏاڍ ۽ ظلم جي حالت ۾ دهشت ۽ دٻاءَ سان خوف ۽ هراس پکيڙڻ شروع ڪيو. سياھ ڪل جي چند مجاهدن کي مارائي، حڪومت سمجهڻ لڳي ته هُن تحريڪ کي چمڙ شرط ئي چيپاٽي ڇڏيو آهي. عوامي فوج جي پندرهن نوجوانن کي هنن گولين ۽ بي رحم تشدد وسيلي قتل ڪري ڇڏيو ۽ هو سمجهڻ لڳا ته هنن عوامي فوج کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا سندن پُل هئي. جڏهن کين خبر پيئي ته ڏھ جوڌا جوان اجا زنده آهن، تڏهن ايران جي تاريخي حالتن ۽ وڏندڙ عوامي اُڀار کي نظر انداز ڪري، شاھ کي اجا به ذليل زندگي بخشڻ ۽ انقلابين کي گرفتار ڪري مسلح جدوجهد ختم ڪرڻ لاءِ ساواڪ جا دلال سر توڙ ڪوششون ڪرڻ لڳا. آخرڪار حڪومت ڏهن جوڌن جون تصويرون ڇپرائي، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ورهايون ۽ کين گرفتار ڪرائڻ واري کي وڏي رقم انعام طور ڏيڻ جي آڇ ڪئي. اهي ڏھ انقلابي ساٿي امير پرويز پويان، جاويد صلاحي، حامد اشرف منوچهرپائي پور، اسڪندر صادقي، نزهت، عباس مفتاحي، احمد زبيروم، محمد سفاري آشتيائي، ۽ رحمت الله پائيروف نظيري هئا. دشمن ايترو ته بدحواس ۽ نادان ٿي ويا جو سمجهڻ لڳا ته عوام پنهنجي جانباز مجاهدن کي سندن حوالي ڪري ڇڏيندو. اِن حرڪت جو نتيجو اهو نڪتو جو سڄي مُلڪ جي عوام کي خبر پئجي ويئي ته هتي به ڪا انقلابي فوج موجود آهي ۽ هٿياربند جدوجهد ڪري رهي آهي. عوام عوامي انقلاب جي ڏهن اڳواڻن ڪان پڻ واقف ٿيو. رد عمل ايترو تيز ٿي ويو جو ماڻهن جا سينا جوش وچان ڦاٽڻ لڳا. اشتهار ماڻهن جي گهرن ۾ به پهچي چڪا هئا. ماڻهن پنهنجن ابن ڏاڏن جي تصويرن

سان گڏ ڏهن مجاهدن وارو اشتهار ٽنگي ڇڏيو. پوري قوم ۾ جوش پيدا ٿيو، ماڻهو اميدن سان ٽمٽار ٿي ويا. جانبازن سان سندن پيار ۾ واڌارو آيو ۽ چوڻ لڳا ته، ”اسان جي جان ۽ مال هليو وڃي ليڪن مجاهدن کي ظالمن جي حوالي ڪونه ڪنداسون. اسان لاءِ مجاهدن جي جان جي بدلي ۾ مليل دولت حرام آهي.“ اهو عوام جو واعدو هيو، ”هي ماڻهو ته ويٽ ڪانگ جي مثل آهن.“

ڪيترائي پڙهيل لکيل نوجوان به متاثر ٿيا ۽ انهن مان ڪافي تعداد به هٿيار بند جدوجهد ۾ شامل ٿيو. انقلاب پهريائين پُر امن نموني شروع ٿيو. پر هنن واقعن، انقلابي وات تي هلندڙ مجاهدن کي چقمق وانگر چڪيو ۽ تاريخي نتيجي طرف رواني ٿيڻ جو ڏس ڏنو.

”فدائين خلق“ ۾ آءُ، ادا بهروز سان گڏ شامل ٿي هيس. جڏهن دشمن هنڌ هنڌ عوامي جانبازن کي ڳولي رهيو هو. تڏهن مان به انقلابي ساٿين پويان ۽ بندل سان گڏ رهيل هيس. اسان کي ڪتابڙا ۽ اعلان، تيار ڪري ورهائڻ جو حڪم مليل هو. اسان جو اصل فرض اهو هو پر ضرورت وقت، اسان کان پيا به ڪيترائي ڪم ورتا ويندا هئا.

هر ڇاپا مار عمل کان پوءِ اسان وڌيڪ خوش ۽ پُر اميد ٿيندا هئاسون. اسان کي پنهنجي اختيار ڪيل واٽ جي صحيح هجڻ ۾ ڪوبه شڪ ڪونه هو ۽ هاڻي هٿيار بند جدوجهد رجعت پرستن ۽ سامراج خلاف جدوجهد ڪرڻ جو سچو پچو رستو ثابت ٿي رهي هئي. پر گهٽ تجربي هئڻ ڪري، اسان پورو تجزيو نه ڪري سگهياسون ته، ”وسيع عوامي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳندو.“ جيڪا ڳالهه نظر ۾ هئي، اها جدوجهد جو رخ نه پر ان جي رفتار هئي. ساٿي پويان جي راءِ هئي ته: ”هن جدوجهد هلندي، اسان جي تحريڪ تي حملا ٿيندا، ڪيترائي مارجي ويندا، ليڪن اسان جي تحريڪ پُرامن آهي ۽ ’سازمان چريڪائي فدائين‘ ڪانسواءِ به هيءَ جدوجهد پيون انقلابي تحريڪون جاري رکنديون.“

**14** اپريل **1971**ع تي شام جو ساڍي ڇهين وڳي ساٿي پويان، ڳولاوي، بندل ۽ صلاحي انقلابي اڏو ڇڏي روانا ٿيا، ڇوته هنن کي ڪتابڙا ورهائڻا ۽ پوسٽر لڳائڻا هئا. ساٿي بندل ۽ صلاحي ڪونه موٽيا. ٿيو هيئن جو هڪ سابق ننڍي فوجي عملدار، هنن کي پٺ تي پوسٽر لڳائيندو ڏسي وٺي گوڙ مچائڻ شروع ڪيو. جيئن ته ساٿين کي ان علائقي ۾ ڪم ڪرڻ جو تجربو ڪونه هو، سو پنهنجي موٽر سائيڪل تي چڙهي اٿي ڀڳا. هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ ڦاسي پيا ۽ ان واقف هجڻ ڪري مُنجهي پيا. اهو فوجي پٺيان شور ڪندو پئي آيو. بدقسمتيءَ سان ان ئي گهٽيءَ ۾ پوليس ٿاڻو هو. گوڙ ٻڌندي ئي پوليس وارا ڀڄندا آيا ۽ ايندي ئي گولين جو وسڪارو لائي ڏنائون. پوليس وارا گهڻا هئا ۽ مجاهد ٻه. جنهن ڪري پوليس مٿن غالب پئجي ويئي. نتيجي ۾ ساٿي بندل گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي، بيهوش ٿي ڪري پيو. صلاحي وڙهندو رهيو، ڀڄي ڪونه پئي سگهيو. بارود به ختم ٿي ويس. نيٺ آخري بچيل گوليءَ سان پاڻ کي ماري وڌائين، جيئن دشمن کي بڪواس ڪرڻ جو موقعو نه ملي. ”ڏهن اڳواڻن مان هڪ اڳواڻ........“

ساٿي بندل کي پوليس اسپتال کڻائي ويئي. اتي زخمن جي مرهم پٽي ته پري رهيو، اُٽائون دشمن ڪيس بجليءَ جي تار وسيلي ايذاءَ رسائڻ لڳا. شروع ۾ ساٿي بندل،

سخت مقابلو ڪيو، جو خود تشدد ڪندڙ نه حيرت ۾ پئجي ويا. ڪيس چيو ويو ته جيستائين تون تحريڪ بابت راز نه ٻڌائيندين، تيستائين تنهنجي ٽنگ مان گولي ڪانه ڪڍي ويندي. ساٿي بندل جواب ڏنو ته، ”گولي توهان جي آهي ۽ راز منهنجو آهي، آءٌ عوام جي امانت ۾ ڪڏهن به خيانت نه ڪندس.“ تڏهن وڃي دشمن کي شرم پيو ۽ پوءِ گولي ڪڍيائونس ۽ مرهم پٽي به ڪيائونس، پر ته به پڇا ڳاڇا جاري رهي. هڪ ڏينهن ساٿي بندل ٽين ماڙ تان ٽپو ڏنو، جيئن دشمن جي قيد مان هميشه لاءِ آزاد ٿي وڃي. پر هو بچي ويو ۽ فقط ڪجهه هڏيون ڀڄيون ۽ ڪي ٽانڪا ٽُٽا- وري هن، پنهنجي چپ ڪَٽڻ جي ڪوشش ڪئي پر دشمن جي نظر پئجي ويس ۽ قابو ڪري ورتائونس- سخت پهرو ويهجي ويو. ڪيس ائين به چيو ويو ته تنهنجي تنظيم جا سڀ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ توهان سڀني کي گولي هڻي ماريو ويندو. هن جواب ڏنو ته: ”اِن ڳالهه جي ڪابه اهميت ڪانهي جدوجهد جاري آهي ۽ جاري رهندي- توهان اسان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري سگهو ٿا، پر اسان کي جدا ڪري نٿا سگهو- اسين اوهان جي آڏو ڪڏهن به ڪونه جهڪنداسون.“

مسلسل وِيهه ڏينهن ايذائڻ ڏيڻ جي باوجود ڪانئس ڪوبه راز پڇڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿي سگهيا. سختين دوران ان گهر جو ڏس به نه ڏنائين جنهن ۾ اسان جو ٽولو رهندو هو. (دشمن جڏهن اتي حملو ڪيو ته اڏو خالي ٿي چڪو هو.) ساٿي بندل جي آزاد ٿيڻ جي ڪابه واهه ڪانه هئي. پوءِ به اسان اها رات اتي گذاري. ٻئي ڏينهن صبح جو اسان گهر جي صفائي ڪئي ۽ غير ضروري ڪاغذ پَٽَ ساڙي ڇڏيا. ٻنپهرن جو مان ”تبريز“ رواني ٿي ويس. پر ساٿي پويان ۽ هڪ ٻئي ساٿيءَ ٻي رات به اتي گذاري. جيڪڏهن ساٿي بندل دشمن کي ان گهر جو ڏس ڏئي ها ته سندس گرفتاريءَ کان پوءِ ’ڪوچه نيروي هوائي‘ (هڪ بازار جو نالو) ۾ جيڪو دشمن سان مقابلو ٿيو سو هن ئي گهر مان وڙهڻو پوي ها. اها حقيقت آهي ته ساٿي ’پويان‘ جهڙي انقلابي مجاهد جي زندگيءَ جي هر گهڙي اسان جي هلندڙ جدوجهد لاءِ بيحد قيمتي آهي.

ٻئي ڏينهن ’تبريز‘ جي سڀني ساٿين کي مون ساٿي بندل جي گرفتاريءَ کان آگاهه ڪري ڇڏيو. آءٌ ۽ ساٿي بهروز، لڪي ڪونه ويناسون. ٻن ڏينهن کان پوءِ ساٿي پويان سان ٿيل واعدي موجب تهران پهتيس پر ساڻس ملاقات ٿي نه سگهي ۽ واپس تبريز موٽي آيس. هي سفر ٻن سببن ڪري غلط ثابت ٿيو. پهريون ته ساٿي بندل تي مون کي مڪمل ڀروسو هو، تنهن ڪري مون کي سندس گرفتاريءَ کان پوءِ يڪدم لڪي وڃڻ کپندو هو. ٻيو ته مون گهر وارن کي چيو هو ته آءٌ تهران ۾ پڙهندي آهيان. ان ڪري سال جي وچ ۾ تبريز اچڻ نه گهربو هو. ٻه پيرا تبريز ۾ اچڻ شڪ جهڙي ڳالهه هئي. ٻئي پيري آءٌ سڄو هفتو تبريز ۾ رهيس ۽ اُتان ئي تهران آيس. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ساٿي بهروز به تهران پهچي ويو. اسان کي اڃا تائين اندازو ڪونه هو ته ساٿي بندل اسان جي باري ۾ راز نه ٻڌائڻ ڪري ڪيتري قدر اذيتون سهي رهيو هو ۽ اسان آزاد گهمي رهيا هئاسون.

ساٿي بندل جي گرفتاريءَ کي ويهه ڏينهن گذري چڪا هئا. مون کي حڪم مليو ته آءٌ گهر مالڪياڻيءَ سان پر واري مسجد ۾ ملي حالتن جي خبر چار لهان. پوري طرح جائزو وٺي، ان گهر ۾ رهندڙ ”ساواڪ“ جي ماڻهن تي حملو ڪريون. مان سج لٿي واري نماز

دوران مسجد ۾ ويس ۽ گهر مالڪياڻيءَ سان ملاقات ڪيم. هوءَ ڏاڍي پريشان نظر پئي آئي، جنهن مان ظاهر هو ته ساواڪ وارا حرامخور سندس گهر ۾ رهندا هئا. وري جيئن ئي هن نماز پڙهڻ شروع ڪئي ته مان اتان کِسڪي آيس. بعد ۾ خبر پيئي ته منهنجي ملاقات کان پوءِ جڏهن به هوءَ نماز پڙهڻ ايندي هئي ته دشمن سندس چوڪسي ڪندا هئا ته متان منهنجي ساڻس ٻيهر ملاقات نه ٿئي.

هڪ ڏينهن گهٽي مارڪُٽ، اذيت ۽ تڪليف کان مجبور ٿي، ساٿي بندل ساٿي بهروز جا پار پتا ڏنا. ساواڪ جي چاڙتن اڌ رات جو اسان جي گهر تي ڇاپو هنيو. سخت تلاشي ورتائون. منهنجي ماءُ کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪيائون ۽ جيڪو به گهر ۾ داخل پئي ٿيو، تنهن کي به گرفتار ٿي ڪيائون. ٻئي ڏينهن منهنجو ننڍو ڀاءُ محمد گهر نه پهتو، چاڪاڻ ته ڪيس گرفتار ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ پاڙيتو غندڻ منهنجي وڏي ڀيڻ جي گهر ڇاپو هنيو ۽ سندس مڙس ڪاظم سعادتيءَ کي گرفتار ڪري، ساواڪ جي مرڪز ۾ وٺي ويا. ڪاظم فدائين خلق جي مخلص همدردن مان هڪ هيو. هو پنهنجي گهر واريءَ ۽ ٻارن سان گهر ۾ هيو ۽ پاڻ ڪونه لڪايو هئائين. جڏهن گرفتار ٿيو ته پاڻ کي بيوقوف ۽ بي خبر ظاهر ڪرڻ لڳو، جيئن ساواڪ جا غُنڊا کانئس اسان بابت ڪابه پڇا ڳاڇا نه ڪن. پاڙيتو غندڻ گهٽي وٺ وٺان کان پوءِ کيس آزاد ڪيو- ڇو جو کين اميد هئي ته هو ساٿي بهروز جي گرفتاريءَ ۾ سندن مدد ڪندو. آزاد ڪرڻ وقت کيس ڌمڪي ڏنائون ته جيڪڏهن تو بهروز جي گرفتاريءَ ۾ اسان جي مدد نه ڪئي ته اسان توکي ٻيهر گرفتار ڪري، اذيتون ڏينداسين. کين اها خبر پئجي چڪي هئي ته ساٿي بهروز ويجهڙ ۾ ساڻس ملڻ وارو آهي. ڪاظم اهو ڄاڻي ورتو ته سندس چوڪسي ڪئي ويندي. کيس اهڙو وجهه ئي نه مليو جو هو ساٿي بهروز کي خبردار ڪري. جنهن رات کيس آزاد ڪيو ويو، ان ئي رات هن زهر کاڌو ۽ ڪارائين وٽان هٿن جون رڳون ڪاٽي خودڪشي ڪيائين، جيئن دشمن کي موقعو ئي نه ملي جو ٻيهر کيس گرفتار ڪري، ڪجهه پڇڻ جي ڪوشش ڪن. جڏهن دشمن کي اها خبر پيئي ته هو سندس جان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. پر انهن جون ڪوششون ناڪام ويون ۽ ساٿي ڪاظم ايران جي انقلابي شهيدن ۾ شامل ٿي ويو، ۽ سڀ راز سندس سيني ۾ دفن رهجي ويا. دشمن هن واقعي کان ايترو ته مايوس ۽ پريشان ٿيو جو ڪاظم جي رشتيدارن ٻاران ڊاڪٽر تي ڪيس ڪيائون، ڇوته هو ڪاظم جي جان بچائڻ ۾ ناڪام ويو هيو. سندس جنازو وڏي ڌام ڌوم سان کڻيو ويو. سندس جنازي ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. جنازي جي جلوس کي ڇڙوڇڙ نه ڪيائون چاڪاڻ جو دشمن ساٿي ڪاظم جي موت جو ذميوار پاڻ کي ٺهرائڻ نٿي گهريو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ڪيترن ماڻهن کي گرفتار ڪيائون، جنهن جو ٻين ماڻهن تي تمام گهڻو اثر پيو.

ساٿي ڪاظم حڪومت جي نامرديءَ جو هڪ ٻيو به ثبوت مهيا ڪيو ۽ اهو ثابت ڪيو ته انقلابين جي مڪمل عزم ۽ همت جي مقابلي ۾ هو ڪيتريقدر نااهل آهن. مرڻ وقت هن جيڪي لفظ منهنجي ماءُ کي چيا، اهي هن طرح آهن: ”دشمن منهنجي اولاد کي سخت اذيتون ڏيئي، قتل ڪندو، مگر دشمن کي ڪابه رحم جي درخواست نه ڪجانءِ، کانئس رحم جي خيرات نه گهرجانءِ، ڇوته دشمن وڏو مڪار، عيار ۽ فريبي، دوکيباز ۽ شيطان آهي.“

اسان جي گرفتاريءَ لاءِ تهران ڏانهن ويندڙ هر رستي تي سخت چوڪسي رکي ويئي. مون پنهنجي گهر وارن کي چيو هو ته تهران پڙهڻ پئي وڃان، جنهن ڪري دشمن تهران جي سڀني تعليمي ادارن ۾ جانچ پڙتال ڪئي ۽ رات جو اوچتو هاسٽلن تي ڇاپا هڻڻ شروع ڪيا.

هڪ پيري لومڙ ٻُوڙِي (جيڪا پوءِ منهنجي مٿان نگران مقرر ٿي ۽ مون تي تشدد پڻ ڪيو هئائين)
رات جو ٻي وڳي پوليس جي جٿن سان ڇوڪرين جي مدرسي واري هاسٽل تي ڇاپو هنيو. عمارت کي چوطرف گهيري ۾ ڪري پاڻ هڪ هڪ ڪمري ۾ وڃي، ڇوڪرين کي جاڳائي منهنجي باري ۾ پڇڻ لڳي. ڪن ڇوڪرين کي چيائين ته هوءَ (پاڻ) منهنجي ماسي آهي. ۽ ڪن کي چوڻ لڳي آءٌ (اشراف) سندس ڀاڄائي آهيان. منهنجي ماءُ سخت بيمار آهي ۽ کيس وٺي وڃڻ لاءِ آئي آهيان. ڇوڪرين ڏٺو ته ڪڏهن ماسي پئي چوائي ۽ ڪڏهن مون کي پنهنجي نٽان پئي ظاهر ڪري، اهو معاملو ڇا آهي؟ سو شڪ لاهڻ لاءِ کانئس سوال ڪرڻ لڳيون. ڇوڪرين کي جڏهن پڪ ٿي ته هوءَ منهنجي مائٽياڻي نه آهي ۽ ڪوڙ پئي ڳالهائي ته کيس ڌِڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍيائون. دشمن جي اها چال به ناڪام ويئي. نتيجو اهو نڪتو جو اوچتو ڇاپن هڻڻ ڪري، شاگردن جي چڱي اڪثريت تي حڪومت جي ڪارنامن جي حقيقت کُلڻ لڳي ۽ کين اها به خبر پيئي ته حڪومت ڪيتري جاهل، وحشي ۽ ظالم آهي.

❋

# باب پيون

## گرفتاري ۽ اذيتون

(بندي پيا قرار، اسين لوچيون لوھ ۾)
شاھ

هن واقعي کان پوءِ اسان نئين سر تنظيم جو جائزو ورتو ۽ انقلابي عمل پيهر شروع ڪيو. **13** مئي **1971**ع جي صبح جو آءٌ انقلابي مرڪز مان ساٿي بهروز سان گڏ نڪتيس. جيئن اسان دشمن جي پاڙيتو سپاهين تي چوڪسي رکي سگهون. مان چونڪ نمبر **21** آذر تي بيٺي هيس تہ اوچتو ہہ تي ڪارون منهنجي اڳيان پنيان بيهي رهيون ۽ انهن مان ڪيترائي ماڻهو لهي، منهنجي چوڌاري ڦري آيا. جيڪو پهريون ماڻهو مون وٽ پهتو، تنهن مون کي واٽ هٿ ڏنو ۽ گاريون ڏيڻ شروع ڪيائين. مون کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪيائين، جيئن ڪار ۾ اُڇلائي. نيٺ پيا بہ مِڙي آيا، ۽ سيئي گڏجي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. سندن مڪار چهرن ۽ ڪَچين گارين مان مون سمجهي ورتو تہ اهي ضرور شاھ جا غندا آهن ۽ اهو شيوو فقط انهن ئي ماڻهن جو هو- جيڪا ڳالھ منهنجي سمجھ کان پاهر هئي سا اها تہ هنن مون کي سڃاتو ڪيئن؟ شروع ۾ مون پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن ۽ حڪومت بابت اپرندڙ جذبن کي روڪيو. انڪري تہ ٿي سگهي ٿو تہ هنن مونکي پيو ڪو سمجهي پڪڙيو هجي. وري سوچيم هيترن ماڻهن جي ميڙ هوندي، هنن ڪاساين جي ور چڙهڻ بہ ٺيڪ ناهي. مون عام ماڻهن جي سامهون شاھ جي پاڙيتو غندن جي آڏو ٿيڻ ۽ مقابلو ڪرڻ پنهنجو سڀ کان پهريون فرض سمجهيو. مون وڏي آواز سان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ جهٽ ۾ ماڻهن جي وڏي ميڙ کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. پاڙيتو غندن جي اها غلط فهمي هئي تہ هو مونکي آسانيءَ سان ڪٽي ڪار تائين پهچائيندا- مان گوڙ ڪندي رهيس ۽ پنهنجو بچاءُ بہ ڪندي رهيس. ساواڪ جي غندن کي لتون ۽ مُڪون هڻڻ سان گڏوگڏ سندن هٿن ۽ ٻانهن ۾ چَڪ بہ پائيندي رهيس. شاھ جا چاڙتا ۽ ساواڪ جا غندا گڏجي زور لڳائي مون کي قابو ڪرڻ ۽ عوام جي ميڙ کي چڙو چڙ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جنبي ويا. پر عوام جو مجموعو جيئن پوءِ تيئن اسانجي چوڌاري ويجهو ٿيندو ويو ۽ گهيرو تنگ ٿيندو ويو. يڪدم ميڙ ۾ مونکي هڪ منحوس چهرو نظر آيو ۽ مونکي خبر پيئي تہ هنن مونکي ڪيئن سڃاتو.

ساٿي بندل جي گرفتاريءَ کانپوءِ اسان يڪدم پنهنجي رهائشگاهہ تبديل ڪئي هئي. مان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پاءُ وٽ رهندي هيس. جنهن جو سياست سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هو. اُن ئي گهر ۾ هڪ ٻيو بہ مسواڙي رهندو هو. هن پنهنجي باري ۾ ٻڌايو هو تہ هو سرڪاري ملازم آهي، ڪيترائي ڀيرا هن مونکي ادا جي گهر ۾ ڏٺو هو ۽ ٻہ ڀيرا يونيورسٽيءَ جي علائقي ۾ ڏٺو هئائين. مان تنظيمي ڪم جي سلسلي ۾ يونيورسٽي ويندي هيس. جڏهن تبريز ۾ اسان جي گهر تي ڇاپو هنيو ويو تہ ساواڪ جي غنڊن ڪي منهنجي هڪ تصوير هٿ آئي، جيڪا هنن پنهنجي دلالن ۾ ورهائي ڇڏي ۽ اهو سرڪاري ملازم بہ انهن جو ئي پاليل هڪ دلال هو. منهنجي گرفتاريءَ دوران شاگردن جي هڪ وڏي هڙتال ختم ٿي چڪي هئي، ڇوتہ يونيورسٽيءَ وارو علائقو جاسوسن سان ڀريل هو. ڏوهہ منهنجو هو جو مون حالتن جو چڱيءَ طرح جائزو ڪونہ ورتو ۽ ان علائقي ۾ هر روز ايندي هيس. ظاهري طرح بنا ڪنهن مقصد جي اتي بيٺي هوندي هيس ۽ سندن نظرن ۾ اچي ويس.

جڏهن آءٌ شاهہ جي ڇاڙتن سان مقابلو ڪري رهي هيس ۽ هو منهنجي وڌيڪ ويجهو آيا تہ مون اهو منحوس چهرو ڏسي ورتو جيڪو پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، جيئن مان کيس سڃاڻي نہ سگهان ۽ سندن ظلم کان بچي وڃان. هو اهو تاثر ڏيڻ پيا گهرن تہ، ”اسان وڏي طاقت رکون ٿا، اسان سڀ ڪجهہ ڄاڻون ٿا ۽ ڪجهہ بہ اسان جي نظر کان لڪل ڪونهي.“ آخر هو بہ اچي هنن سان مليو. سندس چهرو ڪيڏو نہ بڇڙو هو! اها ويڙهہ اتڪل پندرهن منٽ هلي. منهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا. سَتُر ظاهر ٿيڻ لڳو، پر پوءِ بہ منهنجي جسم ۾ وڏي قوت هئي- سيني گڏجي مون کي قابو ڪيو ۽ هڪ ڪار ۾ اڇلايائون. ليڪن مان اجا ويڙهہ ڪري رهي هيس. ايتري قدر جو مون کي پنهنجيءَ طاقت تي حيرت ٿيڻ لڳي. هو اجا تائين مون کي قابو ڪري نہ سگهيا هئا. جڏهن آءٌ هٿ پير هلائي ڪونہ ٿي سگهيس تہ ڪين ڇڪ پئي پاتم چاڪاڻ تہ ساواڪ جو غنڊو مسلسل منهنجي آڱر کي چٻاڙي رهيو هو. ٻيو وري پستول سڌو ڪري بيٺو هو ۽ مونکي مارڻ جي ڌمڪي ڏيئي رهيو هو. اُن غنڊي جي ان حرڪت تي مونکي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ جيئن تيئن ڪري هڪ ٽنگ ڇڏائي، تمام وڏي زور سان کيس لت وهائي ڪڍيم ۽ پستول هيٺ ڪري پيس ۽ هو پستول جي مٿان ڪري پيو تہ مٿان پستول منهنجي هٿ نہ اچي وڃي. ايتري ۾ منهنجي ٻي ٽنگ بہ آزاد ٿي ويئي. ۽ مون زور سان ڪار جي پوئين شيشي کي لت هڻي، شيشو پڃي پورا پورا ڪري ڇڏيو. هاڻي هنن مونکي چڱيءَ طرح قابو ڪري ورتو. منهنجو ڪوبہ عضوو چُري پُري ڪونہ پئي سگهيو. سواءِ ڪَنڌ جي. جيئن ئي مون ڪَنڌ مٿي کنيو، مونکي هڪ بس نظر آئي. هميشہ وانگر اها ماڻهن سان ڀريل هئي. بس جي درين مان مايوس ۽ ڏٻرا چهرا ٻاهر ڏسي رهيا هئا. اها بس شهر جي ڏاکڻين علائقي جي غريب ماڻهن جي گوٺن کان اچي رهي هئي. مون سوچيو شايد مان آخري ڀيرو مزدورن کي ڏسي رهي آهيان. هنن مونکي ڪونہ ڏٺو، پر مان ڪنڌ مٿي ڪري لوڏي رهي هيس تہ مان ساڻن هميشہ محبت ڪندي رهنديس ۽ هو منهنجو قدم ڪڏهن بہ پٺتي ڪونہ ڏسندا.

مونکي اهو سوچي ڏک ٿي رهيو هو ته انقلاب لاءِ پنهنجا فرض چڱيءَ ريت ادا ڪرڻ ڪانسواءِ پڪڙي ويئي آهيان. وري سوچڻ لڳيس ته گهٽ ۾ گهٽ اذيتن سهڻ مهل ته مان پنهنجو فرض پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهنديس.

جاسوس پوليس کاتي جي دفتر جي آڏو ڪار بيهي رهي. ڪار مان گهليندا هو اندر وٺي وڃڻ لڳا. مان هٿ پير هڻندي ۽ شور مچائيندي رهيس، انهن مان ڪي ڏِڪا به ڏيئي رهيا هئا. ائين ئي هو تيزيءَ سان ڌڪا ڏيندا جڳهه ۾ اندر وٺي هليا. اوچتو ڪنهن پٺيان زور سان لت هنئي، مان مُنهن ڀر فرش تي ڪري پيس. وري بيهر مونکي اٿاري ٻيهارياڻون ۽ اُگهتي پاچ ڪندا، گهليندا هليا. ان حالت ۾ اسان جاچ واري ڪمري ۾ پهچي وياسين.

چيائين، ”......... (ڪچيون گاريون) ......... امواد غلي ڪٿي آهي؟ (ساٿي جاويد صلاحيءَ جي نالي) .........توکي خبر آهي ته اسان فرمودي سان ڇا ڪيو؟......... تو ڪيترا ٻار ڄڻيا آهن؟.......... تنهجو بڪواسي چاچو پويان ڪٿي آهي؟“ هڪڙي منهنجي تصوير ڏيکاريندي (جيڪا ان وقت جي هئي جڏهن مان اسڪول ۾ پڙهندي هيس) رڙ ڪري چيو ”ڏس هيءَ ڪير آهي؟“ تصوير جي پٺيان ڪي لفظ لکيل نظر آيا، ”هن کي فلاڻي قسم ڪوٽ پاتل هو.“هاڻي مون پنهنجي ڪوٽ ڏانهن نهاريو. صاف ظاهر هو ته هو اسان جي گهر ويا هئا ۽ جيڪو ڪجهه چئي رهيا هئا، اهو سندن معلومات جي دائري اندر هو. هاڻي مونکي پنهنجي جذبن کي لڪائڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي. مونکي ساڻن نفرت آهي ۽ ان طبقي کان به نفرت هئي، جنهن جا هو غلام آهن. ”توهان کي مرڻ کپي. ذليل ڏوهاريو...... عوام دشمنؤ...... حرامخورؤ توهان مزدورن جو رت چوسي رهيا آهيو......“ پوءِ وري مونکي نظم جون هي سِٽون ياد آيون:-

هر دل جي سدا آ،
هر زبان تي آهه آ،
هي نظام نُٽو آ،
بالشويڪن جيان،
وڙهندا رهنداسون،
اسان جي دلين ۾،
پنيت پڙڪي اُٿيا آهن.
جي جلائين ٿا دشمن جو چهرو.

هو مون تي وڏيڪ مچرجي ويا. لتون، مُڪون، ٺونشا ۽ چماٽن جا وسڪارا لائي ڏنائون. هڪڙو ٺڪجي ٿي پيو ته ٻئي پٺي وارو ورتو. منهنجا ڪپڙا ذرا پرزا ٿي ويا. موچڙا وسندا رهيا. ڪجهه دير کان پوءِ ’ختائي‘ جاسوس پوليس جو سربراهه جيڪو شاهه جو ويجهو عزيز پڻ هو، ظاهر ٿيو- بين کي پري ڪندي چيائين ”هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي؟........ ڇا ماڻهن سان سلوڪ رکڻ نٿا ڄاڻو؟- هن کان توهان کي ڇا وٺڻو آهي؟- هن جو پتو؟- ان جي ڪابه اهميت ڪانهي. اهو ته مارڪانسواءِ ۽ شور مچائڻ ٻنان به وٺي سگهجي ٿو.“

ماضيءَ ۾ بهروز ۽ بين ڪيترن ئي ساٿين کي ڪيترا پيرا ساواڪ جي مرڪز ۾ وٺي ويا هئا. انهن سان جيڪو سُلوڪ ڪندا هئا، تنهن کان مان پوري طرح واقف هيس مونکي دشمن جي چالاڪين ۽ اٽڪلن جي خبر هئي. اڌيتن ڏيڻ کان پوءِ ڪجھ نرم به ٿيندا هئا. خنائيءَ جي چهري جي گرمجوشي، سڪون ۽ مهذب لهجي ڪري، مان بلڪل متاثر ڪونه ٿيس ۽ مون ڌانهس ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو. چاڪاڻ ته هو دشمن هو. ۽ ايترو ئي ڪميڻو هو جيترا بيا ياڙيتو دلال هئا. پنهنجو هيبتناڪ ڏوهاري چهرو انسانيت جي نقاب پٺيان لڪايو ويٺو هو- چوڻ لڳو: ”اسان کي ائڊريسون ٻڌاءِ، اسان تنهنجي چڱائيءَ ۾ آهيون. تنهنجا دوست جيترو جلد گرفتار ٿيندا، اوتروئي انهن لاءِ سٺو ٿيندو، ڇوته هو وڌيڪ ڏوهه ڪري نه سگهندا. اها ڪيتري نه شرم جي ڳالهه آهي ته ايترا سٺا ۽ تعليم يافته نوجوان مفت ۾ ماريا وڃن!“

هن مڪروه ۽ وحشي جانور جي مڪاريءَ تي مونکي سخت ڪاوڙ آئي ۽ منهنجو رت ٽهڪڻ لڳو. سندس تقرير کي اڌ ۾ ڪٽيندي مون چيو: ”انسان دشمن! مان توهان جي ڳالهين ۾ آسانيءَ سان ڪونه ايندس. آخري پساهن تائين ويڙهه جاري رکنديس.“ سندس مهربان ۽ شريف چهري جو رنگ پِيلو ٿي ويو ۽ نيٺ اصليت ظاهر ڪيائين: ”جهنم جي حوالي ڪريو هن ....... (ڪچيون گاريون) .......“ سندس چاڙتن مونکي هڪ ڪٽ سان ٻڌي ڇڏيو. سڄو ڪمرو هنن سان ڀريل هو ۽ هو تماشي ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا. هڪ انقلابي ڇوڪريءَ تي تشدد ڪرڻ هڪ تماشو هو. هنن مان ڪجھ خاموش هئا. ڄڻ ڪجھ به ڪونه پئي ٿيو. جنهن لاءِ مونکي ڏاڍي حيرت ٿي. مان تصور به ڪري نه پئي سگهيس ته هي موذي ايتريقدر به نرم دل ٿي سگهن ٿا. اهو ڄڻ هنن لاءِ روز جو ڌنڌو هو. اصل موذي، ڪيپٽن نڪتب هو. بيا سڀ هن جي هيٺان ڪم ڪندڙ هئا. هنن منهنجي پيرن جي ترين تي ڦٽڪا وسائڻ شروع ڪيا. تڪليف برداشت کان وڌيڪ هئي پر نعرن ۽ ترانن مونکي همت ڏني. منهنجي لفظن سان هو وڌيڪ وحشي ٿيڻ لڳا. هنن اجا به وڌيڪ زور سان مارڻ شروع ڪيو. جڏهن مون شاهه کي گاريون پئي ڏنيون ۽ ڪين سچ پئي چيو ته هو اجا وڌيڪ بدحواس پئي ٿيا. هنن جا چهرا اجان وڌيڪ وحشتناڪ ۽ خوفناڪ نظر اچڻ لڳا. هنن مان ڪجھ منهنجي پرسان آيا ۽ چيائون: ”پاڻ تي ڪجھ ترس کاءُ ۽ سيڪجھ ٻڌاءِ-“ سندن چهرن جا تاثر ڦٽڪن سان گڏوگڏ تبديل پئي ٿيا. هنن جي اها حالت ڏسي (گهٽي تڪليف جي باوجود به) مون سوچيو ته: ڇونه گهڙي کن ساڻن مذاق ڪريان:-

”ڪيئن ٻڌايان؟ جڏهن ته منهنجي اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي وٺي ويندا هئا ۽ ائڊريسن جي خبر ئي ڪانهي ته مان ڇا تي ٻڌائي سگهان؟“

هنن سمجهيو ته مان رستي اچي ويئي آهيان سو ڦٽڪا هڻڻ بند ڪيائون. ”ته پوءِ پلا علائقو ڪهڙو هو؟- ”اها خبر ڪانهي.“

”دروازي جو رنگ ڪهڙو هو؟- ڇا مٿين منزل هئي؟- دروازو اتر کان هو يا ڏکڻ طرف؟“ ”مون کي ڪهڙي خبر؟- منهنجي اکين تي هميشه پٽي ٻڌل هوندي هئي.“

”هاڻي تنهنجيون اکيون مان کوليندس.“ خنائي ٽوڪيندي چيو ۽ ڦٽڪو هٿ ۾ کنيائين. انهن مان چند رحمدليءَ جو مظاهرو ڪرڻ لڳا ۽ چيائون، ”پنهنجي حال تي رحم

ڪر......“ هاڻي تڪليف ايتري وڌيڪ هئي جو برداشت ڪان ٻاهر..... اذيتون وڌنديون ئي رهيون ..... منهنجو ساهه گهٽجڻ لڳو ۽ ساهي کڻڻ لاءِ چند منٽن جي واندڪائيءَ جي ضرورت هئي. ڪجهه سوچڻ جي ضرورت هئي، مونکي پنهنجي سگهه گڏ ڪرڻ جي گهرج هئي، ارادي جي قوت کي جاڳائڻو هو. مون چيو، ”سڙڪ جو نالو..... خاني ..... آبادي آهي.“ هو هڪ فاتح وانگر مُرڪڻ لڳا- ”۽ گهٽيءَ جو نالو ڇا آهي؟“- ”معلوم ناهي.“ وري ڦٽڪن جو وسڪارو ٿيو. آخر مان آهستي آهستي من گهڙت ائڊريس ٻڌائيندي رهيس. ۽ ٿورو وچ ۾ خاموش ٿي رهيس ته ڦٽڪن جو وسڪارو ٿي پئي ويو.

اهو سلسلو ٿي پيرا لڳاتار هليو. فائدو اهو ٿيو جو هو سمجهي ويا ته مان شڪست قبول ڪري ائڊريس ڪونه ٻڌائيديس ۽ ٻيو ته هو ان ڪان وڌيڪ مار ڏيئي ڪونه ٿي سگهيا- هاڻي ”پڪو ڏس“ ملي ويو هون. رسيون کوليائون ۽ مونکي گهمڻ لاءِ چيائون. مونکي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سڄي جسم ۾ هزارين سُيون چڀي رهيون آهن. هلي ٻه نه پئي سگهيس. پاڻ کي ضابطي ۾ رکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. مونکي ٽيڪ ڏيئي ڪمري ۾ گهمائڻ لڳا. هڪ عورت آئي ۽ منهنجي پيرن تي پٽيون ٻڌائين. هو سمجهي رهيا هئا ته مون کين سچو پچو ڏسُ ڏنو آهي. هاڻي هنن جي رويي ۾ ڪجهه نرمي آئي ۽ نرميءَ سان وڌيڪ معلومات وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. ممڪن آهي منهنجو رويو ناقابل فهم هجي. ظاهري طرح منهنجي مقابلي جي قوت ختم محسوس ٿي رهي هئي، ۽ هو سمجهي ويا ته هئا ته کين صحيح ائڊريس ملي ويئي هئي. مان ايتري قدر نفرت سان پريل هئس جو ساواڪ جو هر غنڊو مون کي اصلي روپ ۾ نظر اچڻ لڳو، جيڪو مڪار ۽ انسانيت جو ويري هو.

هڪ شخص ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ان ۾ ڪابه تبديلي ڪانه آئي. پٿر جيان ٻُت ٻڻيو ويٺو هو. سندس اکيون ڪڏهن ڪڏهن بنا مقصد جي هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳيون ٿي. ظاهر ۾ هو ساواڪ جو ٺڳ يا پوليس وارو ڏسڻ ۾ ڪونه پئي آيو. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ کيس ڪو صدمو پهتو هجي، هن جو وس ڪونه پئي هليو، هن کي زبردستيءَ ڪا ڊيڃاريندڙ فلم ڏيکاري ويئي هجي. پهريائين مون ڌانهس ڪوبه خيال نه ڪيو. بعد ۾ خبر پيئي ته شاهه جي غنڊن جي وحشت ڏسي، کيس جذبو اچي ويو ۽ ساٿڻ وڙهي پيو هو، هڪڙي سپاهيءَ کي زخمي ڪري، ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ساواڪ جا غنڊا سندس پويان پيا ۽ گوليون هلائي کيس گرفتار ڪري ورتائون.

ساواڪ جا غنڊا جتو ناهي منهنجي ٻڌايل غلط ڏس طرف روانا ٿيا. آءٌ خوش ٿيس ته هو غلط ڏس طرف ويا ۽ مون کي ڪجهه سوچڻ جي مهلت ملي ويئي. پوءِ وري افسوس ٿيڻ لڳو، ڇوته اُن علائقي جي پوليس سخت چوڪسي ڪرڻ لڳندي. مون سوچيو، ٿي سگهي ٿو ان علائقي ۾ اسان جا ڪي ساٿي موجود هجن پر منهنجو خيال غلط ثابت ٿيو.

مون کي ائين پئي محسوس ٿيو ته منهنجون ٽنگون ساڻ ڪونه آهن، ٽنگون مڪمل ننڊ ۾ هيون ۽ جڏهن مون کي فرش تي اتاري بيهاريائون ته هلڻ مشڪل ٿي پيو. ٻن پهرن جو وقت هو ته هڪ شخص ڪاڏي جون ٻه پليٽون کڻي آيو. سندس هٿن ۾ چمچا ۽ ڇريون به هيون. انهن مان هڪ پليٽ هُن ميز جي پٺيان ويٺل پردي پهريل

سوئر کي ڏني ۽ ٻي پليٽ پير واري ڪمري ۾ ڪنهن لاءِ هئي. هو ڪمري ڏانهن ويندي مون وٽ ٿورو ترسيو ۽ ڪاڏي لاءِ پڇيائين- مون ڪجهه سوچي هائوڪار ڪئي ۽ هو هليو ويو. ٿوري دير ڪان پوءِ ڪاڏي جي هڪ پليٽ منهنجي آڏو رکيائين. ميز پنيان ويٺل سپاهي مون ڏانهن ڏسي رهيو هو، جنهنڪري مون ڪائڻ شروع ڪيو ۽ جيئن ئي سپاهيءَ به ڪائڻ شروع ڪيو ته مون ڪي موقعو مليو ويو ۽ مون سڌو ويهي، چُري ڪٽي پنهنجي نڙيءَ ۾ هنئي ۽ اُن کي اجا به اندر زور ڏيڻ لڳيس ته سپاهيءَ ڏسي ورتو ۽ ڊوڙي اچي چُريءَ ۾ هٿ وجهي، ڇڪي ڪڍيائين. پوءِ ته اچي گاريون ڏيڻ، لتون ۽ مُڪون هڻڻ شروع ڪيائين. ائين گوڙ تي ٻيا به ٿڳ ڪمري ۾ گهڙي آيا، اُهي به گاريون ڏيڻ لڳا ته مٿان غنڊن جي ٽولي به اچي پهتي، جن کي مون غلط ڏس ڏنو هو جنهن مان هو خوش ڪونه ٿيا هئا.

هاڻي وري نئين سر اذيتون ڏيڻ شروع ڪيائون- هن پيري بجليءَ جون شاڪون ڏيڻ لڳا. هن پيري ننڍڙي ڏندڙي جهڙو بجليءَ جو اوزار استعمال ڪري رهيا هئا. هو اُن اوزار سان منهنجي بي حرمتي ڪرڻ لڳا. سندن نشانو منهنجو جسم نه پر منهنجو خاص عضوو هيو. هنن مونکي بلڪل ننگو ڪيو، گنديون گاريون ڏيڻ ۽ چٿرون ڪرڻ لڳا جيڪو سندن پليت ذهن جو عڪس هو- هو منهنجي نازڪ عضون تي بجليءَ جا جهٽڪا ڏيڻ لڳا- اوچتو وري ذليل نڪتب ڪمري ۾ داخل ٿيو. هو غمگين ۽ پريشان نظر پئي آيو. ”ڪوبه شخص ڪيئن نه ڪميٽائپ ۽ نيچ سطح تي پهچي سگهي ٿو.“ مون دل ۾ سوچيو مگر منهنجي سوچ غلط ثابت ٿي. هن طبقاتي معاشري ۾ جيڪو شخص پورهيت طبقي سان واسطو رکندڙ ناهي ته اُهو نيچ ۽ ڪميڻو بڻجي سگهي ٿو. ان ڪان اجان به وڌيڪ بيڪار ۽ بيچڙي شيءِ بڻجي ويندو آهي. ۽ نڪتب خود مصيبت ۽ شڪست جو مظهر هو- اوچتو رڙ ڪيائين، ”توهان بينڪ کي ڌاڙو هڻڻ پيا چاهيو؟ هان ..... اسان سپني کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ ........“ اُن ڏينهن آئيزن هاور گهٽيءَ ۾ بينڪ کي ڌاڙو لڳڻو هو- ان جا نشان ذليل نڪتب جي پريشان چهري تي ظاهر ٿي رهيا هئا- جيتوڻيڪ ڪوبه گرفتار ڪونه ٿيو هو ۽ ساٿين کي سندن مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ٿي هئي. مون کي ترن ٿنگن واري ميز سان ٻڌائون. ذليل نڪتب پنهنجي پتلون لاٿي ۽ منهنجي مٿان چڙهي ويو- سندن ذلالت جي ڪا حد نه رهي. هنن مون کي ذليل ۽ بدنام ڪرڻ پئي گهريو، منهنجا اعصاب تباهه ڪرڻ ٿي گهريائون. مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، منهنجو ئي خون منهنجي اکين اڳيان وهي رهيو هو پر ”نه ..... نه ...... مون کي هر حالت ۾ خاموش رهڻ گهرجي، جيئن ڪين پنهنجي ذلالت تي شرم اچي ۽ ڪين احساس ٿئي.“ مون ثابت ڪرڻ پئي گهريو ته **”انقلابي جذبي اڳيان سندن بي حيائي، درندگي ۽ ظلم ڪابه شيءِ ڪانهي ۽ ان جو ذرو به مون تي اثر نه ٿيو آهي، مون لاءِ ان جي ڪابه اهميت ڪانهي.“** فرق به ڪهڙو هو، ڦتڪا لڳن يا برو فعل ٿئي، مون لاءِ ٻئي هڪجهڙا هئا. پنهنجي پنيان هڪ گهڻو مقصد رکيل هو ته مون ڪان هو راز پڇي سگهن ۽ اهو راز مون وٽ عوام جي امانت هو ۽ آءٌ ٻئي عذاب پنهنجي اعليٰ مقصد خاطر برداشت ڪري رهي هيس. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي ڪان وڏي جدوجهد ڪرڻ مون پنهنجو فرض پئي سمجهيو.

آءٌ اهي راز پنهنجي شاندار انقلابي تحريڪ خاطر لِڪائي رهي هيس. مون لاءِ اذيتون ۽ پيون عقوبتون وقتي هيون. مون کي مظلوم ۽ پورهيت عوام جو خيال آيو، جيڪي هڪ ڪلاڪ، هڪ ڏينهن ، هڪ سال نہ پر سڄي زندگي اهڙا عذاب سَهي رهيا آهن. هي وحشي سمجهي رهيو هو تہ منهنجي جدوجهد مان لطف حاصل ڪندو. هڪ پيرو وري مقصد ۾ ناڪام ٿيو. پيهر مونکي ڪٽ سان پڌي، ڦٽڪا وسائڻ لڳا. ڦٽڪا پراڻن زخمن تي لڳي رهيا هئا. جنهنڪري تڪليف برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿي پيئي. ارادي جي قوت تي ڀروسو ڪري، پاڻ کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ پاڻ کي بہ تماشائي ٻڌايم جڻ آءٌ ڪنهن ٻئي تي ٿيندڙ تشدد ڏسي رهي آهيان. مون کي ڪجھ ڪاميابي ٿي، ليڪن ڦٽڪا هڪ مادي حقيقت هئا، ان لاءِ فقط تصور ڪرڻ سان اذيتون برداشت ڪرڻ وس کان ٻاهر هو. ان ڪري ذهن تبديل ڪرڻ لاءِ مادي حقيقت جي ضرورت هئي. هن ڀيري جڏهن تڪليف وڌڻ لڳي تہ مون ايپڪ، ريحان، رباب ۽ قاسم جو نالو ورجائڻ شروع ڪيو. اهي مزدور ان ڳوٺ ۾ رهندا هئا جتي آءٌ پڙهائيندي هيس. ائين ٻئي محسوس ٿيو جڻ آءٌ سندن پريشان ۽ اُداس اکيون ڏسي رهي آهيان ۽ هو بلڪل منهنجي ويجهو هئا ۽ هو بہ، ڏسي رهيا هجن تہ، ”آءٌ ساڻن ڪيتري محبت ڪريان ٿي. سندن لاءِ ڪيترين اذيتون سَهان ٿي. ڇا آءٌ ساڻن وفادار رهنديس؟“ مون سوچيو- آءٌ سندن شفيق اکين ۾ اهو ڏسي رهي هيس تہ هنن کي مون کان ڪهڙي اميد آهي، آءٌ سندن محبت سان ڀريل اکين ۾ اهو پڻ ڏسي رهي هيس تہ شايد هو سوچي رهيا هجن تہ ڪٿي آءٌ سندن دشمن جي سازشن جو شڪار تہ نہ ٿي وينديس؟ (مون سندن درد کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو هو، جنهن ڪري ئي سندن جدوجهد ۾ شامل ٿي هيس تہ جيئن هو صدين جي غلاميءَ مان آزاد ٿين.) جنهن دشمن مٿن تمام ڊگهي عرصي کان ظلم ۽ ڏاڍ پئي ڪيو. آءٌ ايپڪ جي زخمي هٿ کي ڏسي رهي هيس، جيڪو ٽريءَ وٽان ڪٽيل هو ۽ جنهن تي مرهم رکيل بہ ڪانہ هئي. پوءِ بہ اُن کان ڪٽيل هٿ سان محنت ڪرائي ويندي هئي. مون کي رباب ۽ ريحان جو خيال آيو جيڪي هميشہ چيلھ جي سور جون دانهون ڪندا هئا پوءِ بہ هو ٽَرين پر نِوڙي زمين کي کيڙيندا هئا. وري منهنجي سامهون گلنار جو ڏک، زهرا جا ڳوڙها ۽ قربان جو خلوص هيو، مرزا جي معصوميت ۽ ٻاراڻي خوشي منهنجي آڏو هئي، جيڪا مون کي ڏسي، ڊڪندي ايندي هئي. ۽ ”ماسي اشرف، زنده آباد!“ جو نعرو هڻندي هئي. آئون سندن معصوم خوشي ڏسي، ٻڃي ويندي هيس. انهن عذابن ۽ اذيتن جو تصور ڪندي هيس جيڪو سندن منتظر هو ۽ سندن زندگي برباد ڪرڻ جون جيڪي تياريون پئي ٿيون، اهي ياد ڪري منهنجي دل ڦاٽڻ لڳي ۽ جوش ۾ پرجي ويئي. آءٌ جڏهن انهن ماڻهن بابت سوچيندي هيس، جيڪي اُن ننڍڙي ٻچڙيءَ کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. آءٌ ان معصوم کي مرڪندي، هنج ۾ کڻي پنهنجي دل ۾ قسم کڻندي هيس تہ، آءٌ تنهنجي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪنديس ۽ تو جهڙن ٻين معصومن لاءِ پڻ، جن کي ظالمن ڦهري زنجيرن سان جڪڙي ڇڏيو آهي. سندن مايوس ۽ ڏُبرا چهرا منهنجي سامهون هئا، ڦٽڪي جي هر وار ڪانپوءِ آءٌ اُنهن مظلومن جا نالا کڻندي هيس. مون انهن کي ۽ پاڻ کي پڻ يقين پئي ڏياريو تہ مون جيڪو ساڻن واعدو ڪيو هو سو ضرور پورو ڪري ڏيکارينديس.

ساواڪ جا چاڙتا ان غلط فهميءَ جو شڪار هئا ته هو مون ڪان هشياربند جدوجهد ۾شامل ساٿين جا نالا پڇي سگهندا. سندن اها اميد ڪيتري نه بي بنياد هئي. پڇڻ لڳا: ٻيو ڪير آهي؟ انهن جا خانداني نالا* ڪهڙا آهن؟" آخر ڦٿڪا هڻي هڻي ٿڪجي پيا. هاڻي وري هڪ ٻيو ناٽڪ ڪيڏڻ شروع ڪيائون. ختائي ريوالور منهنجي سامهون جهليو ۽ گولي هڻڻ جي ڌمڪي ڏنائين. هو مون ڪان فقط چار فوٽ پري هو. ڀريائين مون ٻہ سمجهيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿيان. هن ريوالور جي گهوڙي تي آڱر رکي ته مون ٻہ پاڻ کي سِڌو ڪري جهليو ۽ هو وري کِلڻ لڳو. هن اهو ناٽڪ ٻہ ٿي ڀيرا ورجايو ۽ سمجهي رهيا هئا ته سندن مسخريءَ ڪرڻ جي ڪري منهنجي بچاءَ ڪرڻ واري قوت ختم ٿي ويندي.

* اسان جي ساٿين پنهنجا اصل نالا بدلائي آزاديءَ جي مجاهدن جا نالا رکيا هئا. مثال طور ساٿي جواد صلاحي، حيدر امواد غلي چوائيندو هو. جيڪو ايراني انقلاب جو ناقابل شڪست مجاهد هو.

# باٻ ٽيون

## عذاب گهر جون اذيتون

(هي تہ پپ پهاڙ جا اوري،
پنهل جا پيرا، اجا بہ اڳتي.)
(مجيدي)

هڪ پيري رات جو وقت هو، نڪتب پنهنجي عملي جي ڪجهہ سپاهين سان گڏجي، مون کي **ايوين** (رضا شاهي حڪومت جي دلالن ۽ ساواڪ جي غنڊن عذاب ڏيڻ جا ڪيمپ ٺاهي ڇڏيا هئا. جن مان "ايوين" وڏي ۾ وڏو عذاب گهر آهي. هن عذاب گهر مان ڪوبہ ماڻهو راز ٻڌائڻ کان سواءِ زندهہ ٻاهر ڪونہ ايندو هو. جيڪو راز نہ ٻڌائيندو هو، ان کي اذيتون ڏيئي يا گوليون هڻي ماريو ويندو هو. اشرف دهقاني پهرين انقلابي ڪارڪن هئي، جيڪا راز ٻڌائڻ کانسواءِ زندهہ ايوين کان جيل تائين پهتي.) وٺي وڃڻ لاءِ آيو. ڪيس قيدخاني جو هڪ وڏو ڪوٽ سارڻ هو جيڪو مون کي پارائڻ لاءِ آندو هئائين. انهن مان جنهن بہ منهنجي ويجهو اچڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، تنهن کي لَت وهائي پئي ڪڍيم. آخرڪار سڀني گڏجي قابو ڪيو، ڪن ٻانهن کان جهليو ۽ ڪن وارن ۾ هٿ وڌا. تڏهن نڪتب ڪوٽ پارايو. وري اکين تي ڪاري پٽي ٻڌائون. مون کي ڪٽي ڪار جي تري ۾ اڇلايائون. ڪار تائين ويندي، مون ساڻن مقابلو ڪيو پر ڪارگر ثابت نہ ٿيو. سپ سيٽن تي ويٺا ۽ پير منهنجي مٿان رکيائون. ٿورو بہ چُرڻ پُرڻ جي ڪوشش پئي ڪيم تہ لتون تي هنيائون. ذليل ۽ وحشي نڪتب منهنجو مٿو پنهنجي گوڏن جي وچ ۾ بند ڪيو ۽ ٿورو بہ چريس تي تہ گوڏن جو زور پئي ڏنائين. اهڙي طرح اسان جاسوسي محڪمي کان اِيوين جي عذاب گهر ڏانهن روانا ٿياسين. رستي ۾ مون کي هڪ برازيل جو ساٿي ياد آيو جنهن ڏندن جي وچ ۾ پنهنجي چِپ ڏئي ڪاٽي ڇڏي هئي تہ جيئن دشمن کي ڪوبہ راز ٻڌائي نہ سگهي. مون بہ اهڙي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب ڪونہ ٿيس ۽ بهانا ڳاهڻ لڳيس تہ چپ ڪاٽڻ سان ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، چاڪاڻ جو راز لڪي بہ ٻڌائي سگهجن ٿا. شايد آءٌ پنهنجي ارادي ۾ ڪمزور هيس، ان ڪري ئي چپ ڪاٽي نہ سگهيس.

اِيوين ۾ مون کي هڪ کٽ تي اڇلايائون. اکين واري پٽي بہ ڪسڪي چڪي هئي، جنهن ڪري مون کي عذاب ڏيڻ وارا "ماهر" ڏسڻ ۾ پئي آيا. انهن ۾ باندر جي شڪل جهڙو حسين بہ هو. "مون کي ڪٽي وٺي آيا آهيو؟" مون پڇيو- "هي ماڻهو ڪير آهي؟" ثابتيءَ رعبدار آواز ۾ چيو، "هي منهنجا غلام آهن ۽ هنن جو مون ڪَن ڪاٽيو هو." ۽ باندر

جي شڪل واري چاڙتي جي سيني تي هٿ ڦيريندي چوڻ لڳو، ”هن جي به زبان مون ڪاٽي هئي.... هيءَ جڳهه منهنجي آهي ....“

مون کي چڱي طرح ياد ناهي ته هن وڌيڪ ڪهڙي بڪواس ڪئي. چرين واريون ڳالهيون ۽ عجيب قسم جي جڳهه هئي. هتي وحشي ۽ خونخوار جانور رهندا آهن. پوءِ هنن منهنجي قد جي ماپ ورتي ۽ مون کي ڪوبه ڊپ ڪونه پئي ٿيو. جوش ۾ هيس، هاڻي چا جو ڊپ ۽ چا جو فڪر- بيوقوفي ۽ واهيات بڪواس ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهن جا نالا وٺڻ شروع ڪيائين ۽ پڇڻ لڳا ته انهن مان ڪنهن کي به ڏنو اٿيئي. مون سندن نالن وٺڻ ڏانهن ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو، چاڪاڻ ته مون نه ٿي گهريو ته ڪنهن ساٿيءَ جي نالي تي منهنجو رد عمل ظاهر ٿئي. وري پڇيائون ته تون ڪٿي لڪل هئينءَ؟ مون غلط ڏس ڏنو. ان ڪان پوءِ اکين تان پٽي کوليائون ۽ هڪ وڏي ڪمري ۾ وٺي آيا، جتي هڪ ڪٺ ۽ ڪجهه ميزون رکيل هيون.

حسين جي اکين مان رت پئي ٽِميو- وارن کان جهلي ڪنڌ کي زور سان لوڏيائين ۽ ڳچي مروڙڻ شروع ڪيائين. هو جهنگلي سوئر وانگر رڙيون ڪرڻ لڳو- سندس رڙين ڪرڻ ڪري جڻ ڪن ڦاٽي رهيا هئا. پنهنجيءَ پرِ ۾ مون کي ديجاري رهيو هو. نڪتب، حسين زادو ۽ هڪ نوجوان ڪمري ۾ آيا، انهن سان گڏ ڪجهه پاڙيتو دلال به هئا- ايندي ئي گاريون ڏيڻ لڳا. ”هو...... ڪٿي آهن؟“ حسين ٻين کي پوئتي ڪندي، اچي ڪٺ تي ويٺو- وارن کان جهلي لوڏا ڏيڻ لڳو: ”نظرون ته ملاءِ جاني! نظرون ته ملاءِ ......“ مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ زمين ڏانهن نهارڻ لڳس- ڪڏهن هيڏي ڪڏهن هوڏي پئي نهاريم- هن ڏانهن ڌيان ئي نه ڏنم- بدحواسيءَ مان رڙيون ڪرڻ لڳو- وارن کان جهلي لوڏا ڏنائين ۽ وري به ساڳي بيهودي ڳالهه، ”نظرون ته ملاءِ ..... “ هي حرامي ۽ وحشي مون کان ڪهڙي اُميد پيا رکن؟ شايد هو سمجهن پيا ته مون کي اکين سان هپناٽائيز ڪندا- آخر ڪڪ ٿي، هُن پنهنجي ماتحت کي ڦٽڪي لاءِ چيو. مون ڏانهن گهُوريندي چيائين، ”مون کي سڃاڻين ٿي؟ آءٌ حسين زادو آهيان، مشهور عذاب ڏيندڙ ۽ جلاد.“ هنن کي انهن ڳالهين تي فخر هوندو آهي- پليت چهري تي گهُنڊ وجهندي رڙ ڪيائين، ”هي ايون آهي ۽ آءٌ اذيتون ڏيڻ جو ماهر آهيان.“ ظاهرظهور هيبتناڪ لڳي رهيو هو ۽ هو سڀ مون کي بيوقوف نظر اچي رهيا هئا. سندن جسم مان بدبوءِ اچي رهي هئي پر ڊپ ڪونه پئي ٿيو. هنن مون کي فرش تي ليٽايو، منهنجا هٿ گٽ سان ٻڌائون ۽ ٽنگن کي جهلي، ڪٽ کان پري ڇڪڻ لڳا، ڪي منهنجي ڪارائين تي لتون ڏئي بيٺا ۽ حسين زادو منهنجي ٽنگن تي ڦٽڪا وسائڻ لڳو- ٻيا لتون ۽ مُڪون ۽ گاريون ڏيڻ لڳا، ”چوَ.... ٻڌاءِ ....“ نرميءَ سان چوڻ لڳا، ”چري چوڪري ٻڌائين چونه ٿي، اجايو پاڻ کي تڪليف ۾ وڌو اٿئي.“

منهنجي مسلسل خاموشيءَ حسين کي پاڳل ڪري ڇڏيو. هر ڦٽڪي کان پوءِ وڌيڪ وحشي پئي ٿيو. سمجهه ۾ نه پيو اچيس ته هاڻي چا ڪري. هر ڦٽڪو وڌيڪ تيز ٿيندو پئي ويو. زور سان رڙيون ڪرڻ ۽ گاريون ڏيڻ شروع ڪيائين ..... نيٺ ٿڪجي بيهي رهيو. هنن رسيون چوڙيون ۽ چيائون ته هلي ڏيکار، مگي ٽنگون بار ڪٽڻ جهڙيون نه

رهيون هيون. هنن ڏڪا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ مون ڪي وڪون ڪٽائڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳا. پٺي حرامزادا بڪواس ۾ شروع ٿيا ته ”ٻڌائين چونه ٿي؟ جيڪي ڪجھ توکان پڇي رهيا آهيون. تنهنجا ساٿي هن وقت اڳ تان پڇي ويا هوندا. توکي خبر آهي ته اسين ڪيتري قدر هوشيار آهيون. هڪ ٻن ڏينهن ۾ سڀ گرفتار ٿي ويندا. تنهنجي ساٿين ڪي قتل به ڪري ڇڏيندا. ڪيڏي نه افسوس جي ڳالھ آهي جو هو مفت ۾ مارجي ويندا. سندن والدين جو ڪهڙو ڏوھ جو انهن جي جگر جا ٽڪرا هيئن بيدرديءَ سان ماريا وڃن. جيڪڏهن تون اسان جي مدد ڪرين ته ڪين گرفتار ڪري، سمجھائيندا سون، اُميد ته هنن ڪي عقل اچي ويندو ۽ واعدو ٿا ڪريون ته ڪين ايذاءَ ڪونه ڏينداسون. اسان ڪي اها به خبر آهي ته توکي غلط رستي تي آندو ويو آهي ۽ تون پنهنجي مرضيءَ سان ڪونه آئي آهين. پر ياد رک! نه ٻڌائڻ جو انجام موت آهي ..... موت.“

سندن بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ٻڌي حيرت پئي ٿي. هنن يانيو ٿي ته آءٌ سندن ڳالهين تي اعتبار ڪري رهي آهيان. مون به چاهيو پئي ته پَل ڪجھ وقت ائين گپ شپ ۾ گذري ۽ ڪجھ وقت لاءِ اذيتن ڪان نجات ملي. هڪ لفظ ڳالهائي، ائين ظاهر ڪرڻ لڳيس جڻ سندن سوال جو جواب ڏيڻ واري آهيان، هاڻي ڪو فيصلو ڪرڻ واري آهيان. ”اِن مان ڪو فائدو ڪونهي، ڇا چوان .... نه .... آءٌ...ڪونه ٻڌائيندس.“ پوڙهو وري ايلاز ڪرڻ لڳو. ”ضرور ٻڌاءِ، چڱو ٿيندءِ، فائدو پوندءِ.“ مون به پنهنجو ڊونگ جاري رکيو. هو اجا بس ڪري ته آءٌ وري ٿورو ڳالهايان ۽ پوڙهو وري ايلاز ڪرڻ شروع ڪري- حسين زادو تنگ ٿي پيو ۽ رڙ ڪري چورڻ لڳو: ”ٻڌاءِ، نه ته هن ڦتڪي سان دوزخ ۾ موڪليندوسانءِ.“ هر هر ساڳيو جملو چوندو رهيو. مون ڪوبه ڌيان نه ڏنو. ويتر پوڙهي ڏانهن ڏسندي چيم. ”توهان منهنجي ڳالھ تي اعتبار ڪونه ڪندا، ٻڌائي ته رهي آهيان ....گهٽي .... خاني .... آباد .... نه... نه... توهان ڪي چو ٻڌايان ته .......“ مون ڪوڙي ايڊريس ايترا ته ٻيرا ورجائي جو ان تي مون ڪي به يقين ٿيڻ لڳو. نيٺ گهٽي دير ڪان پوءِ اها من گهڙت ايڊريس ڪين ٻڌايم. هو به بيزار ٿيا هئا. ڪاوڙ ۾ پرجي ويا ۽ مون ڪي ٻيهر ڪٽ سان ٻڌائون. هاڻي هو هڪ ٿُلهو ڏندو ڪٽي آيا. مون تي ٿوڪون ۽ ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. عورت جي خاص عضون بابت ڳالهيون ڪرڻ لڳا. غدار ۽ ياڙيتو حسين زادو ڪاوڙ مان ڏسي رهيو هو. سندس چهري تي چرپڻ جا آثار ظاهر هئا. هو ڏوهاري شڪل مان صاف وحشي نظر اچي رهيو هو، پر چهري جي نقاب پٺيان هو لاچار ۽ بيوس پئي محسوس ٿيو. ڏندو هٿ ۾ ڪٽي، رڙ ڪيائين ته ”تنهنجي خبر هي ڏندو وٺندو. خبر اٿيئي، تنهنجي لاءِ ڪهڙو عذاب انتظار ڪري رهيو آهي. اسان هي ڏندو تنهنجي خاص عضوي ۾ وجهنداسين.“

نفرت وچان اندر ۾ باھ لڳي ويئي. مون لاءِ خاموش رهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو. پر اهو به ڄاڻان پئي ته جيڪڏهن ڳاريون ڏيندس ته ويتر باھ لڳي ويندن. جڏهن به ڪنهن جي خاص عضوي جو معاملو ايندو آهي ته اميد رکبي آهي ته شديد تڪليف ڪان ضرور راز اوڳاڇيندو- جيڪڏهن منهنجا هٿ ڪليل هجن ها ته ڪجھ حرام خورن جون ڳچيون مروڙي ڇڏيان ها پر مون ڪي مضبوط ٻڌو هئائون ۽ مجبور هيس. مون ڪي تمام گهٽي ڪاوڙ هئي- هي پالتو ڪتا ۽ بزدل ۽ ڊڄڻا آهن. جڏهن به انقلابين سان ٽڪر ٿيندو اٿن ته جهٽ ياڙي

ڏيو پون. پر هن وقت زنجيرن ۾ جڪڙيل، ڪمزور ۽ هيڻي انقلابيءَ آڏو پنهنجي بهادري ڏيکاري رهيا آهن. هنن جي بهادريءَ لاءِ ڇا چوان: هڪ ڪمزور ۽ زنجيرن ۾ جڪڙيل عورت کي اُبتو ٽنگي، چئني طرفن کان واري واري سان ڏڪ هڻڻ، چٺرون ڪرڻ ۽ ديڇارڻ لڳا.

هنن جي بيحيائيءَ، ذلالت ۽ پاڙپائپ جو، نفرت ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪيئن مقابلو ڪري ٿي سگهيس- نيٺ هن ڏندو هڪ طرف رکيو. نڪتب سَٽ ڏئي ڦٽڪو ڪنيو، مون سندس چهري ڏانهن نهاريو، مڪروھ چهرو جيڪو ڪيترن بيگناھ مظلومن جي رت سان رڱيل هو- خبيث، غندو ۽ پاڙيتو جيڪو عوام دشمن جو غلام هيو ۽ ٻئي طرف آئون جيڪا عوام سان حقيقي محبت ڪندڙ آهيان ..... مون تہ عوام جو ڏک پنهنجي اکين سان ڏٺو هو ۽ ڪيترائي ڀيرا صدما سٺا ۽ دشمن جي گهري نفرت جي ڪري ڪيترا ڀيرا منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي، ڳلن تان ٿيندا، چولي کي پسائي چڪا هئا- ڇا منهنجا اهي جذبا اجايا هئا ..... مطلبي هئا؟ نہ ..... هرگز نہ. مون پنهنجي زندگي عوام جي سُک ۽ آرام حاصل ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. ايڏي عظيم مقصد لاءِ منهنجي هيءَ قرباني تمام گهٽ هئي. مون کي ياد آهي تہ جڏهن آءٌ انقلابي ڪتاب پڙهندي هيس تہ عمل دوران ايندڙ مشڪلاتن جي باري ۾ ڪيترائي سوال ذهن ۾ ايرندا هئا. پاڻ کان پڇندي هيس تہ، ڇا تون انهن مشڪلاتن جو مقابلو ڪري سگهندينءَ؟ اُگتي پڙهہ، نہ تہ هيءَ ڄاڻي واڻي بي ايماني آهي جو صرف ذهني سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڙهيا وڃن ۽ هاڻي اهي مشڪلاتون منهنجي اکين اڳيان هيون. ايتري ظلم، ڏاڍ ۽ جبر کي ڏسندي پنهنجي اصول کي وسارڻ سراسر بي ايماني آهي- منهنجي نظر ۾ اصول سان فقط زباني تعلق رکڻ واري جو ڪردار نفرت جي لائق ۽ ڪريل هوندو آهي. ان عذاب بابت سوچيندي مون کي منيان لڳي ۽ آءٌ هنن جي وحشت بابت سوچڻ لڳيس. هو غدار، پاڙيتو دلال ۽ آمريڪي سامراج جو پٺو پنهنجي آقا جي ظلم ۽ بربريت کي قائم رکڻ لاءِ ذليل ترين حرڪتن ڪرڻ کان بہ نٿو ڪيبائي، هو مون کان ڪهڙي توقع ٿو رکي تہ آءٌ سندس مدد ڪريان، يعني پنهنجي ساٿين بابت کين ٻڌايان جيئن هو پورهيت عوام لاءِ وڙهندڙ سرويچن ۽ مظلوم عوام جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جا زنجير اجا بہ وڌيڪ مضبوط ڪن؟ جيڪڏهن مون راز ٻڌايو تہ ڇا ٿيندو؟ ڪٿي غدار دشمن کي اهو موقعو تہ نہ ملي ويندو تہ هو اسان جي هلندڙ جدوجهد کي ڪاپاري ضرب لڳائي؟ هو ائين ضرور ڪندو. جيڪڏهن مون راز ٻڌايو تہ ڇڻ آءٌ شاھ جي ظلم ۽ ڏاڍ جي خدمتگار آهيان. پوءِ پلي اها خدمت هڪ پَل لاءِ بہ چونہ هجي. پر هر انقلابيءَ جي زندگيءَ جو هر پل انقلاب جي خدمت لاءِ گذرندو آهي. پورهيت انقلاب لاءِ- دشمن گهري ٿو تہ ڪيس راز ٻڌايان يعني پنهنجي ساٿين بابت ٻڌايان تہ هو ڪٿي آهن؟ انقلابي اڏاء انهن جا ڏگ پيچراء گس ۽ واٽون ڏسيان جيئن هو اسان جي جدوجهد کي ختم ڪري، اجا بہ اقتدار ۾ رهن ۽ عوام کي اجا بہ وڌيڪ عذاب ڏين.

هر ڦٽڪي هڻڻ کان پوءِ نڪتب رڙ ڪري چوندو رهيو، "ايڊريس ٻڌاءِ-" هاڻي تڪليف جو احساس وڌڻ لڳو ۽ عذاب برداشت ڪرڻ وس کان ٻاهر هو. ڪاڳهڙي اهڙي بہ آئي ٿي جو چاهيان پئي تہ اذيتون گهٽن. مون کين گاريون ڏئي، وڌيڪ چِتو ڪرڻ ڪونہ پئي

گهريو. هن پيري تڪليف کان بي حال ٿي ڪِري پيس، پر پيو ڪري به چا ٿي سگهيس- اوچتو سندس چهري تي پريشاني ظاهر ٿيڻ لڳي، جڻ سندس ڪو ويجهو رشتيدار مري ويو هجي. هنن جي اها حالت ڏسي منهنجو اعتماد وڌڻ لڳو. هي وحشي پيو ڪري به چا ٿي سگهيا. هنن ڪي جيڪو ڪجھ ڪرڻو هو سو ڪيائون. مگر سڀ حربا بيڪار ثابت ٿيا ۽ ڦٽڪا هڻڻ بند ڪيائون. هاڻي وري هنن لوھ جي چمٽن سان منهنجي جسم جو ماس پٽڻ شروع ڪيو. منهنجون آڱريون چمٽن ۾ بند ڪري، مروڙڻ لڳا- دڙڪا ڏنائون ته، "تنهنجا ننهن پاڙ کان چڪي پٽيداسون، پر پٽيائون ڪونه، شايد ظلم جي ڪابہ نشاني پٺتي ڇڏڻ ڪونه ٿي گهريائون. آخرڪار هو پريشان ۽ مايوس ٿي پيا. منهنجون آڱريون جيتري زور سان مروڙي رهيا هئا اوتري ئي زور سان پنهنجا ڏند پيڪوڙي رهيا هئا. عذاب ڏيڻ جا بيا طريقا به اذيتناڪ هئا پر ڦٽڪا سيني کان وڌيڪ آزار پهچائيندڙ هئا. هنن جي ڪُوئي جهڙي شڪل تي مايوسي ڇانئجڻ لڳي. بين شرمناڪ ۽ بي رحم سزائن سان ڳڏوگڏ ڦٽڪا پڻ وسائيندا هئا.

مون کي حسين اجا تائين ياد آهي، جنهن جي چهري جون رڳون هر وقت ڳوھ وانگر ڦوڪيل رهنديون هيون. هو منهنجي جسم ۾ زور سان چمٽو هڻي، باندر جيتري طاقت سان زور لڳائي، ماس پٽڻ جي ڪوشش ڪندو هو. مايوسيءَ وچان منهنجي ڪمزور عضون کي اذيتون ڏيندو هو جيئن مون کان راز پڇي سگهي.

هاڻي هنن هڪ صندوقڙي آندي، جنهن ۾ نانگ پريل هئا. هنن مان ڪي حرامخور ڊپ ظاهر ڪندي، صندوقڙيءَ کان پري ٿي بيٺا. هراس مان هڪڙي چيو، "آءٌ هن صندوقڙيءَ کي ڏسي به نٿو سگهان، مون کي ڊپ ٿو ٿئي." اهڙي طرح هو نانگن جي دهشت پکيڙي رهيا هئا، سراسر بڪواس ڪري رهيا هئا. هنن صندوقڙيءَ جو ڍڪ ٿورو کوليو ۽ پاڻ پري ٿي بيٺا. هو ڏجي رهيا هئا ته متان ڪو نانگ نڪري ۽ کين ڏنگ هڻي. هڪ ذليل غنڊي اڳتي وڌي ڍڪ کي وڌيڪ کوليو ۽ ان مان هڪ نانگ ٻاهر نڪتو. نانگ ڪمري ۾ رکيل ميزن هيٺان هليو ويو ۽ هو غنڊا خوف ۽ هراس مان هيڏي هوڏي ڀڄڻ ڊڪڻ لڳا. مان ڏسندي رهيس ته "هو انساني روپ ۾ ڪيڏا نہ خوفناڪ ۽ وحشي حيوان هئا، بيحيائيءَ جي حد ڪري ڇڏيائون. هو انسانيت جا ويري ۽ قاتل هئا." انسان ۽ حيوان ۾ وڏو فرق آهي، پر هي پليت ۽ ذليل انسان، انسانيت مٿان اهڙو ڪارو داغ آهن جيڪو ڪڏهن بہ ڌوپي نٿو سگهي.

نيٺ ناٽڪ جي شروعات ٿي، انهن مان هڪ (جنهن جوڳيءَ جو ويس پاتو هو ۽ پاڻ کي جوڳي پئي ظاهر ڪيائين) صندوقڙيءَ وٽ آيو ۽ ان کي کولي، منجهانئس هڪ نانگ ڪڍيائين. نانگ کي منهنجي چهري آڏو جهليائين ۽ پوءِ ان کي منهنجي ڪلهي تي رکيائين. نانگ يڪدم منهنجي ڳچيءَ ۾ ويڙهجي ويو. مون ڄاڻي ورتو ته جيڪڏهن نانگ زهريلا هجن ها ته ڏنگ هڻڻ ۾ دير نہ ڪن ها. جڏهن منجهن زهر هيوئي ڪونه ته ڏنگ ڪٿان هڻن. پوءِ انهن کان ڊڄڻ ڇا جو. هنن پليتن سمجهيو ٿي ته مان ڊڄي ويندس ۽ کين سڀ ڪجھ ٻڌائينديس. ڇاڪاڻ ته سندن نظر ۾ عورت ڊڄڻي ٿيندي آهي. هنن عورت کي ڪمزور

سمجهيو آهي.ڪين عورت بابت ڪابه چارڻ ڪانهي، وٽن عورت جي ڪابه اهميت ڪانهي. اها سوچ ڪمزور ۽ جاهلانه ذهن جي سڃاڻپ آهي.

جڏهن ڪنهن عورت ڪي طبقاتي شعور ملي ٿو ۽ هوءَ هڪڙي اهڙي مرد سان ملي ٿي، جنهن ڪي پڻ طبقاتي شعور حاصل آهي ته اها عورت سوچ ويچار ۽ عملي طرح طبقاتي سماج جي مدي خارج ۽ پراڻي ڍانچي ڪي تبديل ڪرڻ لاءِ، جان سان ڪفن ٻڌي جدوجهد ڪري ٿي. اُن مقصد ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ راهه ۾ ايندڙ هر رڪاوت جو سختيءَ ۽ همت سان مقابلو ڪري ٿي. هوءَ پراڻي ۽ بيحيائيءَ واري نظام جي جاءِ تي زندهه رهڻ جو نئون طريقو ۽ نئون سماج اڏڻ ۾ ڀرپور حصو وٺي ٿي، جنهن ۾ هر انسان پنهنجو اعليٰ مقام ۽ عزت حاصل ڪندا آهن. ان سماج ۾ سڀ انسان آزاد هوندا آهن، ڪوبه ظالم ۽ جابر ۽ وحشي نه هوندو آهي. هر شخص گهڻائيءَ جي فائدن لاءِ سوچيندو آهي ۽ هڪ ٻئي سان پيارپيءَ وارو ورتاءُ ڪندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اها فقط عورت نٿي رهي جو رجعت پسند ۽ ظالم ڪيس پنهنجي سيج جو سينگار بڻائين. پر هوءَ هاڻي هڪ **”انسان“** بڻجي وڃي ٿي ۽ آزاديءَ جي گس تي هلي ٿي، جتي سڀني لاءِ آزادي آهي. هوءَ اهڙي سماج جي اڏاوت لاءِ مدد ڪري ٿي جنهن ۾ سڀ انسان حقيقي آزادي ماڻين ٿا ۽ ان معاشري جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ مرد توڙي عورتون ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، ڪم ڪندا آهن. هي پاڙيتو دلال اهڙي پاڪ معاشري جي اهميت ڪي نه ٿي سمجهن پيا ۽ نه وري مون ڪي اهڙي اميد هئي. هو هڪ ڀيرو وري ناڪام ٿيا. نانگ منهنجي جسم تي گهمندا رهيا ۽ آءٌ اطمينان سان ويٺي رهيس. مون چيو، ”بس! ڇا توهان سمجهيو پئي ته آءٌ ڊڄي وينديس؟“ هو چوڻ لڳا، ”ڇا ٿڌڪندڙ پاڻيءَ واري عذاب جي توکي خبر آهي؟“ جڏهن اسين ٿڪندڙ پاڻيءَ جي بوتل تنهنجي خاص عضوي ۾ وجهنداسين ۽ اجا ته اسان ڪجهه ڪيو ئي ڪونهي. هي سڀ پاراٽو ڪيل آهي، پر گرم پاڻيءَ جون بوتلون هن وقت تائين ڪوبه برداشت ڪري نه سگهيو آهي. هن ڪنگليءَ ڪي بوتل گهرجي. بوتل .....ها ....ها ....ها .... بوتل .... ها .... ها .... ها .... پڌائين ٿي يا اڃي گرم پاڻيءَ جي بوتل .... ها .... ها .... ها.... “ سڀ ڪل ۾ ڪيرا ٿي ويا.

وري نئون ناٽڪ شروع ٿيو. حسين زادو، نڪتب، جوان ۽ ٻئي پوڙها مهربان ٿيو بيٺا هئا. هڪ پوڙهي چيو، ”ماڻهو ايترو ته مايوس ۽ مجبور ٿي ويا جو خودڪشيءَ جون ڪوششون ڪرڻ لڳا. مگر خدا جي واسطي ڇوڪريءَ سان ايئن نه ڪجو ڇو ته هيءَ ايتريون اذيتون سَهي نه سگهندي.“ ۽ هو وري بوتلون کڻڻ هليا ويا ۽ جوان تجربي جي بنياد تي نصيحت ڪرڻ لڳو. ”توکي خبر آهي ته آءٌ اوهان جي نظريئي جي عزت ڪريان ٿو. آءٌ نٿو چوان ته تون مونکي اشتراڪي سمجهه، پر آءٌ امام علي رضه جي پيروي ڪندڙ آهيان. اسان به چاهيون ٿا ته غربت، ڏاڍ ۽ ظلم ختم ٿئي، پر ڪم ڪرڻ جو طريقو هئڻ گهرجي.“ هڪ ڏينهن ۾ دنيا بدلجي وڃي سا نا ممڪن نه سهي پي مشڪل ضرور آهي. توهان غلط رستي تي هلي رهيا آهيو.

ڀرپائين ماڻهن ڪي علم..... ”۽ جاوان (آفيسر) چڙب ڏيندي چيس ته، ’ڪهڙي بڪواس ڀيو ڪرين‘ ”هن ڇوڪريءَ جي زندگي تنظيم لاءِ وقف ٿيل آهي.“ ايتري ۾ بوتلون اچي ويون. پوڙها ٻاهر هليا ويا. مون ڪي ڪٽ سان اونڌو پڌائون. بوتلون ويجهو آڻي

وري پري ڪيائون. وري بوتلون ويجهو آنداون ۽ سور ۾ تڪليف جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. آخرڪار جنهن بابت ڳالهيون پئي ڪيائون سا حرڪت ........ مگر مون ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي، هو حيرت ۾ مايوسيءَ وچان ٻُت ٻڻجي ويا. چرڻ راڪاس گهمي ويو هجي. سچو ڪمرو ويران ٿي ويو چڻ ته ڪمري ۾ ڪوبه موجود ڪونهي. صبح به ٿيڻ وارو هو. آخرڪار خاموشي ٽوڙيائون ۽ مون تي لتن، مُڪن ۽ چماٽن جو مينهن وسائي ڏنائون. شايد آمريڪي پٺو رضا شاهه جو ڪين اهڙو حڪم هو ته هرو پرو ڇوڪريءَ کي مارڻو ناهي. پوءِ ڇا ٿيو- مون کي ياد ڪونهي ڇاڪاڻ ته آءٌ بيهوش ٿي وئي هيس.

جڏهن مون کي هوش آيو ته پاڻکي هڪ سپاهيءَ جي ڪُلهي تي ڏٺم جيڪو جيڪو مون کي جيل ڏانهن کڻي وڃي رهيو هو. مون هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا ته سپاهي چنبڙي ويا. ڪن پاسن کان ته ڪن ٽنگن کان پڪڙيو. ايترو سو وجهه مليو جو سپاهيءَ جي ڳڻ ۾ چَڪ هڻي ڪڍيم. وري به لتن، مُڪن ۽ چماٽن جو وسڪارو ٿي ويو- آءٌ ٻيهر بيهوش ٿي ويس. اک کلي ته پاڻ کي ڪٽ سان ٻڌل ڏٺم. مون کي قميص اهڙي پارائي هئائون جو جنهن مان منهنجي ڪنوارپ ظاهر پئي ٿي. هڪ ماريل، لاچار، بيوس ۾ اڌ مئي قيدياڻيءَ جي چوڪسي پنج سپاهي ڪري رهيا هئا. اها حالت اُن ڪري هين جو هٿياربند جدوجهد سندن ساهه سُڪائي ڇڏيو هو. هو ڊنل هئا. ۽ ڪين خبر هئي ته آءٌ هڪ اهڙي تنظيم سان واسطو رکان ٿي جنهن رضا شاهيءَ جي ظالم حڪومت کي ختم ڪرڻ جو قسم کڻي ڇڏيو آهي. دشمن جي هراس جو پيو سبب هٿياربند جدوجهد هئي جنهن سندن دماغ جا پردا خشڪ ڪري ڇڏيا هئا. هٿياربند جدوجهد ڪندڙ مجاهدن سان مقابلو ڪرڻ سندن وس کان ٻاهر هيو.

هنن منهنجي تصوير پنهنجي ذهن ۾ نقش ڪري ڇڏي هئي- مون کي ٻڌايائون ته جاسوس کاتي جو هڪ پاڙيتو دلال مون کي ڏسڻ گهري ٿو. ڇاڪاڻ ته اِيوين مان بغير شڪست جي جيل تائين پهتي آهيان. مون لاءِ اهو به مشهور ڪري ڇڏيائون ته آءٌ جودو ڪراٽي جي ماهر آهيان. جيتوڻيڪ هو غلط هئا. پر هنن کي يقين هو ته آءٌ جودو ڪراٽي ڄاڻندي آهيان. هڪ ڀيري مون قيدخاني جي هڪ جلاد عورت کان ٻئي جلاد مرد بابت ڳالهه ڪندي ٻڌو هيم ته اهو جلاد جڏهن به منهنجي ڪٽ جي پرسان لنگهندو هو ته پستول سنڀالي لنگهندو هو ۽ ڪٽ کان ڪافي پري گهمندو هو. هاڻي منهنجي اکين اڳيان اونده ڇانئجڻ لڳي ۽ جهٽ کن کان پوءِ وري بيهوش ٿي ويس- جڏهن هوش آيو ته ڪٽ جي ڀنهي پاسن کان سپاهي ويٺل ڏٺم. ٿوري دير کان پوءِ هڪ عورت ڪمري ۾ آئي. ”هيءَ ڪير آهي؟ ڇا هيءَ اها عورت آهي، جيڪا نواب صفويءَ جي اڳيان اگهاڙو ناچ ڪندي هئي؟“ مون نفرت وچان ڪيس ڏٺو ۽ به ٽي گاريون ڏنيون مانس- جلاد ڪمري ۾ پهچندو آيو ۽ چوڻ لڳس: ”پريشان ٿيڻ جي ڪابه ضرورت ناهي، ڊڄ نه ..... ٿورو بداخلاق آهي، نه ته ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي، ڪيس گمراهه ڪري سندس ذهن ۾ غلط ڳالهيون ويهاريون ويون آهن ۽ وري هوءَ به ”عقلمنديءَ“ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. مون وري مٿس ٿڙون ڪيون. سندس تقرير اڌ ۾ ڪاٽي چيم پئي ته: ”مون اها ڳالهه نه سمجهي، وري ٻڌائجانءِ.“ ۽ هن وري سمجهائڻ شروع ڪيو.

## باب چوٿون

# وڏيڪ گرفتاريون

(ڪو ڪيئن نہ ٻوڙي مقتل ڏي،
آ رَت ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي،
تا زلف چڪن زنجيرن جا.)

مون پڪو پهہ ڪيو تہ ڪجهہ ٻڌائڻو ناهي- مون کي خبر هئي تہ سڀني ساٿين کي منهنجي گرفتاريءَ جي خبر آهي چاڪاڻ تہ ان وقت ساٿي بهروز گهٽو پري ڪونہ هيو جڏهن مونکي گرفتار ڪيو ويو هو- گرفتاريءَ وارو ڏيک هن سچو ڏٺو هوندو. گرفتار ٿيڻ واري وقت کان ٿورو پوءِ آءٌ ڪجهہ ساٿين سان ملڻ واري هيس ۽ هن اها جاءِ خالي ڪرائي ڇڏي هوندي جيڪا اسان جو عارضي مرڪز هئي. ان کان وڌيڪ اهم ڳالهہ هيءَ هئي تہ دشمن کي ڪوبہ راز ٻڌائڻو ناهي تہ جيئن دشمن ائين نہ سمجهي تہ هو معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

دشمن منهنجي پاڇائيءَ کي وٺي آيا جيئن اها مون کي سمجهائي، جيتوڻيڪ ان کي اسان جي تنظيم بابت ڪابہ خبر ڪانہ هئي. دشمنن اسان جي گهر تي ڇاپو هنيو ۽ ايتري سختي ڪيائون جو ٻارن کي امتحان ڏيڻ لاءِ بہ نہ ڇڏيائون. هوءَ ويچاري ٻيٺي پير چورڻ لڳي، .اشرف! هي توکان ڇا ٿا پُڇن؟ هنن کي ٻڌاءِ-" "ٻڌايان ءِ!"

"قصو ڇاهي؟" "ٻڌ-" ائين چئي مون ڳائڻ شروع ڪيو.

"ڳات اوچو ڪري زندهہ رهو،
۽ ڳات اوچو ڪري موت کي سامهون ٿيو،
جيون ڳهارجي،
اصول لاءِ،
آزاديءَ لاءِ،
ڇوٽڪاري لاءِ.

۽ خياتيءَ کي آخري فيصلو ڪرڻو پيو تہ هو نااميد پاڇائيءَ کي واپس وٺي وڃي. پوءِ وري هو هڪ نقلي دوست وٺي آيا تہ نسورو ڪوڙ ڳالهائي، هن چيو، 'پويان هڪ پيرو بهروز

کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو بچي ويو. هو پيهر بهروز کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.“ پوپان منهنجي نالي خط ۾ لکيو.

”اشرف! اسان جا اختلاف وڏي ويا آهن، مون پڪو پهه ڪيو آهي ته بهروز کي ضرور قتل ڪندس.“ نسورو ڪوڙ. اها دشمن جي سازش هئي ۽ سندس پاڙياڻپ جو ثبوت ۽ سندس وحشي رويي ۽ بي ايمان ذهنيت جو عڪس هئي. خط ۾ وڌيڪ لکيل هو ته: ”جيڪڏهن تون هنن (انتظاميه) سان اختلاف رکندين، ته مرندين-!“

دشمن جا چاڙتا نيٺ منهنجي پنهي پائرن کي به مون وٽ وٺي آيا. هنن گهڻو ڪونه ڳالهايو- ننڍي ڀاءُ جا هٿ سڄيل ۽ منهن تي پڻ زخم هيس. وڏي ڀاءُ کي به معاف ڪونه ڪيو هئائون. شايد شاهه جا غنڊا اهو ڏيکارڻ پيا گهرن ته هنن منهنجي سڄي خاندان کي گرفتار ڪيو آهي. هو جڏهن به منهنجي مائٽن يا دوستن کي وٺي ايندا هئا ته آءٌ وري دشمن جي اڳواڻن ۽ جرنلن کي گاريون ڏيندي هيس: ”هنن کي ڏسو! سامراجين جا پنو اٿوءِ ڏسو! جيڪي هميشه اسان جهڙن مسڪينن جو رت چوسيندا آهن. هي مفت خور تيستائين زنده رهي سگهن ٿا جيستائين اسان کين زنده رهڻ ڏيون. اسان کي گهرجي ته هنن ذليل ۽ وحشي جانورن کي پڃريءَ ۾ بُٽ وجهي، بند ڪري رکون يا ماري ڇڏيون.“

اُها ڪُوئي ٻوٽي عورت سڙي ويندي هئي ۽ هوءَ هرو ڀرو پاڻ کي با اختيار ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هوءَ جڏهن به ڪاوڙبي هئي ته وارن کان جهلي سَٽون ڏيندي ۽ وار پٽيندي هئي. آخت ۾ چماٽون هڻندي، ايستائين ماريندي رهندي هئي جيستائين منهنجي نَڪ مان رت نڪري پوي. ڪافي عرصي تائين هوءَ مون سان اهڙو ورتاءُ ڪندي رهندي هئي.

هڪ رات هو هڪ اهڙي سُئي (انجيڪشن) ۽ دوا جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا جنهن جي اثر ٿيڻ سان ماڻهو پنهنجي ليکي (نشي ۾) ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي. آءٌ وري مٿن ٺوڪون ۽ چٿرون ڪرڻ لڳيس ته: ”اهو ٻاراڻو ناٽڪ آهي“ جيڪڏهن ڪوبه ڳالهائڻ نٿو گهري ته ان کي ڪابه دوا اثر ڪري نٿي سگهي. جيڪو هڪ پيرو پڪو پختو ارادو ڪري ٿو ته ان کي ڪوبه سندس مقصد تان هٽائي اها ڳالهه ارڻ ٿيڻي نه ته به تمام ڏکي ضرور آهي. جيڪڏهن اهڙي دوا هئي ته اُٻ چونه پئي استعمال ڪئي وئي ۽ توهان کي هيتري تڪليف ڪرڻي ڪانه پوي ها. اوهان جو مقصد ڪافي اُٻ پورو ٿي وڃي ها. بيوقوفن وانگر جواب ڏنائون ته، ”اها دوا تمام گهڻي مهانگي آهي ۽ سيني تي اها دوا استعمال ڪونه ڪبي آهي.“ هاڻي مون کي به ٿورو خيال ٿيو ڇاڪاڻ جو ننڍپڻ ۾ مون کي به ننڊ ڳالهائڻ جي عادت هئي. ۽ دوا جون ڳالهيون ٻڌي، دپ ٿيڻ لڳو ته متان ائين ٿئي جيئن هو چون ٿا. ان دوران هو ڪير ڪٽي آيا ۽ مون پيئڻ کان انڪار ڪيو، ڇاڪاڻ جو مون چريءَ سان نڙيءَ کي زخمي ڪري ڇڏيو هو. صبح جو وري ڪير ڪٽي آيا. ٻهرياڻين نرميءَ سان پيئڻ لاءِ چيائون، مون انڪار ڪيو. ان تي ڪوئي ٻُوٽيءَ چڙب ڏني ۽ پيئڻ لاءِ چيو. تڏهن به مون ڌيان ئي نه ڏنو پوءِ ته اچي چماٽن ۽ ڏَڪن سان ورتائين- نيٺ ٿڪجي پئي. لاچار هو نا اُميد ٿي موٽي ويا ۽ ويندي ويندي چيائون، ”ياد رک! اسان توکي ڳاڙو ضرور ڳارائينداسون. هرو ڀرو نه مڙنديءَ ته اسان توکي ..... پاسي کان ڳاڙو ڳارائينداسون.“

ٿوري دير کان پوءِ هڪ ڊاڪٽر آيو. ڪيس گلوڪوس جي هڪ ٿيلهي هئي. مون ڪيس گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. ڊاڪٽر آهستي چيو، ”مون کي گاريون ڇو ٿي ڏين؟ آءٌ جلاد ڪونه آهيان. مختلف سرڪاري ادارن ۾ ڊيوٽي ڏيندو آهيان، جن ۾ هي ادارو به ......“

”شرم نٿو اچيوَ! جلادن ۽ قاتلن جو ساٿ ڏيو ٿا. قاتل ۽ وحشي حڪومت جا پليت غلام پري ٿيءُ. توهان به شاهه جي ظالم حڪومت جي ظلمن ڪرڻ ۾ سندس پائيوار آهيو.“ مون سندس جملو اڌ ۾ ڪاٽيندي چيو. ڊاڪٽر ۽ سندس مددگار ڪمپائونڊر مون ڏانهن وڌڻ لڳا ته مون ڪين لتون هڻڻ شروع ڪيون. مٿان وري ڪُوئي پوتي ۽ هڪ سپاهي ڪمري ۾ گهڙيا. ٽنهي گڏجي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان گوڙ تي به چار بيا به سپاهي ڪمري ۾ آيا. سڀني گڏجي سوگهو جهليو ۽ ڊاڪٽر به چار سُيون هنيون ۽ گلوڪوس جي بوتل پڻ لڳائي. لڳاتار ٽيرهن ڏينهن مون ڪاڌي کائڻ کان انڪار ڪيو ۽ هو سُين ۽ بوتلن ذريعي خوراڪ ڏيندا رهيا. مون پڌو هو ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي رڳن ۾ هوا داخل ٿي وڃي ته اهو مري ويندو آهي. ان ڊپ کان آءٌ هميشه ڊاڪٽر کي بوتل يا سُئي سولائيءَ سان هڻڻ کانه ڏيندي هيس. هو جڏهن به بوتل يا سُئي هڻندو هو ته آءٌ چرڻ پُرڻ شروع ڪندي هيس، جيئن ڊاڪٽر کان غلطي ٿئي. جڏهن پَڪ ٿي ته ڪجهه به نٿو ٿئي ته آءٌ حد تائين خاموش رهڻ لڳيس. پر تڏهن به چرڻ پرڻ کان ڪانه رهندي هيس، ڇاڪاڻ ته مون نٿي چاهيو ته دشمن کي خوش فهمي ٿئي ته هن مون تي برتري حاصل ڪئي آهي. اها ڳالهه سَڀ کان ٻاهر هئي. اهڙي طرح کاڌي نه کائڻ ڪري آءٌ ڪمزور ٿيڻ لڳيس ۽ منهنجو دماغ چڪر کائڻ لڳو. ان سان گڏوگڏ اکين اڳيان اوندهه اچڻ شروع ٿي ۽ ان وقت ڪابه شيءِ ڏسڻ ۾ ڪانه پئي آئي. خبر ئي ڪانه ٿي پئي ته ڪيترا ڏينهن گذري چڪا آهن. سدائين پليتن ۽ حرامخورن سان ڪمرو پريل هوندو هو. ڪيئي جنرل مسخرن واريورديءَ سان ايندا هئا ۽ ڳالهين ۾ مجائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. شايد هو سمجهن پيا ته ڌاتوءَ جي ٽُڪرن سان مون کي قابو ۾ ڪندا ۽ تمغا حاصل ڪندا، جيڪي بهادريءَ ۽ اڳواٽيءَ جي صلاحيتن سان حاصل ڪري نه سگهيا هئا. اهي تمغا خوشامد، نالائقي ۽ دلاليءَ سان حاصل ڪيا هئائون، اڄ جيڪا سندن حالت هئي سا انهن ”اعليٰ صفتن“ جو ڪارنامو هئي. ماتحت سندن خوشامد ڪندي، ڪونه ڊاپندا هئا، انهن وردين ۾ هو چبرا نظر ايندا هئا. مون کي مٿن ٺوڪ ڪرڻ يا سندن اصليت بيان ڪرڻ ۾ ڪابه رنڊڪ پيش ڪانه ايندي هئي، اهو گهٽي ڪوشش هوندي به پاڻمرادو ٿي ويندو هو. پر منهن جي پڪائي ڪري، هو ڪجهه وقت تائين ڳالهائيندا رهندا هئا. جڏهن به سندن عزت ۽ حڪمرانيءَ تي سخت ”تنقيد“ ٿيندي هئي سا به سندن ماتحتن جي روبرو ته هو پنهنجي عزت ۽ حڪمراني جون ڳالهيون بند ڪري هليا ويندا هئا ۽ چوندا هئا ته ”هي ڇوڪري چري آهي.“ اتي هڪ بيوقوف نفسياتي ماهر هوندو هو جنهن وري محڪمي طرفان اعلان ڪرائي ڇڏيو ته ”آءٌ پاڳل آهيان.“

مون کي پوليس قيد ۾ به ٿي ڏينهن گذريا هئا ته خياتي ۽ نڪتب جانچ لاءِ آيا. منهنجي باري ۾ فائيل بغل ۾ ڪري، پاڻ کي اعتماد ۾ رکندي چيائون ته، ”هن مرحلي ۾ اسان کي ايڊريسون ڪونه گهرجن پر بيا به سوال آهن. پهريائين پنهنجو نالو ٻڌاءِ؟“ آءٌ خاموش ۽

نفرت جي نگاھ سان ڪين ڏسندي رهيس. هو وري مسخري ڪرڻ لڳا، هيءَ واقعي پاڳل آهي، هي اجا بالغ به ڪونہ ٿي آهي .... اسان جي اڳيان **ليلا خالد** ٻڻجي رهي آهي..... !! ..... !! ..... !! اڪيون ڦوٽاريندي چيائون، ”هاڻي بڪواس ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي، تنهنجو سرٽيفڪيٽ اسان وٽ موجود آهي پر اسان تنهنجو نالو تنهنجي زبان سان ٻڌڻ پيا گهرون.“

هنن پاڙيتو غنڊن، انصاف جي ڪوڙن ٺيڪيدارن ۽ عوام جي غدار دشمنن ڪي ڏسي، منهنجو رت جوش ۾ اچي ويندو هو.

هو ٻاهر ويا ۽ بجليءَ جون ڏنڀ ڏيندڙ سيخون کڻي آيا ۽ بجليءَ جا ڏنڀ ڏيڻ شروع ڪيائون. پڇڻ لڳا ته، ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڳالهائين ٿي يا نه؟ جواب ڏي.“ لڳاتار هڪ ڪلاڪ تائين بجليءَ جا ڏنڀ ڏيندا رهيا. منهنجي خاموشيءَ ڪين پاڳل ڪري ڇڏيو. ويندي ويندي ڌمڪي ڏنائون ته، ”هن وقت تائين جيڪو ڪجھ ٿيو سو سڀ پوڳ هو- اسان اڄ رات جو وري ايندا سين ۽ تنهنجي جان عذاب ۾ وجهنداسين.“ آءٌ پريشان ڪونہ ٿيس، اُلڪو ضرور ٿيو ته جڏهن اچن، اُن مهل آءٌ ننڊ ۾ نه هجان. دوا جي ڪري شايد پوري طرح توجھ نه ڏئي سگهان، مگر هو ان رات ڪونہ آيا-

ڪجھ ڏينهن ٺاپر ٿي ويئي. مون ڪي اڪثر ننڊ هوندي هئي ۽ جڏهن به گلوڪوس جي بوتل چاڙهيندا هئا ته آءٌ ساڻن وڙهندي رهندي هيس. ڪيترين حرڪتون پاراٽيون محسوس ٿينديون هيون پر منهنجو خيال هو ته آءٌ ساڻن هر وقت مقابلو ڪندي رهان. مون ڪي اهو ڏيکارڻو هو ته هو دشمن آهن ۽ ڪانئن شڪست ڪونہ مڃيندیس.

هر روز جي مصيبت ڪُوئي بوتي ء جون چماٽون هونديون هيون، جنهن ڪري منهنجي نڪ مان رت وهندو رهندو هو ۽ آءٌ وري ڪمبل سان اگهي ڇڏيندي هيس. جنهن تي ڪُوئي بوتي ڪاوڙجي ويندي هئي ۽ گاريون ڏيندي هئي ته، ”تون وڏي بدتميز آهين، تنهنجي ’سٺن‘ ماڻهن ۾ پرورش ڪانہ ٿي آهي.“ ان ڪان پوءِ وارن ڪان جهلي لوڏا ڏيڻ، وار پٽڻ ۽ وري چماٽون هڻڻ شروع ڪندي هئي. هن حرام زاديءَ جي پسند واري سزا اها هوندي هئي ته هوءَ پوليس وارن ڪي چوندي هئي ته مون سان ........ جيڪا ذلالت جي حد هئي.

جلاد ۽ دلال آفيسر ڪمري ۾ اچي بڪواس ڪري، لطف حاصل ڪندا هئا. نڪتب مون لاءِ ناقابل برداشت هوندو هو، هو هميشه انتهائي گنديون گاريون ڏيندو هو. انتهائي بي حيا ۽ جلادن واري شڪل ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪيس ڏسي مون ڪي تمام گهڻي ڪاوڙ ايندي هئي. گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ پاڻ ڪي ٺاپر ۾ رکندي هيس. آءٌ گهرندي هيس ته مردود ڪمري ۾ نه اچي. مون ڪي اها به خبر هئي ته هو منهنجي غلطيءَ جي تاڙ ۾ آهي ۽ آءٌ ڪين اهڙو وجھ ڏيڻ ڪونہ پئي گهران. هڪ ڀيري ڪمري ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو، ”تنهنجو جلاد اچي ويو آهي.“ ائين چوندي ڪيس خوشي ٿيندي هئي. آءٌ جواب ۾ چوندي هيس ته، ”توهان سڀ شيطان جي اولاد آهيو ۽ توهان ٽنهن ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي.“ مون حقيقت کي پروڙي ورتو هو. سندن سامهون پاڻ کي هميشه ٿڌي رکڻ جي ڪوشش ڪندي هيس ۽ سيني دشمنن ڪي هڪجهڙا گند جا ڪينئان سمجهندي هيس.

ڪُوئي پوتي مون ڪي جڏهن بہ بدتميز چوندي هئي تہ پيا آفيسر وري نئولين واري همدردي ظاهر ڪندا ۽ چوندا چوندا هئا، ”هن چوڪريءَ جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي، توهان ڪي خبر هوندي تہ هن جو پيءُ ڪير هو؟ هڪ مسڪين ۽ ڪنگلو مزدور!“ اهو خاص ڪري تڏهن چوندا هئا جڏهن عام ماڻهو سياست (پوليس) ۾ پرتي ڪندا هئا ۽ اهي غنڊا وري پورهيت عوام جي ڳالا ڪندا هئا. آءُ چوندي هيس، ”ان ڪري ئي تہ عوام توهان جي ظلم ۽ ڏاڍ ڪان تنگ ٿي، اوهان جا پير اکاڙڻ گهري ٿو. اوهان سڀ گڏجي عوام ڪي ڦري فقير ڪري رهيا آهيو ڪين دوکو تا ڏيو، ساڻن فريب ٿا ڪريو تہ اوهان سندن (عوام جي) عزت، مال ۽ جان جي حفاظت ٿا ڪريو. توهان ۾ ايتري غيرت ۽ شرافت ڪانهي جو اوهان سندن محبت ۽ پورهئي جو قدر ڪريو، جيڪي پنهنجي ڪمزور ڪلهن تي توهان جي حڪومت جو لاش ڪنيو گهليندا وتن.“ هو پنهنجي فطري عادت موجب شاهہ جا پنو هوندي بہ ظالم شاهہ ۽ سندس حڪومت جو بچاءُ بہ اصلي نہ ڪندا هئا ۽ نہ وري سندس ڏوهہ ڪي صحيح چوندا هئا. سندن هر عمل رڳو پنهنجي ڪرسي ۽ لئہ خاطر هوندو هو. سندن رد عمل اهو هوندو هو جو پنهنجو پاڻ ڪي حڪومت جي افعالن ڪان بيخبر رکندا هئا. جڏهن پاڻ بہ حڪومت جي خلاف آهن، ”افسوس! اسان چا ٿا ڪري سگهون؟ انسان ڪي مزدوري ڪرڻي پوي ٿي ۽ پيٽ ڪارڻ تڪر گيو ڪمائڻو آهي...“

ساٿي بهروز جي گرفتاريءَ ڪان هڪ ڏينهن اڳ ۾ دستور موجب مخفي پنهنجي وحشي جانور واري روپ ۾ ڪمري اندر داخل ٿيو. هاڻي هو معلومات وٺڻ نہ پر مونکي تڪليف ۽ ايذاءُ رسائڻ ايندو هو. سندس گندي ذهن ۾ شيطاني خيال پريل هئا ۽ انهن ڪي آزمائيندو هو. هڪ پيري مخفيءَ هڪ سپاهيءَ ڪي سڏي، چيو تہ چمچو ڪٽي ڪرپتيءَ (ڪاڪوس) واري دبي مان پري هن جي (منهنجي نالي) وات ۾ وجهينس. اها ڳالهہ ايتري تہ بيوقوفيءَ واري هئي جو مون سمجهيو تہ رڳو دهمان ٿو ڪري، مگر سپاهي چمچو ڪٽي آيو ۽ ان جي حڪم جي پيروي ڪرڻ شروع ڪيائين. تڏهن مون ڪي پڪ ٿي تہ هو ضرور ائين ڪندو جيئن سندس آقا حڪم ڪيو اٿس ۽ ان تي مون ڪي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ايتريقدر جو مون ڪي اها بہ يادگيري نہ رهي تہ منهنجا هٿ ڪٽ سان پڌل آهن. مون اوچتو ٽپ ڏنو جيئن اهو دبو ڪٽي، ذليل مخفيءَ جي مٿان اُڇلايان. پر منهنجا هٿ پڌل هئا ۽ آءُ دبي جي پرسان وجي ڪريس. دبو اونڌو ٿي پيو ۽ آءُ سجي ڪرپتيءَ ۾ پرجي ويس. هن ٺڳ ڪي منهنجي اُن ردعمل جو ڪو وهم گمان بہ نہ هو. ڪاوڙجي سپاهيءَ ڪي چيائين تہ ڪرپتي ڪٽي منهنجي مُنهن ڪي مکي ۽ وات ۾ بہ وجهي. هن مون ڪي ڪٽ سان وڌيڪ مضبوط ڪري پڌو ۽ پوءِ حڪم جي پيرووري ....... ڪيائين. آءُ ڪين فقط نفرت سان ڏسندي رهيس ۽ ڪاوڙ ۾ منهنجون اکيون ٽاندا ٻڻجي ويون.

نهايت افسوسناڪ صورتحال هئي. پولڙي بوٽيا جن ۾ وحشي جانورن جهڙيون صفتون موجود هيون ۽ هو انهن حرڪتن مان لطف وٺي رهيا هئا- هڪ ڪانپوءِ بيو آفيسر ڪمري ۾ ايندو رهيو ۽ مون تي چٿرون ڪرڻ لڳا، ڪو چوي تہ ”چري“ آهي تہ وري ڪو ڪمري “ اچي پنهنجي نَڪ ڪي رومال ويڙهي، پاهر هليو وجي ۽ ڪو وري چوي، ”توهان ڏٺوءِ هن ڪيئن پاڻ ڪي ڪرپتي مَکي آهي.“ ٻئي پهريدار بہ بدبوءِ جي شڪايت ڪندا رهيا

۽ الزام وري مونتي هڻندا رهيا. آءٌ پنهنجي حالت پوري طرح بيان ڪرڻ ڪان مجبور آهيان. بي عزتي ۽ گندين گارين جي ڪري مون ڪي تمام گهڻو ڏک ٿيو ۽ آءٌ نفرت ۽ ڪاوڙ ۾ پرجي ويس. پر آءٌ انهن مظلومن ۽ ڏکويل انسانن ڪي ياد ڪندي رهيس، جن ڪي مون تمام ويجهڙائيءَ ڪان ڏٺو هو ۽ سوچيندي هيس ته، ”منهنجو تعلق عوام سان آهي، پنهنجي عوام سان.“ هي ظالم اسان تي ظلم ڪن ٿا. اسان ڪي آزاديءَ ڪان محروم رکن ٿا، بي انصافي، ڏاڍ، جبر ۽ فريب جي بازار گرم آهي، اسان ڪي زندگيءَ جي اصلي خوشيءَ ڪان پري رکيو پيو وڃي- اسان ڪي ڏاڍ ۽ ظلم جو شڪار بڻايو وڃي ٿو، آمريڪي سامراج، شاهه ۽ سندس پٺوءَ سڀ اسان جي مصيبتن جو اصل سبب آهن. منهنجو تعلق عوام سان آهي، پنهنجي عوام سان. اسان هنن ذليل ۽ بدمعاشن ڪان مختلف آهيون. اسان هنن ڏوهارين، دلالن، گماشتن، لٽيرن ۽ سامراجين ڪان مختلف آهيون، اسان هنن ڪان الڳ آهيون. اسان مضبوط ارادي سان سندن مقابلي لاءِ تيار آهيون. اسان جو ايمان آهي ته آخري فتح اسان جي ٿيندي، فتح عوام جي ٿيندي. اسان جدوجهد لاءِ پختو ارادو ڪري چڪا آهيون. اسان ايستائين جدوجهد ڪنداسين جيستائين هو (دشمن) مڪمل نيست ۽ نابود ٿي وڃن، ناانصافي، ڦرلٽ، ظلم، جبر ۽ بربريت جو وجود تباهه ۽ برباد ٿي وڃي، فتح اسان جي ٿيندي، فتح عوام جي ٿيندي، ان ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهه ارڙ ٿيڻو آهي.

❋

# باب پنجون

## ساٿي بهروز دهقانيءَ جي گرفتاري، اذيتون ۽ شهادتون-

[ گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.]
(شاهه)

ٻيءَ رات ساٿي بهروز گرفتار ٿي ويو. ڏسندي ڏسندي ٿي گوڙ گهمسان ٿي ويو. پاڙيتو دلال هيڏي هوڏي ڀڄڻ ڊڪڻ لڳا. بهروز جي عظمت بلند ٿي چڪي هئي، هو گرفتار ٿي ويو. جڏهن ڪيس وٺي آيا ته ته سندس گجگوڙ سان سڄي عمارت لڏڻ لڳي. شاهه جا دلال، پٿر جا بت بڻجي ويا. هو اهڙيون گاريون ڪري رهيا هئا ڇڻ ساٿي بهروز خونخوار ۽ وحشي جانور آهي. ڪجهه سپاهي جيڪي ساٿي بهروز جي گرفتاريءَ مهل اتي موجود هئا، سي پنهنجن جوڙيوالن سان گاليون ڪري رهيا هئا ته هو (ساٿي بهروز) ڪيڏي بهادريءَ سان وڙهي رهيو هو، هو ان وقت تائين دشمن سان مقابلو ڪندو رهيو جيستائين وٽس گوليون موجود هيون ۽ ڪيئن هُن آخري گوليءَ سان پاڻ کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي پر دشمن ڪيس قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جيتوڻيڪ ويڙهه ۾ سندس ٽنگ ڀڄي پئي هئي پر پوءِ به دشمن سان وڙهندو رهيو. دشمن ڪيس رسين سان ٻڌي آٽي ڪمري ۾ اڇلائي ڇڏيو. پوءِ دشمن سندس ويجهو وڃڻ کان ڪيٻائي رهيا هئا ۽ پري کان ڪيس ڏسندا رهيا. ساواڪ جي جلادن ۽ قاتلن کي هُنن ساٿي بهروز سان نبرڻ لاءِ گهرايو ڇاڪاڻ جو هو عام پوليس جي وس کان ٻاهر هو. ڪين يقين هو ته هنن کي اذيتن جي خوني ڪتاب جا سڀ عذاب ڏيڻ وارا طريقا استعمال ڪرڻا پوندا ۽ تڏهن ئي ڪين ڪاميابي حاصل ٿيندي. ساٿي بهروز پيدا ئي ڏکن ۾ ٿيو هو، سڄي زندگي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ گذاري هئائين. سندس زندگي عوام لاءِ ڪم ڪندي گذري هئي. سندس زندگي صرف ۽ صرف عوام لاءِ وقف ٿيل هئي ۽ هن زندگيءَ جو گهڻو حصو هارين ۾ گذاريو هو ۽ هو مسڪين مزورن جي زندگيءَ مان به چڱيءَ طرح واقف هو ۽ هو عوام سان پيار ڪندڙ هو، دشمن سان سخت نفرت ڪندو هو- اها گالهه دشمن پنهنجي اکين سان ڏٺي هئي ۽ ان ڪري ئي هو ڪانئس ڊڄي رهيا هئا.

رات جي وقت پاڙيتو دلالن جي حالت ڇتن ڪُتن جهڙي هئي. ڦٽڪن جي زوردار آواز سان گڏ ساٿي بهروز جي آسمان سان ٽڪرائيندڙ رڙ ذليل دشمن جي وحشي هجڻ جو ثبوت هئي. وحشي ڪتن ۽ بي شرم سامراجي ڇاڙتن جون چرين وانگر رڙيون

هيون. جڏهن به ڦٽڪن جو آواز بلند ٿيندو هو، تڏهن ساٿي بهروز دشمن کي چوندو هو، ”جاهلو، ذليلو! توهان عوام کان نيٺ ڇا ٿا گهرو؟“

شاهه جي دلالن منهنجي ڪمري جو دروازو ان ڪري کولي ڇڏيو ته جيئن آءٌ سندس اذيتن جو آواز ٻڌي سگهان. هڪ ٽولي ساٿي بهروز کي اذيتون ڏئي ٽڪجي منهنجي ڪمري وٽ پهچندي هئي ته ٻي ٽولي کيس اذيتون ڏيڻ ويندي هئي. حسين زادو ته ڇتو ٿي پيو هو. هن سڀ ڪپڙا لاٿا هئا ۽ فقط هڪ چڊي پاتل هيس. جنهن ڪري هو مون کي ”پاڳل خاني جو ڪٺ مست چريو ٿي لڳو.“ هو پيرين اگهاڙو منهنجي ڪمري کان ساٿي بهروز واري عذاب گاهه تائين ڊڪي پچي رهيو هو. ٻين شيطانن سان گڏوگڏ هو به هر واري مون کي گاريون ڏيڻ ۽ ٺڪون هڻڻ لڳو ۽...... ڇوته منهنجي ڪمري مان بدبوءِ اچي رهي هُئي، ان ڪري هو منهنجي ڪمري وٽ گهٽو وقت ڪونه پئي ترسيا، هو ٺوڪون ۽ ڇٽرون ڪندا رهيا. حسين زادو چوڻ لڳو، ”ڏنوَ هِن رن جي حرڪت! ڪيئن نه پاڻ کي ڪرپٽيءَ سان ليپو ڏئي ڇڏيو اٿس، جيئن اسان سندس ويجهو نه وڃي سگهون!“ هو پنهنجي ذلالت کان واقف هئا ان ڪري هو بڪواس ڪري رهيو هو- انتهائي وحشت جي باوجود، سندن بيوسي ظاهر هئي. هو حقيقت ۾ پنهنجي جنوني خوف کان رڙيون ڪري رهيا هئا. ائين پئي معلوم ٿيو ته هو اذيتن جي شور کان پاڳل ٿي رهيا هئا ۽ ان کان پڇي وڃڻ جو سوچي رهيا هئا. ڪٽ جي چوڌاري ڪرپٽيءَ جي ڪري، فرش تي ترڪندا پئي پهريدار مون کي گاريون ڏيندا ۽ بڪندا به ٿي ويا ته، ”اسان تنهنجي پاءُ کي پڪڙي ورتو آهي، اسان تنهنجي پاءُ کي پڪڙي ..... “ مسخرا جو هئا. مون انهن ڏانهن ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو. ان نازڪ موڙ تي محسوس ڪيم ته تاريخ جنم پئي وٺي. آخر ڇا ٿيندو؟ ۽ اهوئي بنيادي سوال هيو. هر ڦٽڪي ۽ رڙ جي آواز کان پوءِ مون پاڻ کان اهوئي سوال ٿي پڇيو. آءٌ پريشان ڪونه هيس پر اميد ضرور هيم. ڇاڪاڻ ته مون کي پنهنجي پاءُ ۽ انقلابي ساٿيءَ تي مڪمل ڀروسو هو. مون کي ياد آهي ته جڏهن شروعات ۾ پهريون ڀيرو مون کي تنظيم (فدائين خلق) سان واقفيت پئي ڪرايائين ته هن مون کي ساٿي نيڪ دائودي جي عزم ۽ بهادريءَ بابت ٻڌايو ۽ فخر سان چيو هئائين، ”هن ساٿيءَ سان عزم ۽ بهادري ۾ ڪوبه برابر نٿو ٿي سگهي.“ مون کي ان ۾ ڪوبه شڪ نه هو ته ساٿي بهروز اذيتن دوران شهيد ٿيڻ کان لهرائيندو.

پاڙيتو ڪتن جي هڪ ٽولي سهڪندي ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ چوڻ لڳي، ”اسان توکي ننگو ڪنداسين-“ هنن ساٿي بهروز کي چيو ته جيڪڏهن تون قبول نه ڪندين ته مون کي سندس آڏو ننگو ڪري آڻيندا- هو هڪ اهڙي شخص کي ڌمڪي ڏيئي رهيا هئا جنهن پنهنجو سڀ ڪجهه اصول لاءِ، آزاديءَ لاءِ ۽ عوامي انقلاب لاءِ قربان ڪري ڇڏيو هو. آءٌ به اُن لاءِ تيار ٿيس ته ساٿيءَ کي چونديس ته، ”ساٿي! اسان جي زندگيءَ جي عظيم گهڙي اچي ويئي آهي ۽ هي ئي وقت آهي ته اسين پاڻ کي عوامي انقلاب لاءِ قربان ڪري ڇڏيون. هاڻي اسانکي موقعو مليو آهي ته اسان دشمن تي سندس نامردي ۽ ڪمزوري ظاهر ڪريون.“ ان جو ردعمل نهايت

مايوسيءَ وارو نڪتو. چوته وري پيغام آيو ته مون کي وٺي وڃڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. پٺي لومڙ پوٺيون ڳاريون ڏيڻ لڳيون ته، ”تون ڏاڍي بي حيا آهين ۽ تنهنجو پاڻ به بي حيا آهي، ڪيس اهو به شرم نه آيو ته توکي سندس آڏو ننگو ڪري ڳهليو ويندو.“ ان رات مون ساٿي بهروز بابت اهو ٻڌو ته هن وڏي همت ڏيکاري هئي. چاڪاڻ جو ساٿيءَ جي دل ۾ عوام لاءِ بيحد گهڻي محبت هئي. هن پنهنجي همت ۽ دليريءَ جي ڪري دشمن آڏو ڪنڌ ڪونه جهڪايو. اهوئي مخلص انسان هو جنهن کي عوام جي تڪليفن جي ڄاڻ هئي ۽ ان جي علاج کان پڻ واقف هو. سندس سڄي زندگي عوام سان گڏ ۽ عوام لاءِ ڪم ڪندي گذري هئي. هو جمڻ کان وٺي اچ تائين انقلاب لاءِ ڪم ڪندو رهيو هو، هو جيستائين زنده رهيو هميشه دشمن سان مقابلو ڪندو رهيو ۽ عوام کي دشمن خلاف نفرت ڏياريندو رهيو. ڪانئس اها توقع ڪڏهن به نه هئي ته هو پورهيتن سان غداري ڪندو، ۽ نه ئي ڪري ٿي سگهيو ۽ نه ئي هن ائين ڪيو. هُن انتهائي سخت اذيتون برداشت ڪيون ۽ لڳاتار يارنهن (***11***) ڏينهن اذيتن سهڻ کانپوءِ شهيد ٿي ويو. سندس دل کي ڪيترائي زخم پهتا ۽ سڀ لڳ ٽُٽي پيا هئا. ليڪن تنظيم جا راز سندس سيني ۾ ئي دفن رهيا. جلاد ڪيس بچائڻ لاءِ اسپتال کڻي ويا مگر جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. يعني ساٿي بهروز سندس خواهش مطابق انقلابي شهيدن سان وڃي مليو.

بعد ۾ شاهه جا غنڊا مون کي چوڻ لڳا ته اسان سندس ٽنگون گوڏن کان هيٺ ڪاٽيون آهن، ڪي چوڻ لڳا ته اسان سندس آڱريون به ڪاٽي ڇڏيون آهن. پر ذليل ڪُتن ساٿي بهروز جي ٽنگ ۾ اهڙو ڪو مروٽو ڏنو هو جو گوشت ڦاٽي ۽ هڏو ظاهر ٿي پيو هو. جڏهن منهنجي ڪمري جي سامهون واري ڪمري ۾ مٿس تشدد ڪري رهيا هئا ته جلاد سندس رت سان ڀريل ٿانوَ آڻي مون کي ڏيکاريا هئا. اها حرڪت هنن ذليل وحشين لاءِ تفريح هئي، نيٺ دشمن مشهور ڪيو ته ساٿي بهروز جي دل ڪمزور هئي ۽ هو اڳ ۾ ئي دل جو مريض هيو. جيتوڻيڪ هو هر روز ڪيترائي ڪلوميٽر ڊڪندو هو پر ان دوران ڪڏهن به ڪيس دل جي تڪليف ڪانه ٿيندي هئي.

سيني کان اڳ لومڙ پوٺيءَ ساٿي بهروز جي شهادت جي خبر مونکي ٻڌائي. منهنجي سامهون هوءَ ساٿي پويان جون ڇهلون ڪرڻ لڳي- مون سخت احتجاج ڪيو، تنهن تي هڪ ٻئيءَ چيو، ”بدبخت! تنهنجو پاڻ ڪالهه مري ويو ۽ اسان رحم ڪري توکي ٻڌائڻ پئي گهريو-“ ٻهريائين ته منهنجي دل ٻُڏي وئي، آءٌ شڪ جي نگاهن سان ڪين ڏسڻ لڳيس. جڏهن مونکي پڪ ٿي تڏهن فخر سان پاڻ کي چيم- ”آخرڪار ساٿي بهروز تشدد جي نتيجي ۾ شهيد ٿي ويو. هو هميشه شهادت جي آس رکندو هو. خدا ڪري هو هميشه عزت سان ياد ڪيو وڃي.“ ٽن ڏينهن تائين مان ڪرسيءَ ۾ ڀريل رهيس ۽ چوٿين ڏينهن مونکي وهنجاريو ويو ۽ ڪمبل پاڻ تبديل ڪري ڏنائون. آئون ايتري ڪمزور ٿي ويس جو جڏهن به سڌو وهارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته آءٌ فرش تي ڪري پوندي هيس ۽ بيهوش ٿي ويندي هيس. هو مون کي سٽيءَ ۽ نڪ جي نالين ذريعي کير ۽ آنا ڏيندا رهيا. نڪتب بکواس ڪندو هو ته هو مونکي بک هڙتال ڪرڻ نه ڏيندو ۽ نه ئي مرڻ ڏيندو. مونکي ڪنهن به قيمت تي زنده رکندو. ذليل ڪتن پنهنجو رويو نرم ڪيو ۽ چوندا هئا ته،

”تون فاقا چو ٿين ڪڍين؟ اسان توکي وڏيڪ اذيتون ڪونہ ڏينداسون. اسان کي ڪنهنجي بہ ايڊريس نہ گهرجي. پوءِ پلا تون پنهنجي جان جي پويان چو پئي آهين؟ تون ڪجهہ ڏينهن لاءِ مهمان آهين ۽ پوءِ اسان توکي آزاد ڪنداسون.“ هنن جي ايلاز منٿون ڪرڻ واري رويي ۾ شڪ پيو- ڪجهہ عرصي کان پوءِ مون محسوس ڪيو تہ منهنجي مارڻ لاءِ هنن وٽ ڪوبہ بهانو ڪونهي تڏهن مون بک هڙتال ختم ڪري ڇڏي. بک هڙتال دوران هڪ پوڙهي لومڙيءَ سان گڏ جنرل صحديان پور مون وٽ آيو- ڪٿ تي ويهي مهربان ۽ شفيق لهجي ۾ ”دليل“ پيش ڪرڻ لڳو: ”بهروز سان ملاقات ڪندينءَ؟ تون اهڙيون حرڪتون چو ٿي ڪرين؟ اسان توکي اذيتون ڪونہ ڏينداسين، مون سان هل آءٌ توکي بهروز وٽ وٺي ٿو هلان ۽ تون ڪجهہ وقت لاءِ ان سان گڏ گذار.“ ان وقت منهنجي نڪ مان رت وهي رهيو هو چاڪاڻ تہ ڪجهہ گهڙيون اڳ جلاد لومڙيءَ مونتي چماٺن جي مشق ڪئي هئي. دستور موجب جڏهن نڪ مان رت وهڻ شروع ڪيو تڏهن ماٺ ڪيائين- آءٌ وري ڪين ساڙ ڏيکارڻ خاطر ڪمبل سان رت اُگهي رهي هيس ۽ جنرل کان بہ زبردستيءَ ڪاغذي رومال گهريم پئي جنهن ميز جي خاني مان رومال ڪڍي ٿي ڏنا، ۽ آءٌ انهن کي ڦاڙيندي ويس. مون ڪيس تنگ ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر هو حد کان وڌيڪ صبر ڪندو رهيو، لڳاتار آهستي ۽ مٺڙي آواز ۾ ڳالهيون بہ ڪندو رهيو ۽ مون کي ڪاغذي رومال بہ ڏيندو رهيو. آخر مان تنگ ٿي چيومانس: ”وڌيڪ بڪواس ڪرڻ جي ضرورت ناهي، احمق، پاڙيتو، دلال، مسخرا، ذليل، ڏوهاري!“ جلاد عورت يڪدم مونکي ٺڦڙ هڻڻ شروع ڪيا. جنرل اٿي بيٺو ۽ پنهنجي ”نازڪ“ ماتحتن جي هٿان وڌيڪ مار کارائڻ کان ڪان بچائي پئي پاسي وٺي ويو. جلاد لومڙ پاڙيتو ڪتن، خود غرض ۽ خوشامدڙين واري انداز ۾ رڙ ڪري چوڻ لڳو، ”هتي تنهنجا ڪهڙا دوست ۽ ساٿي آهن جو تون آڪڙ ٿي ڏيکارين. جنرلن کي گاريون ڏيئي ڪنهن کي متاثر ڪرڻ ٿي گهرين؟......“ آءٌ وري کلڻ لڳيس.

جنهن رات کان خياتي ۽ نڪتب بجليءَ جي ڏندي سان اذيتن واري ”مذاق“ ۾ مون کان معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي آزمائي ڏٺو هو تڏهن کان سندن جاچ جي طريقي ۾ تبديلي آئي هئي. هو سمجهي چڪا هئا تہ آءٌ سندن حربن کان نہ ڊنبس، تڏهن هنن نرم رويو آزمائڻ جو فيصلو ڪيو. حڪومت جو غنڊو جيڪو مون کي اذيتن مهل، موجود ڪونہ هوندو هو، ان کي ”شريف“ جو روپ ڏيئي مون وٽ وٺي آيا، سندس نالو ميجر فريد هو. (هي دلال هاڻي قتل ٿي چڪو آهي) هن ذليل وحشي جاچ ۽ اذيتن ڏيڻ جي تربيت آمريڪا ۾ ورتي هئي. سيپٽمبر ***1971***ع ۾ بجليءَ جي ٿنڀن جي معائني لاءِ هيلي ڪاپٽر ۾ نڪتو ۽ فدائين سندس هيلي ڪاپٽر تي حملو ڪري هيلي ڪاپٽر کي تباهہ ڪري ڇڏيو. جڏهن هو پهريون پيرو منهنجي ڪٽ وٽ آيو ۽ منهنجي هٿ ۾ هٿڪڙيون ڏٺائين تہ لومڙيءَ کي سڏي چيائين: ”هن جون هٿڪڙيون کول، چو هن غريب ڇوڪريءَ سان وحشين وارو سلوڪ ٿا ڪريو؟“ پوءِ ويهي آفيسري آزمائڻ لڳو: ”هي سڀ ڇٽ آهن، مون مارڪسزم جو مطالعو چڱيءَ طرح ڪيو آهي. مون کي خبر آهي تہ توهان منطقي آهيو. اسان ۾ صرف نظرئي جو فرق آهي، جنهن جي ڪابہ اهميت ڪانهي- دنيا ۾ هر هنڌ ماڻهن

جا هڪ ٻئي سان نظرياتي اختلاف هوندا آهن ....." اها ڳالهه سمجهڻ ڏاڍي ڏکي هئي ته دشمن "پنهنجي مهذب" طريقي سان دوکو ڏيڻ لاءِ چو تيار ٿيو هو؟ مثال طور اهو ٿي ميجر فريد اُهو شخص آهي جيڪو اڄ منهنجي هٿن ۾ هٿڪڙيون ڏسڻ برداشت نه پيو ڪري پر ڪلهوڪو ڏينهن آهي جو انهن ئي هٿن سان ساٿي رقيه دانش گري تي تشدد ڪيو هو. هو مون وٽ اڳ به ڪيترا ڀيرا آيو هو جيئن منهنجي باري ۾ ڪاغذي ڪاروائي پوري ڪري سگهي. اها حڪومت جي بيوقوفي هئي جو هوءَ قانون، ايراني آئين، پنهنجي ٺاهيل قاعدن قانونن، بين الاقوامي قاعدن قانونن ۽ انساني قانونن جي مٽي پليت ڪري رهي هئي.

مون فيصلو ڪيو ته هن جي سوالن ڪرڻ واري طريقي جو ڪجهه تجربو حاصل ڪجي. جيتوڻيڪ هو انهن سوالن جا جواب پاڻ به ڄاڻندو هو- فريد سوال پڇندو رهيو: "تو ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا آهن." مون ڪجهه ڪتابن جا نالا ڪنيا. هو تفصيل پڇڻ لڳو. مون ڪيس تفصيل ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو. هن ڪي وري ڪاوڙ لڳي، مگر بدبخت ڪي حڪم مليل هو ته نرميءَ کان ڪم وٺي. ٻئي ڏينهن شام جو خياتي ٻيڪيون هٿندو ڪمري ۾ آيو. "خبر اٿئي هيءَ تنهنجي پيءُ جو گهر ناهي، جو جيڪو ڪجهه چوين سو مڃيو وڃي، توکي لاڏ ڪوڏ ۽ پيار ڪونه ملندو، توکي جانچ ڪميٽيءَ سان مقابلو ڪرڻو پوندو....." پوءِ وري مونکي ساواڪ جي اذيتن جي ڌمڪي ڏنائين. اها حقيقت آهي ته ساواڪ ۽ پوليس جي وچ ۾ ڪوبه فرق ڪونهي ۽ خود انهن قاتلن، ذليلن ۽ وحشين جي وچ ۾ ڳهاتي ياري آهي.

جڏهن کان مسلح جدوجهد شروع ٿي هئي، ايراني حڪومت پنهنجي حڪومت ۽ سندس پٺڀرائي ڪندڙ امريڪي سامراج جي لاءِ وڏو خطرو محسوس ڪيو هو. ان جدوجهد کي ڏسي هو بدحواس ٿي ويا هئا. هو اهو به ڄاڻن پيا ته هڪ ڀيرو انقلاب جي شروعات ٿي وئي ته سندن دلال ۽ ڦورو حڪومت جو تختو اونڌو ضرور ٿيندو. شاهه جي حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ انتهائي سختيءَ سان تشدد ۽ ڌمڪين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو هو. جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. وڏي زور شور سان پروپيگنڊا ٿيڻ لڳي ۽ ٻاڙيتو فوج، ساواڪ ۽ پوليس وڏي پئماني تي حرڪت ۾ اچي ويا ۽ عهدن جون لالچون ڏئي ذليل ڪتن کي انقلابي جوڌن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇڏيو ۽ اذيتن ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو. انهن ڳالهين جي ڪري پوليس ۽ ساواڪ جي وچ ۾ دشمني شروع ٿي. ان جو ڀهريون مثال هي آهي ته جڏهن ساٿي مسعود احمد زادو گرفتار ٿيو ته پوليس ۽ ساواڪ هڪ ٻئي تي گوليون وسائي رهيا هئا. ٻيو ڀيرو جڏهن مسعود احمد زادو کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ساواڪ وارا ڇاپا هڻڻ لڳا ۽ ان جي ڀيڻ کي گرفتار ڪري مٿس تشدد ڪرڻ شروع ڪيو ته جيئن ڪجهه ٻڌائي. جڏهن ته ڪافي عرصو اڳ ساٿي مسعود کي پوليس گرفتار ڪري چڪي هئي.

تحريڪ جي ترقي ۽ انقلابي قوتن جي فتح، حڪومت جي نااهليءَ کي ظاهر ڪري رهي هئي. انڪري حڪومت ساواڪ ۽ پوليس جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ ڪاروائي ڪرڻ جو سوچي رهي هئي. اهوئي سبب هو جو خياتي مون کي ساواڪ جي حوالي ڪرڻ کان نٽائي رهيو هو. هڪ ڏينهن شام جو مون کي خياتيءَ جي آفيس ۾ وٺي ويا، جتي انهن نو (9) ساٿين جون تصويرون ٽنگيل هيون، جن جي گرفتاريءَ لاءِ وڏي رقم انعام ڏيڻ جو

واعدو ڪيو ويو هو. خياتيءَ مون کي ويهڻ لاءِ چيو ۽ سوال پڇڻ شروع ڪيائين. ڪيتري عرصي کان رڳو وحشي ڪتن جون شڪليون پئي ڏٺم، انڪري مون ساٿين جي تصويرن کي ڏسڻ شروع ڪيو. آءٌ انقلابي مجاهدن جون تصويرون ڏسي خوش پئي ٿيس، چوته سندن چهرن مان بهادري ۽ سورهيائي جا ڪرتا نظر اچي رهيا هئا. جيڪي هڪ عظيم مقصد خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جو پڪو پهه ڪريو ويٺا هئا. هڪ رات هو گوڙ ڪندا ڪمري ۾ آيا. مونکي جاڳايائون ۽ هٿڪڙيون پارائي جاچ واري ڪمري ۾ وٺي آيا. آئون اجا نند جي نشي ۾ هيس ۽ جيئن ئي منهنجون اکيون هڪ ڪرسيءَ ڏانهن وڌيون ته مون ساٿي بندل کي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺو. هو بيمار پئي نظر آيو. سندس اکيون اندر پيهي ويون هيون ۽ سندس کبو هٿ پڳل هو. چوته هن پوليس اسپتال جي ٽين ماڙ تان ٽپو ڏنو هو. جنهن ڪري سندس هٿ جون هڏيون ڀڳي پيون هيون- مونکي ڏسي سندس اکيون چمڪڻ لڳيون.

خياتيءَ مون کان سوال پڇيو ته، "ڇا سياه ڪل جي اشتهارن ۽ تياريءَ ۾ تو به حصو ورتو هو؟" آءٌ خاموش رهيس. ۽ ساٿيءَ ڏانهن ڏسندي رهيس. خياتيءَ منهنجي جواب جو انتظار نه ڪيو. آءٌ بلڪل خاموش هيس. ۽ ان مان ظاهر هو ته مون شڪست نٿي مڃي ۽ پنهنجي پاڻ کي ضابطي ۾ رکيو آهي. جڏهن ساڳيو سوال ساٿيءَ کان پڇيائين ته ڀهريائين هو به خاموش رهيو ۽ پوءِ اهوئي بيان ڏنائين جيڪو هن اڳ ۾ ئي ڏنو هو. بيزار ٿيندي خياتيءَ سپاهيءَ کي حڪم ڏنو ته، "بس گهڻو ٿيو- هن کي وٺي وڃو."

جيستائين ذاتي تجربي جو تعلق آهي ته منهنجي خيال ۾ جسماني اذيت کانسواءِ نفسياتي اذيت بيڪار آهي ۽ گذريل سڀ ناٽڪ ان لاءِ گهڙيا ويا هئا. دشمن گهريو پئي ته ساٿيءَ جي ذهن ۾ مايوسي ويهاري ۽ ساٿين جي وچ ۾ شڪ جو ٻج ڇٽي. ڪنهنکي مايوس ڏسڻ ۽ ان جون ڳالهيون ٻڌڻ سان برو اثر پوي ٿو، ان ڪري هر انقلابي مرد يا عورت جو فرض آهي ته مشڪل وقت ۾ دشمن جي سامهون ڳالهه ٻولهه ۾ رويو اهڙو اختيار ڪري جنهن سان ساٿين جو حوصلو بلند ٿئي. دشمن هر ممڪن ڪوشش ڪندو ته ائين نه ٿئي. ان سلسلي ۾ ڪارگر طريقو هي آهي ته دشمن کي مهربان ٿيڻ به ڏنو وڃي چوته کيس جيئن ئي چڙ ۽ ڪاوڙ ڏيارڻي ٿيئن هو چتو ٿيندو ۽ چتو ماڻهو هميشه هوش حواس وڃائي ويهندو آهي.

ڀئي ڀهريدار عورتون ۽ ٻئي مرد سپاهي ڪوشش ڪندا هئا ته خوش رهن. ڪڏهن ڪڏهن بيهودي مذاق پڻ ڪندا هئا ۽ ڪڏهن ٻئي عورتون مرد سپاهين سان "غريبيءَ" جي مسئلي تي پڻ بحث ڪنديون هيون. آءٌ هوشياريءَ سان ڪوشش ڪندي هيس ته ڳالهه ٻولهه کي اصل حقيقت طرف موڙيان ته جيئن هو خود صحيح نتيجي تي پهچي سگهن. ليڪن آءٌ خواهه مخواهه سندن ڳالهين کي اهميت ڏيندي هيس جيڪي فقط مذاق تائين محدود هيون. آءٌ جڏهن قيد خاني کان ٻاهر هوندي هيس تڏهن چوندي هيس ته، "منهنجي نظر ۾ تشدد اهو آهي ته مون کي بند ڪوليءَ ۾ قيد ڪيو وڃي." ان کانپوءِ ڪوشش ڪرڻ لڳيس ته ساڻن نه ڳالهايان نه ئي سندن ڳالهيون ٻڌان. هو هميشه اها ڪوشش ڪندا هئا ته مون کي تنگ ڪيو وڃي. ٻئر لومڙ ٻوٿيون ۽ هڪ سپاهي مون سان گڏ پائخاني تائين

هلندا هئا ۽ پائخاني جو دروازو کولي ڇڏيندا هئا. مونکي ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا پائخاني وڃڻ جي ضرورت هئي. اتي انهن مان هر هڪ واري واري سان گاريون ڏيندو هو. ساٿيءَ شاهين تونکيءَ سان روزانو جهيڙو ڪندا هئا، چوته هوءَ ٻه ٽي گرهه کاڌي جا مس کائيندي هئي. ان ڪري کيس چوندا هئا ته، ”تون پنهنجي مرضي هلائيي نٿي سگهين ۽ توکي کاڌو ضرور کائڻو پوندو.“ هڪ ڀيري ٽيئي جلاد عورتون شاهين جي بستري ڀرسان سمهيل هيون. ساٿيءَ جا هٿ هميشه هٿ ڪڙين سان جڪڙيل رهندا هئا. هوءَ هر وقت اهو سوچيندي هئي ته ڪهڙي طرح ڀرسان رکيل ڪرسي، سندن مٿان ڪيرائي. بستري تي جيترو ٿي سگهيس، هوءَ مشڪل سان ڪِسڪي ڪرسيءَ کي فرش تي ڪيرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي جيڪا ڀنهي جلاد عورتن جي مٿن وٽ زوردار آواز سان فرش تي ڪري پئي. اوچتي آواز ٿيڻ تي ٻئي جلاد عورتون ڇرڪ ڀري اٿيون ۽ هڪڙي ته بلڪل بيهوش ٿي ويئي.

هو جڏهن به ڪوشش ڪري مون سان ڪنهن مسئلي تي بحث ڪندا هئا ته آءٌ وري به ساڻن مذاق ڪرڻ شروع ڪندي هيس. انهن مان هڪ آفيسر ساٿي بهروز سان لڙائي ڪندي گولي لڳڻ سان زخمي ٿيو هو ۽ تازو ئي اسپتال مان ٻاهر نڪتو هو. هڪ ڀيري منهنجي سامهون منڊڪائيندي چوڻ لڳو، ”ڏس تنهنجي پاڻ مون سان ڪهڙي حالت ڪئي آهي.“ جڏهن ساٿي بهروز گرفتار ٿيو هو ته هن هڪ منٽ به ضايع نه ڪيو هو. جڏهن ته دشمن کيس چئني طرفن کان وڪوڙي ويا هئا. ان کان اڳ جو دشمن کيس گرفتار ڪن، هن ڪيترن ئي دشمنن کي ختم ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ سندس هڪ هٿ ڪتجي چڪو هو ۽ ٽنگ ڀڻ ڀڃي پئي هيس مگر هو مسلسل گوليون وسائيندو رهيو. سندس آخري عمل جو مقصد هو ته دشمن کي ڊيڇاري ۽ گوليون به دشمن جي هٿ نه اچن. جڏهن ته وحشي دشمن ان علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو ته جيئن هو آسانيءَ سان گرفتار ٿي سگهي.

پهريدار سپاهي روزانو تبديل ڪيا ويندا هئا. جڏهن به عورتون ڪمري کان ٻاهر ويندڙيون هيون ته وجهه وٺي مرد سپاهين سان ڳالهيون ڪندي هيس. انهن سپاهين ۾ گهڻائي اهڙن ماڻهن جي هئي جيڪي ٻهاڙي ۾ بيروزگار هئڻ ڪري، شهرن ۾ آيا ۽ پوءِ پوليس ۾ ڀرتي ٿيا هئا. ڪجهه وري اهڙا هئا جيڪي اڳ ۾ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندا هئا. انهن کان ڀهراڙين ۽ ڪارخانن بابت معلومات حاصل ڪندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن سياست تي ڀڻ گفتگو ٿيندي هئي. انهن مان ڪيترا سياسي شعور ڀڻ رکندا هئا. هو پاڻ سان ٿيندڙ نا انصافين بابت ڳالهيون ڪندا هئا ۽ حڪومت منجهان بي اطميناني جو اظهار ڪندا هئا. انهن مان ڪي اهو به معلوم ڪرڻ گهرندا هئا ته انسان پنهنجي ذاتي مفاد کانسواءِ ٻين جي مفادن لاءِ ڪيئن جنگ لاءِ تيار ٿئي ٿو. جڏهن آءٌ کين ٻڌائيندي هيس، ته هو اسانجي ساٿين کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا. انهن مان ڪيترا ايترو تيار ٿي ويا هئا جو اهي هڪڙن ساٿين جا پيغام ٻين ساٿين تائين پهچائيندا هئا ۽ جيڪي قيد تنهائي ڪاٽي رهيا هئا. ليڪن جاسوس کاتي جا سپاهي شعوري طرح دشمن سان گڏ هئا. اهوئي سبب هو جو هو بازاري عورت جهڙي ذهنيت رکندا هئا ۽ انتهائي خبيث هئا. انهن ڏينهن ۾ اسانجا ساٿي

هڪڙي پٺيان گرفتار ٿي رهيا هئا. چوويهه ئي ڪلاڪ اچ وڃ لڳي پيئي هئي ۽ قيدين کي اذيتون ڏيئي رهيا هئا، جن جي رڙين زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. پوليس وارا دولت، ترقي، خودغرضي ۽ عياشيءَ لاءِ اهڙا وحشي ظلم جاري رکندا هئا.

# باب ڇھون

## ”اڏام لاءِ سوچ- پڃرو فاني آهي“

[واجهہ نہ وجهہ تون ود ڏي، رت وهي تہ بہ رڙهہ،
پوئين وير بہ وڙهہ، ويرين ساڻ وجود جي.]
(شيخ اياز)

آءٌ ڪيترن ساٿين جي مقابلي واري قوت بابت سوچيندي رهندي هيس تہ، ڇا نيڪ دائوديءَ کان وڌيڪ بدترين تشدد ڪنهن ٻئي تي سگهي ٿو؟ ڇا ان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن ۾ برداشت جو مادو ٿي سگهي ٿو؟ ساٿي نيڪ دائودي اسان جي ڪوهستاني ساٿين مان هو، جن سياه ڪل ڪان شاهه جي خلاف هٿياربند جدوجهد جي شروعات ڪئي هئي. ساٿي بهروز جيترو تشدد برداشت ڪيو هو، ڇا ڪوبہ ان جي مقابلي ۾ اچي سگهي ٿو؟ سياه ڪل جهنگل جي ساٿين تي بدترين تشدد ڪان پوءِ تنگ ٿي، حڪومت ڪين گولين سان اُڏائي ڇڏيو. اسان جي هڪ ساٿيءَ تي دشمن جڏهن تشدد ڪندي آخري حد تي پهتو تہ ڪيس ڏمڪي ڏنائون تہ توکي بجليءَ واري تختي تي ويهاريو ويندو. اهو زخمي ساٿي جيڪو مشڪل سان ڇري پري سگهيو ٿي، رڙهندو وجي، پاڻ ئي بجليءَ واري چرندڙ تختي تي وينو ۽ چوڻ لڳو، ”ويتنام ۾ پذمت جا پيروڪار ويتنامي پنهنجو پاڻ ڪي پرندڙ باهه ۾ زندهہ ساڙي ڇڏيندا هئا. ڇا آءٌ پنهنجي عزم ۾ ايترو ڪچو آهيان جو اهو بہ نہ ڪري سگهندس؟“ پهراڙي جي نون پرتي ڪيل سپاهين جي روزانو بدلي ڪندا هئا. ساڻن ڪچهريون ٿينديون رهيون، ايتري قدر جو ڪڏهن ڪڏهن ”عورتن جي حَقن“ بابت بحث ڪندا هئا. اهڙا ئي سوال اسان جي مرد ساٿين کان پڇندا هئا ۽ هو ڪين مطمئن ڪري ڇڏيندا هئا. اهڙي طرح هو ملي جلي ويا جو اسان سان گهري همدردي ڪرڻ لڳا. ان جو مثال هي آهي تہ هو اسان جي ساٿين جون هٿڪڙيون کولي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن پاڙيتو دلال ايندا هئا تہ وري هٿڪڙيون لڳائي ڇڏيندا هئا. سندن ان رويي جي ڪري اسان ڪي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي ۽ اسان پڻ ساڻن عزت سان پيش ايندا هئاسون. جنهن ڪري اسان ۾ سندن اعتماد هوندو هو. هو هر وقت منهنجي مدد لاءِ فڪرمند رهندا هئا. جڏهن جلاد عورتون مون ڪي پاٽي نہ ڏينديون هيون، تہ هو (مرد سپاهي) مون ڪي لڪي ڇپي پاڻي ڏيندا هئا. اها سندن مهرباني هئي. پاڻي ملڻ ڪو وڏو مسئلو نہ هو پر سندن ان رويي مون ڪي تمام گهڻو متاثر ڪيو. سندن رويي ڪان اڃا بہ وڌيڪ متاثر تڏهن ٿيس جڏهن مون ڪي پوليس جي تهخاني ۾ رکيو ويو، جتي ٻيا بہ ساٿي موجود هئا، تہ هو اسان جي ڪمرن جا

دروازا کولي ڇڏيندا هئا ۽ ساٿي پاڻ ۾ جيڪي ڳالهيون ڪندا هئا اهي ڪنهن کي به نه ٻڌائيندا هئا، نه وري ڪنهن آفيسر وٽ اسان جي شڪايت ڪندا هئا. مگر جاسوس کاتي جا سپاهي دشمن سان ڇاٽي واٽي سازباز ڪندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ سپاهيءَ پڇيو، ”ڇا بهروز تنهنجو سڳو ڀاءُ آهي؟“ مون چيو، ”هائو.“ وري پڇيائين، ”ان کي جيڪي عذاب ڏنا ويا هئا، تن جي توکي خبر آهي؟“ اهي لفظ هن نهايت غمگين ٿيندي چيا. ڀلا جنهن جي ڀاءُ کي هيتريون اذيتون ڏنيون ويون هجن، تن جو ذڪر سندس ڀيڻ سان ڪيئن ٿو ڪري سگهجي. اسان ڇاٽي ورتو ته سندن موجوده غلاميءَ جو اصل ڪارڻ غربت ۽ مصيبت هئي. جنهن جو اصل سبب هي نابرابريءَ وارو ۽ ڦورو سماج آهي. اسان کي قيد خاني جي سپاهين ۾ غلام انسانن جي مصيبتن جون جهلڪيون نظر پئي آيون. هاڻي وري اسان جا ساٿي هڪبئي پٺيان لڳاتار گرفتار ٿيڻ شروع ٿيا. آفيس ۾ ڏمچر متو پيو هو ۽ پاڙيتو دلال چوويهه ئي ڪلاڪ ’ڪم‘ ۾ رُڌل هئا. اذيتن جي دوران مظلومن جي رڙين جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. پاڙيتو دلال ڪن خاص سببن لاءِ ڇتن ڪتن وانگر هيڏي هوڏي ڀڄي رهيا هئا. مثال طور منهنجي نگراني ڪندڙ عورت پنهنجي ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اٿندي، وراڻدي ڏانهن ڀاڄ ڪندي ۽ رڙيون ڪندي ته ”رنڊيءَ جا پُٽ! هاڻي ڪٿي ڪُڇ، نه ته شامت نازل ٿيندئي.“ اهڙين راتين تي اهي غلام، سامراجي دلال ۽ وحشي شراب پي مست ٿي ويندا هئا ۽ وراڻدي ۾ گوڙ مچائيندا، زور زور سان فرش تي بوٽ هڻي، ڪڙڪا ڪندا ۽ اسان جي ساٿين کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا ۽ گاريون ڏيندا هئا. هو چوويهه ئي ڪلاڪ ننڊ نه ڪندا هئا، هڪڙا مظلومن کي اذيتون ڏئي، پڇا ڳاڇا ڪري نڪرندا هئا ته ٻيا وري ٻيا ايندا هئا. ذليل وحشين جي ننڊ ئي حرام هئي، هر وقت آرام ڦِٽل هُين. آءٌ سوچيندي هيس ته اهي حرامخور پوليس وارا هڪ ظالم حڪومت لاءِ آخرڪار اهڙيون حرڪتون ڇوٽا ڪن؟ ۽ ان نتيجي تي پهچندي هيس ته حقيقت ۾ اهي وحشي دولت، عهدن، خودغرضي ۽ عيش حاصل ڪرڻ لاءِ ئي اهڙا ڪُڌا ڪرتوت ڪن ٿا. منهنجي اها خواهش هئي ته اسان جا ساٿي جيڪي ٻاهر آهن سي اهو سمجهن ته سندن فرض جي پورائي ڪرڻ ڪيترين مشڪلاتن جي گهيري هيٺ آهي ۽ اهڙي ذليل دشمن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ڏهوڻو وڌيڪ سخت ڪم ڪرڻو پوندو. آءٌ پاڻ تي پڻ تنقيد ڪندي هيس ته جڏهن ٻاهر هوندي هيس ته ڪيڏي نه سُست هيس. ذاتي ڪمن ۾ وڌيڪ وقت زيان ڪندي هيس ۽ جڏهن ڪوبه ساٿي ان وقت گرفتار ٿيندو هو ته ٽينگ ٽپا ڏيندا هئاسون ۽ ان جي مٿان پئيسن جو مينهن وسائيندا هئاسون.

پوليس وارا هڪبئي سان ڳوڙ رکندا هئا، فقط اهو ڏيکارڻ لاءِ منجهائن ڪير وڌيڪ اهل ۽ محنتي آهي جيئن کين وڏا عهدا ۽ انعام ملن. هو اسان جي ساٿين سان بيحيائيءَ سان پيش ايندا هئا. ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي آقا کي ناراض نه ٿي ڪري سگهيا. کين اهو ڊپ هو ته ائين نه ٿئي جو سندن آقا پنهنجي ظلم جو ڪاڄ، کين ئي ٻڌائي. اسان جي ساٿين کي اذيتون ڏئي، پنهنجي آقا سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندا هئا. هلندڙ سال دوران اسان جي ساٿين جون گرفتاريون اڪثر ڪري پوليس جي هٿان ٿيون هيون ۽ هو وري فخر محسوس ڪندا هئا. جڏهن به ڪنهن قيديءَ جي رڙين جو آواز (اذيتن دوران) يڪدم بند

تي ويندو هو ته هو خوشيءَ مان نچڻ شروع ڪندا هئا ۽ رڙيون ڪري چوندا هئا ته، ”گڏهه ڏس ..... اڙي ائين ئي ڪرڻو هُيوَ ته اڳ ۾ چوڻ پيا ڪريو......“

جڏهن به اسانجي ساٿين ڪي اذيتون ڏيندا هئا ته آءٌ جوش ۾ اچي ويندي هيس پر سپاهين جي سامهون ڪوشش ڪري خاموش رهندي هيس. ”تو ڏٺو تنهنجا ”ساٿي“ (ٽوڪ واري انداز ۾ لفظ ساٿي زور سان چوندا هئا) راز ٻڌائي رهيا آهن ۽ ختم ٿي رهيا آهن. پلا ديو جيڏي حڪومت آڏو ڪير ٿو بيهي سگهي. اوهان مصدق جو حال ڏٺو هوءِ هن وٽ حڪومت به هئي پر هن ڇا ڪيو؟ توهان سڀ فقط اڌ درجن جيترا ماڻهو آهيو، پوءِ هيڏي ساري حڪومت ڪي ڪيئن ٿا ڊاهي سگهو؟“ آءٌ چوندي هيس، ”اهو اوهان جو وهم آهي، اجا ته انقلاب جي شروعات ٿي آهي، توهان پيهر گذريل سالن وانگر هن قبرستان جو امن امان بحال نٿا ڪري سگهو! توهان جا جيل پرجي ويندا ۽ ڪابه جاءِ ڪانه بچندي جتي اوهين وڌيڪ ماڻهو قيد ڪري سگهو. توهان ان ڳالهه تي ناراض آهيو پر اهو وساري ويٺا آهيو ته هيءَ صورتحال انقلاب لاءِ صحيح وقت جي چونڊ ڪندي آهي.“ڪڏهن آءٌ ساٿي پويان جو قول ورجائيندي هيس، **”جڏهن به اسين عملي ميدان ۾ داخل ٿينداسون، اسان جي ڪيترن ئي ساٿين کي ماريو ويندو، اهو به ممڪن آهي ته اسان جي تنظيم پڻ ختم ٿي وڃي پر اها ڳالهه اهم ناهي چوته پيون تنظيمون ان جي جاءِ والاريندي ۽ اسان کي ان ڳالهه تي فخر آهي جو اسان هٿياربند جنگ جي شروعات ڪئي آهي ۽ ان جي ذريعي موت جهڙي خاموشي ۽ مانار کي ٽوڙيو آهي، جنهن پوري مُلڪ کي پنهنجي ڪفن ۾ ڍڪي ڇڏيو هو.“** ۽ آءٌ وري اُن ۾ واڌارو ڪندي هيس ته، **”اسان مري به وڃون پر انقلاب جي راهه روشن رهندي.“**

ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو ته آءٌ جڏهن ماني کائڻ شروع ڪندي هيس ته اذيتون سهندڙن جون رڙيون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون، مشڪل سان پاڻ کي ٿڌي رکڻ جي ڪوشش ڪندي هيس، اهڙي طرح آهستي آهستي ماني به کائيندي رهندي هيس. منهنجو خيال هو ته ڪين (دشمن کي) ياد رکڻ گهرجي ته ان حرڪت جي ڪابه اهميت ڪانهي، اسان کي انهن ڳالهين جي اميد هئي ته آخري فتح اسان جي آهي جنهن تي اسان جو ايمان آهي، اهڙي طرح جيئن رات جي گهُگهه اونداهيءَ کان پوءِ ڏينهن جي روشني ٿيندي آهي. جڏهن به اڪيلي ڪمري ۾ هوندي هيس ۽ اذيتون سهندڙن جون رڙيون ٻڌندي هيس ته جوش مان مُٺيون پڪوڙجي وينديون هيون، ڏند وچڻ لڳندا هئا ۽ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ڪا شيءِ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيئي آهي، ڪاوڙ ۾ ساهه منجهڻ لڳندو هو ۽ ائين سمجهندي هيس ته ان ڌماڪي سان منهنجو وجود به ختم ٿي ويندو. مون کي اها به خبر هئي ته آءٌ ڇا ٿي ڪري سگهان؟ حقيقت ۾ ڪجهه به ڪري ڪونه ٿي سگهيس- ڪاش! منهنجا پير زنجيرن ۾ جڪڙيل نه هجن ها ته آءٌ ڊوڙي وڃي اذيت خاني ۾ پهچان ها ۽ چوان ها ته:

# ”ساٿي! اڏام لاءِ سوچ، پڇرو فاني آهي.“

مون کي خبر هئي ته جيڪڏهن آءٌ رڙيون ڪري ساٿيءَ کي چونديس ته اهي گوڙ گهمسان ۾ گم ٿي وينديون. ان ڏک کان جان ۾ سور جو سوٽون محسوس ٿينديون هيون. اهي گهڙيون تمام سخت هيون. مون کي خبر هئي ته ان مان دشمن کي فائدو پهچندو، مگر آءٌ ان کي ڪيئن ٿي روڪي سگهيس ۽ اها بيوسي مون لاءِ اذيت بڻجندي پئي رهي. ”جڏهن تون دشمن جي سامهون هجين ته تون چاهيندينءَ ته اسان جو ساٿي جنهن تي دشمن تشدد ڪري رهيو هجي، اذيتن کان بچاءَ جو رڙيون ڪري، پَل تون اهو برداشت نه ڪري سگهندينءَ ته هو خاموشيءَ سان شهيد ٿي وڃي. ڇاڪاڻ ته جدوجهد دوران ڪنهن ساٿيءَ سان پيار ڪرڻ هڪ اعليٰ اصول سان پيار ڪرڻ جي برابر آهي. اگر ڪوبه ان اصول سان غداري ڪري ٿو ته توهين ان سان ڪيئن ٿا پيار ڪري سگهو؟“ آءٌ ان ۾ به واڌارو ٿي ڪريان ته، ”اذيتن جي ڪري ڪوبه ساٿي راز نه ٿو ٻڌائي سگهي پر اذيتون گهٽائڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي يا غلط ڏَس ڏئي سگهي ٿو ۽ ڪي ساٿي ته اذيتن جي ڪري بيهوش به ٿي ويندا آهن.“

جڏهن به ڪو ساٿي بزدل ٿي پوندو هو ۽ دشمن خوش نظر ايندو هو ته مون کي ڏاڍي مٺيان لڳندي هئي ۽ آءٌ ٻين ساٿين جي پاڙياڻپ واري بچاءَ ڪرڻ جي طريقي تي سوچيندي هيس، ”ڇا نيڪ دائودي ۽ ٻين (سياه ڪل جي فدائين) کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه دليري ڏيکاري ڪونه سگهندو؟ جن مان سڀ جو سڀ اذيتون ڏيئي ماريا ويا هئا. ساٿي بهروز کي جتريون اذيتون ڏنيون ويون هيون، ان جو مثال ملڻ محال آهي. هاڻي قيد جا شروعاتي ڏينهن گذري چڪا هئا. جلاد عورتون رسين سان ٻڌي مار ڏينديون هيون ۽ آءٌ سواءِ ڪاوڙ ۽ نفرت جي ٻيو ڪجهه به ڪري نه سگهندي هيس. هاڻي آفيسرن جو اچڻ بند ٿي ويو. آءٌ ڪنهن پهريدار عورت کي ٻچڙي ڪرڻ لاءِ سوچيندي هيس ته جيئن سندس بدنامي ٿئي. هڪ ڏينهن حمام ۾ هئاسين، پهريدار عورت حڪم ڏيڻ ۾ مشغول هئي ته، ”هن حوض مان هٿ منهن نه ڌوئجانءِ، فلاڻي حوض مان هٿ ڌوئجانءِ وغيره.“ آءٌ ساڻس چڙي ويس، سندس اهڙي حالت ڪيم جو اڌ مُئي ٿي پئي. اها عورت پاڻ کي چالاڪ سمجهندي هئي، ان کان پوءِ بيوس ۽ لاچار ٿي هڪ ڪنڊ ۾ بيهي رهي ۽ ڪجهه به ڪونه ٿي ڪڇيائين. رڳو ڪِڇي پئي هنيائين ۽ آواز به ڪونه پئي نڪتس. سپاهي اهڙا بدحواس ٿي ويا جو مون کي پڪڙڻ بدران ان عورت کي پڪڙيائون. آءٌ ان جلاد عورت کي لتون ۽ مڪون هڻڻ سان گڏوگڏ نڙيءَ مان جهلي گهٽو ڏيڻ لڳيس. تڏهن سپاهين کي هوش آيو ۽ پوءِ مون کي پڪڙي ڪمري ۾ وٺي آيا. پوءِ واري نتيجي جي مون کي ڄاڻ هئي ته ڇا ٿيندو- ڪمري ۾ پهچڻ کان پوءِ منهنجا هٿ ڇت ۾ لڙڪيل زنجير سان ۽ پير ڪٽ سان ٻڌائون، رڳو چري پري پئي سگهيس ۽ پوءِ آفسرن لتن ۽ مُڪن سان ورتو، ايترو ماريائون جو ڌڪن جا نشان ٿي بيٺا. ٽي چار ڪلاڪ مارڪٽ کان پوءِ گاريون ڏيڻ لڳا. منهنجي ڪٽ ڪٽائي ”قيد تنهائي“ واري ڪمري ۾ رکيائون ۽ دروازو بند ڪري پاڻ هليا ويا.

\

## باب ستون

# قيد تنهائيءَ جون يادگيريون

[ ڏونگر ڏکوين ڪي، تپي ڪندين ڪوھ،
تون جي ڀھڻ پپ جا، تہ لڳ منهنجا لوھ،
جنهن چوريءَ ۾ چوھ، سا چپرين چُلندي.]
(شاھ)

اها سڄي رات مون سڪون سان ننڊ ڪئي. صبح جو ڪمري جي هڪ پاسي واري ڀت تي ٺڪ هڻڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. پر واري ڪمري مان ڪو ساٿي ان ذريعي ”صبح جو سلام“ چئي رهيو هو. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. هڪڙي سُڃي ڪمري ۾ جتي دشمن جي دلالن ڪان سواءِ ڪوبہ نہ هو، ڪنهن ساٿيءَ جو هن طرح آواز ڏيڻ وڏي غنيمت هئي. منهنجو پاڙيسري ٿوري ٿوري وقفي ڪان پوءِ ڀت تي ٺڪ هڻي رهيو هو. جڏهن ڪو ساٿي پڇندو هو تہ ”آفيسر! ٽائيم گهٽو ٿيو آهي؟“ ڪهڙي نہ پياري ڳالھ هئي. ساٿي هڪ ٻئي جو آواز ٻڌي ٻئي سگهيا ۽ اهڙي طرح قيد تنهائيءَ ۾ سندن خود اعتمادي وڌي رهي هئي. ٻئي ڏينهن منهنجا هٿ هڪ ڪلاڪ لاءِ کوليائون جنهن ڪري آءٌ ساٿيءَ جي ڀِت تي ٺَڪن جو جواب ڏئي ٻئي سگهيس. اسان پنهنجا انقلابي گيت ”ساٿي! او ساٿي“ جي ڌن تي ڀت کي ٺڪ هڻي ڳائيندا هئاسون. ٻن پهرن جو وقت هو، سخت گرميءَ جي ڪري پگهر تمام گهڻو وهي رهيو هو ۽ مون کي سخت تڪليف محسوس ٿي رهي هئي. هڪ پاسي هٿ ۽ پير زنجيرن سان جڪڙيل ٻئي طرف سخت گرميءَ جي ڪري پگهر وهي رهيو هو، جنهن سبب ساھ ٻوساٽجڻ لڳو- آخرڪار تنگ ٿي پيس ۽ سوچيم تہ ڪونہ ڪو گيت ڳايان- اهو سوچي هي گيت ڳائڻ شروع ڪيم:

دشمن پڇي تہ اُڳواڻ ڪٿي آ،
ڇاتيءَ تي هٿ هڻي،
۽ دشمن جي،
اکين ۾ اکيون وجهي،
اسين چوندا آهيون،
تہ ساٿي وڙهي رهيا آهن.

آءٌ، صمد، جواد ۽ رحمت جا نالا بدلائيندي، گيت ڳائيندي رهيس. ان لاءِ منهنجي ذهن ۾ تحريڪ جي ڀرپور واقعي جو ڏيک چٽيل هو. جنهن ۾ پويان، پيردي ۽ نظيري جو حصو ورتو هو. جلاد عورتون مون کي چيڙائڻ لاءِ ان واقعي جو ذڪر ڇيڙينديون هيون. حقيقت ۾ ان واقعي کان هو ڏڏل هيون پر ظاهري طرح خوشيءَ جو اظهار ڪنديون هيون ۽ مون کي ڏک پهچائڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. ڇوته ان واقعي ۾ ساٿي پويان اسان کان جدا ٿي ويو هو. جيڪو اسان جي تنظيم جي مرڪزي ساٿين مان هو. سامراجي دلال ان حملي کان دهلجي ويا هئا. ان واقعي جو خوف مٿن هڪ ڀوت وانگر سوار رهندو هو ۽ ان جو ذڪر اهڙي ريت ڪندا هئا ڄڻ اهو واقعو جنن ۽ ڀوتن جي ڪاٿي هجي. آءٌ ساٿين جي جدوجهد جو تصور ڪندي رهيس. دشمن، ساٿين کي گرفتار ڪري، ڪانئن تنظيم جا راز اڪلائڻ گهرندا هئا مگر هو بهادري، سورهيائي ۽ ڏاهپ سان آخري گوليءَ تائين، شهر جي وچ ۾ دشمن جي هيڏي ساري فوج سان مقابلو ڪندا رهيا. سندن انقلابي نعرن ۽ گولين جي آواز سان سڄو علائقو گونجي رهيو هو ۽ دشمن کي سواءِ مرده لاشن جي ڪجهه به هٿ نه آيو. آءٌ ڪاوڙ ۽ جوش ۾ ڏڪي رهي هيس ۽ پاڻ کي چيم، "نفرت به محبت وانگر اهم آهي." پوءِ هي گيت ڳائڻ لڳيس:

انقلاب،

انقلاب،

انقلاب.

ٻن ڀرن جا ٽي وڳا ته پهريدارن جي بدلي ٿيڻ جو گوڙ شروع ٿيو. ايتري ۾ آواز آيو، "اوهان جو نالو ڇا آهي؟" مون سمجهيو شايد ڪنهن قيديءَ کان پهريدار نالو پڇي رهيو آهي. مگر ساڳيو ئي سوال ٻيهر پڇيو ويو ۽ ساڳئي وقت پر واري پٽ تي زور زور سان ڏڪ لڳڻ شروع ٿيا. هن وري پڇيو، "اوهان جو نالو ڇا آهي؟" هاڻي مون کي پڪ ٿي ته پر وارو ساٿي مون کان نالو پڇي رهيو آهي. اسان پنهي هڪ ٻئي کي نالا ٻڌايا اهو پڻ ٻڌايو ته ڪيئن گرفتار ٿيا آهيون. اسان هڪ ٻئي کي اهو پڻ ٻڌايو ته اسان دشمن کي ڪوبه راز نه ٻڌايو آهي. پاهر خاموشي ٿي وئي ۽ اسان به ماٺ ڪئي. جڏهن مون سيٽيءَ تي "او ساٿي!" جي ڌن شروع ڪئي ته پٽ تي زور سان ڏڪ لڳو، ۽ آءٌ چپ ٿي ويس. انتظار ڪرڻ لڳيس ته ايترو زور سان پٽ تي ڏڪ ڇو هنيو ويو؟ ٿوري دير کان پوءِ منهنجي ڪنن تي "ساٿي! او ساٿي" جي ڌن جو پڙلاءُ پيو. اهو گيت ساٿي سيٽيءَ ذريعي ڳائي رهيو هو. هن پهريون مصرعو ڇوڙڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي ريت اسان سڄو گيت سيٽيءَ ۾ ڳايو- پهريدار جو آواز آيو، ڪهڙو احمق سيٽي وڄائي رهيو آهي؟ ڪهڙو مسخرو آهي، ڪهڙو خبيث سيٽي پيو وڄائي؟ ۽ پهريدار جي بوٽن جو آواز ٿيڻ لڳو ۽ اسان وري خاموش ٿي وياسون. ماني کائڻ مهل پهريدار آيو ۽ منهنجا زنجير کوليائين. جيئن ئي پهريدار ڪمري کان ٻاهر ويو تيئن ئي پٽ وٽ ڀهتس ۽ ۽ پٽ تي ڏڪ هڻي، "سچائيءَ جو پيغام" ڏنومانس. جڏهن پهريدار جي بوٽ جو کڙڪو ٿيو تڏهن آءٌ پٽ کان پري ٿي ويس. ان ئي وقت ته خاني جي

هر پاسي کان سيٽي وڄائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. هاڻي پهريدارن لاءِ اهو اندازو لڳائڻ مشڪل ٿي پيو ته ڪهڙي پاسي کان سيٽيءَ جو آواز اچي رهيو آهي. اسان وري پهريدارن کي سيٽيون وڄائي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. جڏهن هو ڪنهن به ڪمري وٽ پهچندا هئا ته سيٽي وري ڪنهن ٻئي ڪمري کان وڄڻ شروع ٿيندي هئي. وهنجارڻ واري ڏينهن هڪ هڪ ڪمرو کوليندا هئا. هر قيديءَ کي ڏهه منٽ ٻاهر ڪيندا هئا، پنج منٽ وهنجڻ لاءِ ڏيندا هئا، ان کان پوءِ وري ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئا. ان مصروفيت ۾ گوڙ ۾ قيدين کي ڳالهائڻ جو موقعو ملي ويندو هو. منهنجو پاڙيسري ”ارمان خلق گروهه“ سان تعلق رکندو هو. آءٌ ڪانئس سندن حڪمت عمليءَ بابت سوال پڇندي هيس. جيئن جيئن اسان ڳالهيون ڪندا رهياسين تيئن تيئن اسان جي دوستي مضبوط ٿيڻ لڳي. مگر اسان کي گهڻو وقت ڳالهائڻ لاءِ ڪونه مليو. اسان جو آواز پهريدارن تائين پهچي رهيو هو. جنهنڪري هو چڙٻون ڏيڻ لڳا. ساٿيءَ پٽ تي ٺڪ هنيو ۽ چيائين وري سپاٽي. مگر ٻئي ڏينهن ڪيس ٻئي ڪمري ڏانهن وٺي ويا ۽ ڳالهيون ڪري نه سگهياسين.

هڪ ڏينهن ان ٽئي ڪمري مان زنانو آواز آيو. مون سوچيو ته شايد پهريدار عورت جو آواز هوندو. وري سوچيم ته شايد ساٿي فزان (ساٿي رقيه دانشتگريءَ کي گهر وارا ان ترڪي نالي سان سڏيندا هئا) آهي. منهنجو اندازو صحيح نڪتو چوته ٻئي پاسي واري ڪمري ۾ ساٿي شاهين هئي ۽ ساٿي رقيه ته خاني ۾ ڪلنڊڙ وڏي دراوزي جي پر واري ڪمري ۾ هئي. اسان پٽ کي ٺڪ هڻي، اشارن سان هڪ ٻئي کي پيغام ڏيڻ شروع ڪيو ۽ جيستائين هڪٻئي جي پاڙي ۾ رهيونسين، اهو سلسلو جاري هو. ان دوران اسان ڪڏهن به تنگ ڪونه ٿياسين. اهڙي طرح پٽ کي ٺڪ هڻي پيغام پهچائڻ واري طريقي کي اسان ”زيرو بم“ سڏيندا هئاسين ۽ اسان زيرو بم ذريعي هڪٻئي کي گيت پڻ ٻڌائينديون هيوسين.

## ”پوئتي قدم ڪڏهن به نه وجي،
## چاهي موت جي گهڙي اچي.“

۽ ”او ساٿي!“ جون سيٽي مصرائون پٽ تي ٺڪ هڻي، هڪٻئي کي ٻڌائينديون هيوسين. صبح جي وقت ته خاني جو ٻاهريون دروازو وڏي زور شور سان کلندو هو. سيخن جي ٻاهران هڪ ڦلڪو ۽ ٿورو پنير رکي ويندا هئا. ان گوڙ شور جي ڪري اسان ننڊ مان جاڳي پونديون هيوسين ۽ پهريدار هٿڪڙيون کوليندا هئا، جيڪي رات جو هنيون وينديون هيون. آءٌ يڪدم ساٿي شاهين جي ڪمري واري پٽ تي ٺڪ هڻندي هيس. اسان پنهنجي انقلابي ڏن جو ورد ڪنديون هيوسين. آءٌ ساٿيءَ جي زور زور سان ساهه کڻڻ جو آواز پڻ ٻڌندي هيس.

اسان ٽنهي جي ته خاني ۾ موجودگيءَ سبب هتان جو ماحول ئي بدلجي ويو هو، ته خاني جي خاموشي ٽُٽي پيئي هئي. اهو اسان جو فرض هو، چوته جدوجهد هر حالت ۾ جاري

رڪٽي آھي. ٻين ڏينهن جي پيٽ ۾ اچوڪو ڏينهن وڌيڪ مصروف ڏينهن ھو. پهريدارن ھڪ پاسي ڪنڌ ۾ پئي چرچا پوڳ ڪيا ۽ اسان ڪي ڳائڻ جو سونهري موقعو مليو ويو. ان ڪري آءُ سيخن جي پرسان وبهي ”نگوين وان ٽروئي“ جي نظم جو بند ڳائڻ شروع ڪيو. پوءِ وري ٻنهي گڏجي ٻين شاعرن جا گيت ڳايا. وري ساٿي رقيھ پنهنجا شعر ٻڌايا جيڪي ھن **3** جون جي موقعي تي ( ھن تاريخ تي ساٿي پويان، پيردي، نظيري ۽ صادقي شهيد ٿيا ھئا.) لکيا ھئا.

ٻڌ! اي قاتل ۽ جلاد
جڏھن بہ
ڪنهن ساٿيءَ سر ڏنو آھي
جڏھن بہ
ڪنهن ڪونڌر ڪنڌ ڪپايو آھي
تہ اسان
نئون وچن، نئون واعدو
ڪيو آھي عوام سان.

اسان جا مرد ساٿي پنهنجي پنهنجي ڪمري جي سيخن وٽ بيهي،گيت ٻڌي رھيا ھئا. ساٿي حبيب فرزو ڪجھ ڏينهن اڳ تھ خاني ۾ آندو ويو ھو. اسان جو گيت ٻڌي، پاڻ بہ جوش مان ڳائڻ لڳو.

”ساٿي! او ساٿي
اٿي ٿيءُ ڪٺو ۽ تيار
دشمن لئہ تيغ ترار.“

سندس ڳوري آواز ھئڻ ڪري سڄو تھ خانو وڄڻ لڳو. جنهن تي ساٿين چيو تہ ساٿيءَ ڪي درخواست تي ڪجي تہ ھو خاموش رھي چوتہ ھي پاڙيتو دلال اسان جي عورت ساٿين ڪي بہ ڳائڻ ڪونہ ڇڏيندا، تنهن تي ھو خاموش ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ تھ خاني جي اھا حالت ھئي جو ھر پاسي ڪان سيٽيءَ جا آواز اچي رھيا ھئا، زيڊ فلم جون ڌنون ٻڌڻ ۾ پئي آيون ۽ ڪڏھن رقيہ ۽ آءُ ترڪي گيت ڳائيندڀون ھيوسين. اسان خاموشي ٽوڙڻ لاءِ پت تي ”فتح اسان جي آھي.“ جي ڌن وڄائيندڀون ھيوسين. جڏھن بہ اسان ڪي ڳائڻ جو موقعو نہ ملندو ھو تڏھن اسان ڪپھ جي ٽڪرن مان پڪوڙيل مُٺيون، بندوقون، مشين گن، بمءِ گل، مڇيون ۽ خنجر ٺاھي ھڪٻئي تحفا ڏيندا ھئاسين. جڏھن بہ

موقعو ملندو هو ته هڪبئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئاسين. ساٿي رقيه هر وقت خاموش رهندي هئي پر جڏهن به ڪو ساٿي پائخاني ڏانهن ويندي، سندس ڪمري وٽان لنگهندو هو ته مُٺيون پڪوڙي نعرا هڻي، سندن همت وڌائيندي هئي.

مون کي ڪجهه ڏينهن کان تهه خاني جي آخري ڪمري ۾ رکيو ويو. انڪري پائخاني ڏانهن ويندي، سيني ڪمرن وٽان لنگهڻو پوندو هو ۽ جڏهن به آءٌ ڪمرن وٽان لنگهندي هيس ته سڀ ساٿي هٿ لوڏي، منهنجو آڌرڀاءُ ڪندا هئا. مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. پنهنجو پاڻ کي چوندي هيس، ”اذيتن جون تڪليفون ته جلد ختم ٿينديون پر عوام، قيدي ساٿين ۽ انهن ساٿين (جيڪي اجا تائين جدوجهد ۾ مصروف آهن) سان محبت اڻ ٽٽندڙ آهي، انسان کي ان محبت مان راحت ملي ٿي ۽ دشمن سان نفرت ڪرڻ مان پڻ.“ هڪ ڏينهن فرهنگ اچي ڪڙڪيو ۽ بڪواس ڪرڻ لڳو. ”تون جيڪا بڪواس پيو ڪرين، ان سان مون کي ڪابه دلچسپي ڪانهي، هاٽي ڪٽي چپ ڪر.“ مون چيو- پر هو به پهريون نمبر حرامي هو. ڪلندي چوڻ لڳو ته، ”توهان ماٺهو به الائجي ڪهڙي آفت آهيو، ايتريون اذيتون برداشت ڪريو ٿا پوءِ به خاموش آهيو- جنهن ڏينهن توکي ”ايوين“ مان آندو هئائون، مون توکي ڏٺو هو، هڪ سپاهي توکي ڪلهي تي کنيو ٿي آيو. تون بلڪل لاش پئي لڳين، مون پانيو تون مري وينديني. اهو ٻڌاءِ ته آخر اِهو ڪهڙو جذبو آهي جنهن سبب توهان ايتريون اذيتون برداشت ٿا ڪريو؟“ منهنجي جواب ٻڌڻ ڪانسواءِ ڳالهائيندو رهيو. ”آءٌ توکي ٻڌايان ٿو ته هن نظام لاءِ مون سڄي عمر ڪم ڪيو آهي، هن وقت مون وٽ جيڪو ڪجهه آهي سو ان جي ئي بخش آهي، پر پوءِ به جيڪڏهن توهان مون کي ٿوري به مار ڏيو ته آءٌ هڪ چماٽ کائڻ کان سواءِ ئي سڀڪجهه ٻڌائي ڇڏيان. منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر توهان ڪهڙي بلا آهيو؟ ڇا توهان چريا آهيو؟“ ۽ پوءِ پاڻ ئي لڇي ٿي، انهن مجاهدن جي همت کي ساراهڻ لڳو. جن کي **1953**ع ۾ ”موت جي سزا“ ڏني ويئي هئي. هي خود ان ۾ شامل هو ۽ جنهن نموني مجاهد بندوقن آڏو سينو ساهي بيٺا هئا، ان لاءِ کين داد ڏيڻ لڳو.

هاٽي وري ٻن ڏينهن تائين مون کي ڪٽ سان ٻڌائون. جڏهن سپاهيءَ ماني کائڻ لاءِ کوليو ته آءٌ ڊوڙي وڃي، سيخن وٽ پهتس، ساٿي رقيه سامهون واري ڪمري ۾ بيٺي هئي. مون هٿ مٿي کنيو ۽ هن به پڪوڙيل مٺين سان ”انقلاب جو سلام“ چيو، آءٌ ڏاڍي خوش ٿيس. ماني کائڻ واري وقفي کان پوءِ مون کي وري ڪٽ سان ٻڌائون. زخمن سان ڇُور هوندي به منهنجو ڳات اوچو رهيو. وري هاٽي هٿ کوليائون ۽ آءٌ سولائيءَ سان سيخن کان ٻاهر ڏسي پئي سگهيس. هڪ ٻيري ڪمري نمبر **9** (نوِ) ۾ ڊاڪٽر کي ويندي ڏٺو. مون کي حيرت ٿي ۽ سندس اچڻ جو سبب معلوم ڪرڻ تي گهريم. جڏهن به ڪو ڊاڪٽر ۽ سندس مددگار تهه خاني ۾ ايندو هو ته ان مان صاف ظاهر هو ته ڪنهن قيديءَ کي سخت اذيتون ڏنيون ويون آهن. طبي مددگار ساٿي رقيه جي ڪمري ۾ پڻ ويو. دشمن ساٿيءَ جي پيرن جون آڱريون لائيٽر جي باهه سان ساڙيون هيون ۽ هو انهن زخمن جي ملم پٽي ڪرڻ ويو هو. مون سيخن کان ٻاهر ڏٺو ته ٻيا ساٿي به سيخن وٽ بيٺا هئا. ڪمري نمبر نو مان مشڪل سان ساٿي رڙهندو نظر آيو. هو ”ارمان خلق گروهه“

سان تعلق رکندو هو. جڏهن هڪ سپاهيءَ کيس ٽيڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن سپاهيءَ کي ڌڪو ڏيئي پري ڪيو. صاف ظاهر هو ته هن کي سخت اذيتون ڏنيون ويون هيون. هن جي چيلهه ۾ هڪ پاڻهن کي ڏنپ ڏيئي ساڙيو ويو هو. سندس هٿ زخمن جي ڪري سڏا ڪونه پئي ٿي سگهيا ۽ پيرن جا زخم پڻ تازا هيس جنهنڪري هو هلي چلي به ڪونه ٿي سگهيو. ايتري تڪليف هوندي به هو همت ۽ مردانگيءَ سان اڳتي وڌي رهيو هو. هڪ مجاهد کي ايترو زخمي ڏسي، مون کي چڪر اچڻ لڳا ۽ سڄو ڪمرو گول ڦرندي محسوس ٿيو. هو جيئن ئي نظرن کان پري ٿيو آءٌ جيڏي سا تيڏي وجي سيخن جي جهنگلي سان ٽڪرجي ڪري پيس ۽ پٽ تي زور سان مُڪون هڻڻ لڳس. انتقام جي باهه ۾ پرندي، منهنجو ساهه منجهڻ لڳو ۽ ڳوڙها لارون ڪري وهڻ لڳا. پنهنجو پاڻ کان پڇيم، هي وحشي اهڙن ڏوهن ڪرڻ لاءِ ڇو آزاد آهن؟

ساٿي اصغر عرب حارثي دشمن کان سخت نفرت ڪندو هو. ننڍي عمر هوندي به چاڻ تمام وسيع هيس. اهڙو ته سخت محنتي ڪارڪن هو، جو سڀ ساٿي سندس عزت ڪندا هئا. ايتري قدر جو دشمن به سندس تعريف ڪندا هئا. مون کي ياد آهي ته جڏهن مٿس ڦٽڪا وسائي رهيا هئا ته ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍيائين. آخرڪار دشمن ڪَڪ ٿي پيا ۽ چوڻ لڳا ته، ”هن چوڪري کي ڦٽڪا هڻڻ ڇٽڪ پٽ کي ڦٽڪا هڻڻ جي برابر آهي.“کيس چوويهه چوويهه ڪلاڪ ڪٽ تي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن به زنجير کوليندا هئا ته پرسان ٻيٺل دلال کي لت وهائي ڪيندو هو. جنهن ڪري کيس ڏنڊا ٻيڙي ٻارائي، ٻه سپاهي پائخاني ڏانهن وٺي ويندا هئا. ساٿي اصغر جو چوڻ هو ته، ”دشمن سان ڪڏهن به زبان سان ڳفتگو نه ڪجي پر ساڻس بندوق جي ناليءَ وسيلي ڳفتگو ڪرڻ گهرجي.“ هڪ ڏينهن پهريدار عورت مون کي ساٿي شاهين جي ڪمري ۾ وٺي وئي. مون کي بغل ۾ ماني هئي ۽ سواءِ ڪنهن سوچ جي ننهن سان ماني پٽي کائي رهي هيس ته ساٿي شاهين چيو. ”ممڪن آهي تون ڪمري جو فرش به ننهن سان کوٽيندي رهندي آهين جيئن تون مانيءَ کي پٽي کائي رهي آهين.“ مون چيو، ”هاٺي نه، پر اهو ممڪن آهي ته ڪليل جيل مان ڀڄڻ جي ڪوشش ضرور ڪنديس.“ پهريدار عورت وچ ۾ ڳالهائيندي چيو، ”پياري! اهو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ، هيترن سپاهين ۽ پهريدارن جي موجودگيءَ ۾ تون ڪيئن ٿي ڀڄي سگهين؟“ ان لاءِ مون کي انتظار هو ۽ فدائيءَ کي هميشه موقعي جي تلاش هوندي آهي.

سياري جي موسم ۾ سخت ٿڌ پوندي هئي، آءٌ پنهنجي جسم کي ٻال وانگر گول ڪري سمهندي هيس پر پوءِ به هڪ ڪمبل مان ايترو سيءُ ٿيندو هو جو سڄي رات ننڊ نه ايندي هئي. ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ سيءَ کان منهنجي دماغ جون رڳون خشڪ ٿي ويون آهن. مون ٿڌ کان بچڻ لاءِ چولي کي ٽانڪا هڻي ڇڏيا ۽ قيدخاني وارو ڪوٽ مٿي کي ويڙهي، سوگهو ڪندي هيس.

ڪجهه نوان قيدي آيل هئا ۽ آءٌ انهن سان ڳفتگو ڪرڻ لاءِ واجهائي رهي هيس- هڪ ڀيري انهن قيدين مان هڪ سان ملاقات ٿي. مون کانئس پڇيو، ”ساٿي ڪهڙا حال آهن؟“ هو خوش ٿي چوڻ لڳو، ”ڇاپامار ٽولي جنرل فرديءَ جي هيلي ڪاپٽر کي گوليون

هٽي، تباهه ڪري ڇڏيو ۽ هو به مري ويو.“ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي،ڪيس چيم ته اها ڳالهه وري ڇئي ٻڌاءِ- وري پڇيومانس، ”ساٿيءَ مهرنوش جو ڇا حال آهي؟“ هن وراڻيو، ”هوءَ فدائين ۾ شامل ٿي هئي ۽ دشمن سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي وئي. هن دشمن جو ان وقت تائين مقابلو ڪيو جيستائين ٻيا ساٿي اتان ڪسڪي ويا، هوءَ وڏي بهادريءَ سان وڙهي هئي ۽ ان ڳالهه جي عوام کي به خبر آهي.“ اها خبر مون لاءِ همت افزائيءَ واري هئي. هڪ ڏينهن وري هڪڙي ٻئي ساٿيءَ خبر ٻڌائي ته هڪ مذهبي جماعت تاريخي ماديت کي مڃي ٿي. هڪ ٻئي چيو، جماعت مجاهدين خلق به هٿياربند جدوجهد ۾ ايمان رکي ٿي. اهو ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي.

# باب اٺون

## ٻيهر اِيوين ۾ نفسياتي اذيتون ۽ ڪجھ ساٿين سان ملاقاتون.

(جي لوڻ لڳين لائين، ڇيري ڇيري چم،
مون ڪر اڳي نه ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهوارن سين.)

اسان کي وري اِيوين بدلي ڪيائون، اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي وٺي ويا. ان کان اڳ مون ٻڌو هو ته ظالم شاهه ساواڪ ۽ پوليس سان روزانو ٽيليفون تي رابطو قائم ڪري، جانچ، اذيتن ۽ ان جي نتيجن جي خبرچار لهندو هو.

ٻه ڏينهن مون کي قيد تنهائيءَ ۾ رکيائون. ٽئين ڏينهن ساٿين شاهين ۽ رقيه سان گڏ مون کي هڪ ڪمري ۾ قيد ڪيائون. قيد تنهائيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ جڏهن اسان ٽئي گڏيوسين ته ايتري خوشي ٿي جو بيان نٿي ڪري سگهان. خوشيءَ ۾ اهو احساس به نه رهيو ته واقعي اسان ٽئي هڪ ڪمري ۾ آهيون يا نه- ڄڻ ته خواب جو سمو هو. ڪافي عرصي کان پوءِ هيتري خوشي ملي جنهنڪري اسان وري وري ڀاڪر پائي رنيونسين. ان کان پوءِ پورو اڌ ڪلاڪ وري کِلياسين. اسان ڳالهيون ڪنديون رهيونسين، ايتريقدر جو ٻه ڏينهن ٻه راتيون گذري ويون ۽ اسان ننڊ به ڪونه ڪئي. جنهن ڪمري ۾ اسان کي قيد ڪيو ويو، ان کي هڪ در ۽ هڪ دري هئي. دريءَ جي سامهون هڪ گهاٽو وڻن جو جهڳٽو هو، ان کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ نظر ڪونه ٿي آئي. ڪانوَ هڪ وڻ کان ٻئي وڻ تي وهندي نظر اچي رهيا هئا. انهن جي ڪان ڪان جي آواز کان سواءِ ٻيو ڪوبه آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پري کان ڪن رولو ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز ٻڌبو هو. انهن آوازن سان ماحول وڌيڪ مانيٽو محسوس ٿيندو هو. ان ماحول مان دشمن پورو پورو فائدو وٺندا هئا ۽ اسان جي ساٿين کي نفسياتي اذيتن ڏيڻ لاءِ هو گولي هڻڻ جهڙو مذاق به ڪندا هئا. اهو هيئن ڪندا هئا جو صبح جو سوير ڪنهن به هڪ ساٿيءَ کي ننڊ مان اٿاري، چوندا ته اڄ توکي گولي هڻنداسون، پوءِ ان کي اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي کيس هڪ وڻ سان ٻڌندا هئا. سپاهي قطار قطار ٺاهي، بندوقون سڌيون ڪري بيهندا هئا ۽ ساٿيءَ کي موت جو حڪم پڙهي ٻڌايو ويندو هو. گولي هڻڻ کان ڪجھ گهڙيون اڳ ۾ هڪ سپاهي ڊوڙندو ايندو هو ۽ چوندو هو ته موت جي سزا نه ڏني وڃي، ڇاڪاڻ جو هينئر حڪم مليو آهي

۾ موت جي سزا رد ڪجي ٿي. ان طرح دشمن اسان ساٿين کي ’موت جو ذائقو‘ چکائيندا هئا. جيئن هو ڊڄي، هراسجي ۽ بزدل ٿي پون، سندن مضبوط ارادو ڪمزور ٿئي ۽ هو موت جي خوف کان تحريڪ بابت ڪي ڳجهيون ڳالهيون ٻڌائين.

هڪ ڏينهن هو ساٿي **مسعود احمد** (مسعود احمد ”فدائين خلق“ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. ***1971***ع ۾ هڪ مُهم دوران گرفتار ٿيو هو. ***1972***ع ۾ پنجن ٻين ساٿين سان گڏ کيس شهيد ڪيو ويو. سندس لکيل مضمون ”هٿياربند جدوجهد، حڪمت عملي ۽ مهارت“ فدائين خلق جي پارٽي دستاويزن ۾ شامل آهي.) کي وٺي آيا. اسان سندس انتظار ۾ در تي ويٺيون رهيونسين. اها ڳالهه بيان کان ٻاهر آهي ته اسان ساٿيءَ سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ڪيترو نه بيقرار هيوسين. نيٺ انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون، دروازو کليو ۽ ساٿي مسعود اندر داخل ٿيو. اسان ٽيئي ساڻس تمام گهڻي جوش ۽ جذبي سان مليونسين. سندس سنجيده چهري تي پريشانيءَ جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا. هٿ ملائڻ مهل اسان محسوس ڪيو ته ساٿي مشڪل سان هٿ مٿي ڪري رهيو آهي. اسان هڪٻئي ڏانهن نهاريو ۽ سوچيوسين ته اجايو ساڻس هٿ ملائي، کيس تڪليف پهچائيسون. کانئس پڇيم، ”اذيتون سهندي اوهان کي ڪيترا مهينا گذري ويا آهن، ڇا اوهان کي اجا سُور ٿئي ٿو؟“ هن هٿ لوڏيو ۽ چيائين، ”ڪا خاص ڳالهه ڪانهي.“ هو فرش تي ويهي رهيو ۽ اسان به سندس چوڌاري ويهي رهيونسين. ساٿيءَ رقيه کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ کانئس ڳوڙها وهڻ لڳا. هُن جانچ دوران اذيتن جو جهڙي طرح مقابلو ڪيو هو، ان جي باري ۾ ٻڌايائين ۽ پڇڻ لڳو، ”اوهان جي راءِ ڪهڙي آهي، ڇا مون اصولن سان غداري ڪئي آهي؟“ وري پاڻ ئي چيائين، ”نه ..... هرگز نه ..... اها غداري ناهي.“ وري کيس جيئن ئي ڪو واقعو ياد آيو ته سندس ڳاٽ اوچو ٿي ويو. ڇا ساٿي مجيد بابت توهان ڪجهه ٻڌو آهي؟ تنهن تي پهريدار مصطفوي کيس روڪڻ لڳو. مگر اسان ساٿيءَ کي منٿون ڪيون ته ڪجهه ٻڌاءِ. هن چيو، ساواڪ جي غنڊن هڪ غدار جي مدد سان ساٿي مجيد کي گرفتار ڪيو. گاڏيءَ ۾، سندس هڪ ٽنگ مشين گن سان ٻڌي ڇڏيائون. ساٿي مجيد سان گڏ ٻه ساواڪ جا غنڊا پڻ ويٺل هئا. هن وٽ اجا تائين هڪ دستي بم رهجي ويو هو جيڪو ساواڪ جي دلالن کونه ڏٺو هو. ساٿي مجيد پنهنجي وات ۾ سائينائيڊ جي زهريلي گوري وڌي، جيڪا وٽس موجود هئي ۽ پوءِ بم مان پن ڪڍي، ڪار جي اڳين سيٽ تي بم اڇلايائين، اڳيان ويٺل ٽنئين ساواڪ جي دلال بم کي پڪڙي ٻاهر اُڇلائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پر بم سندس هٿن ۾ ڦاٽي پيو. جنهن سبب اهو دلال ۽ ڊرائيور ٿڏي تي مري ويا ۽ پويان ويٺل ٻئي ساواڪ جا چاڙتا زخمي ٿي پيا.

هڪ ڀيري منهنجي نندي ڀاءُ محمد کي وٺي آيا. مون کي ٻڌايائون ته سندس طبيعت تمام خراب آهي ۽ مون سان ملاقات فقط ان لاءِ ڪرائي پئي وڃي ته جيئن سندس طبيعت سڌري پوي. محمد کي مون هڪ سال کان کونه ڏٺو هو. منهنجي ذهن ۾ مختلف سوال اڀرڻ لڳا. ڇا هو اسان جي تنظيم ۾ شامل ٿيو آهي؟ اهو سوال وري وري اڀري رهيو هو. دشمن وري اهو پئي ڳهريو ته محمد کي ٽيليويزن تي ڏيکاري، اسان جي ساٿي ۽ تنظيم جي ڪارڪن ٻهروز کي ڏنل اذيتن جو بار هلڪو ڪري ڏيکارين.

آءُ ۽ محمد، ساٿي بهروز سان انقلابي خوبين ۽ صلاحيتن جي ڪري تمام گھڻي محبت ڪندا هئاسين. جڏهن به ڪيس موقعو ملندو هو ته اسان سان مارڪسزم تي بحث ڪندو هو. سندس زندگيءَ جي هر شيءِ انقلاب جي لازوال اصولن لاءِ وقف ٿيل هئي. هو ترڪي زبان ۾ قول ورجائيندو هو، هو ”انقلاب ڪان سواءِ پاڪائي ارڻ ٿيٽي آهي.“

هي شعر پڻ پڙهندو هو:

قربانين ڪان ڪڏهن نه منهن موڙجي،

سچ خاطر جان ڏئي سَرهو ٿجي.

ساٿي بهروز جي زندگي محبت ۽ ايمان جو مجسمو هئي. هو دنيا جي عوام سان پيار ڪندو هو ۽ ڪيس انقلاب ۾ ويساھ هو. محمد سان ڪيس پيار هوندو هو. ان ڪري ساواڪ جي مڪار دلالن سندس اِن ڪمزوري جو فائدو حاصل ڪرڻ پئي گھريو. هُنن محمد کي ڪجھ ڏينهن قيد تنهائيءَ ۾ بند ڪيو ۽ سندس ڪمري جي سامهون واري ڪمري ۾ هڪ اهڙي ڪيسٽ وڄائيندا هئا جنهن ۾ هڪ انسان جي خوفناڪ رڙين ڪرڻ جو آواز ڀريل هو. جنهن کي جڻ اذيتون ڏنيون پئي ويون. ڪڏهن ڪڏهن اڌ رات مهل محمد جي ڪمري جي ڀرسان بندوقن جا فائر ڪندا هئا ۽ ڪيس چوندا هئا ته قيدين کي گوليون هڻي ماريو پيو وڃي. ڪڏهن رات جو اوچتو ننڊ مان اُٿاري چوندا هيس ته اُٿي هَلُ جو توکي هن وقت اذيتون ڏينداسون. مسلسل نفسياتي ۽ جسماني اذيتن جي ڪري ۽ ٻيو ته ڪيس ٻڌايائون ته سندس وڏي ڀاءُ بهروز کي شهيد ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هو نفسياتي مريض بڻجي ويو هو. جڏهن ڪيس مون وٽ آندو ويو ته مون سمجهيو ته بيهوش ٿيڻ وارو آهي- هو نه ڪنهن شيءِ کي چڱي طرح ڏسي پئي سگھيو نه ئي ڪا ڳالھ صحيح نموني سمجهي پئي سگھيو. هر ڳالھ بي مقصد پئي پانيائين. هُن پنهنجون اکيون بوتي ڇڏيون. ڪنهن به شيءِ تي توجھ ڏيڻ سندس وس کان ٻاهر هو. دشمن تي سندس ڪوبه اعتبار ڪونه هو. ڪيس يقين ئي ڪونه ٿي آيو ته آءُ سندس حقيقي ڀيڻ آهيان. هُن ڀانيو ته ساڻس وري ڪا نئين چال ڪيڏي پئي وڃي. ائين پئي محسوس ٿيو ته هو ٻاڻ کي چئي رهيو هجي آءُ پنهنجي اکين تي به اعتبار ڪري نٿو سگھان. هن سپاهيءَ کي چيو ته، ”مون کي خبر آهي ته هتان واپس هلي وري توهان اذيتون ڏيندؤ، جن جي مون کي ڪابہ ڳڻتي ڪانهي. آءُ اهوئي چوندس جيڪو صحيح سمجهندس-“ پوءِ هُن شاھ جي تصوير ڏانهن معصوم ٻارڙن وانگر آڱر کڻي چيو، ”آءُ هن شخص جي هرگز حمايت نه ڪندس، هي منهنجو ازلي دشمن آهي. مون کي ساڻس سخت نفرت آهي ..... نفرت!“ هو ايترو ته سادو ۽ معصوم هو جو اُن جو مون تي تمام گھڻو اثر ٿيو. مون سندس سادي جملي جي معنيٰ چڱي طرح ٿي سمجهي. ”آءُ هن شخص جي حمايت هرگز نه ڪندس.“ جيڪڏهن سندس چارڻ وڏيڪ وسيع هجي ها ته هو اها ڳالھ اجا به وضاحت سان چئي پي سگھيو. شروعاتي تعليم کان پوءِ ٻارهن سالن جي عمر ۾ هُن پڙهڻ ڇڏيو ۽ گاڏين جي مرمت جو ڪم ڪندو هو ۽ سڄو ڏينهن گاڏين جي مرمت ڪري، شام جو تعليم حاصل ڪندو هو. هن کي دشمن سان سخت نفرت هئي. هڪ ڀيري رات جو جڏهن خياطيءَ ڪيس اذيتن ڏيڻ لاءِ جاڳايو ته محمد

مٿس حملو ڪري، سندس پير زخمي ڪري ڇڏيو ۽ خياطيءَ کي ڇڏائڻ لاءِ ڪيترائي پاڙيتو دلال مڙي آيا هئا ۽ وڏي جهڳڙي کان پوءِ مس مس سندس جان ڇڏائي هئائون. اهو سڄو ڏينهن اسان ٿنهي ويهي کيس سمجهايو تڏهن مس وڃي يقين آيس.

جڏهن آءُ قصريٰ جي قيد خاني ۾ هيس تڏهن خبر ملي ته محمد جي طبيعت ڪجهه سڌري آهي. پر دشمن کيس وري اذيتون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ آخرڪار چار سال قيد جي سزا ڏنائونس. قصريٰ جي قيد ۾ وڃڻ کان اڳ اسان کي پوليس جي مرڪزي چاوڙيءَ ۾ آندائون. جيئن اسان جون تصويرون ۽ آڱرين جا نشان وٺي سگهن. اتي هڪ ڏڱهي قد وارو قيدي مليو، جنهن جي هٿ ۾ هڪ پيالي هئي، جنهن ۾ دال ۽ ڪجهه چانور پيل هئا. هُن پنهنجي خوراڪ اسان کي ڏيئي ڇڏي. اتي هڪ ٻيو ٻارهن تيرهن سالن جو نينگر پيلي رنگ جو قيدي هو، تنهن پڻ پنهنجي خوراڪ آڻي، اسان جي آڏو رکي.

جڏهن اِيوين ۾ هونديون هيوسين ته اسان کي ٻڌايو ويو ته قصريٰ جيل ۾ مجرم ۽ فاحشہ عورتون قيد آهن، جيڪي اتان جي ماحول کي ايترو ته خراب ڪريو ڇڏين جون ٻيون عورتون ان ماحول کي برداشت ڪري نہ سگهنديون. جڏهن اسان قصريٰ قيد خاني جي زناني حصي ۾ پهتيوسين ته اسان سيخن جي پٺيان قيد ٿيل عورتن کي سلام ڪيو. بعد ۾ خبر پئي ته ساواڪ وارا ڪوڙ ڳالهائي رهيا هئا. اهي عورتون ته نيڪ هيون. مجرم ۽ خبيث جا لقب ته ساواڪ وارن کي ڏيڻ گهرجن، اهي بد نصيب عورتون ته معاشري نا انصافين جو شڪار ٿي، قيد خاني ۾ پهتيون هيون. هتي احمد زادي ۽ ٽي ساهيڙيون بہ قيد رهيون هيون، جن کي اسان جي تنظيم سان واسطيدار هئڻ جي ڏوهه ۾ قيد ڪيو ويو هو. هڪ ٻي ڇوڪري بہ هئي جنهن جو ڏوهه فقط اهو هو جو هُن وٽان اسان جو هڪ ڪتابڙو نڪتو هو. اسان جي پهچڻ کان اڳ هنن کي آزاد ڪيو ويو هو. هنن جو ڏوهه اهو هو جو هنن اسان جي سياهڪل واري تحريڪ کان متاثر ٿي، اُن جي حمايت ۾ نعرا لڳيا هئا. هتي ڪجهه ٻيون قيدياڻيون شيرين ليبرڪنگ جون بہ موجود هيون. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته ايتري تعداد ۾ ڇوڪريون سياست ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سزا ڀوڳي رهيون آهن. مگر قصريٰ قيد خاني ۾ اسان کي معلوم ٿيو ته دشمن انقلابي جوش گهٽائڻ لاءِ هڪجهڙيون پاليسيون اختيار نٿو ڪري. ڪنهن بہ انقلابيءَ لاءِ تهه خاني ۾ اڪيلو سڙڻ ئي ڪافي ناهي، ان جي ابتڙ گرم ۽ آرام وارن ڪمرن ۾ رهڻ سان بہ وڏي تباهي اچي ٿي. اهڙين جاين تي آرام جي طلب پڻ انقلابي جوش ۽ جذبي کي ختم ڪرڻ لاءِ سبب بڻجندي آهي ۽ دشمن هاڻي اسان تي بہ اهڙو طريقو استعمال ڪري رهيو هو، ليڪن اسان جي اڪثريت سندن اِن چال کي سمجهي ورتو هو ۽ اُن جي مقابلي لاءِ تيار هئاسين.

--------------

# باب نائون

## قيد مان ڀڄڻ

[ڪو سَينَ هٽِي تو سڏ ڪري، اڄ ماٺهو پيو ڪو ڳڏ ڪري،
هر ڪنهن هانوَ ۾ هُر ڪُر تي، ڪا ڳالهه ڳري هِن ڪرٽي آ.]

فيبروري **1972**ع ۾ اسان جي تنظيم جي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن تي ڪيس شروع ٿيا. ساٿين شاهه جي عدالتن ڪي مڃڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. جن ڪي اهو حق ئي نه هو ته هو ڪنهن ڪي ڏوهاري ۽ بيگناهه ثابت ڪن. اسان فدائين وارن لاءِ شاهه جي حڪومت ڪٺ پتلي واري ڪيل جي حيثيت رکِي ٿي، هو پنهنجي گناهن ڪي لڪائڻ لاءِ پردي پوشي ڪري رهيا هئا ۽ قانون جو ڍونگ پيا رچائين. اسان جا ساٿي عدالتن جي سوالن جا جواب ڪونه ڏيندا هئا. هُنن ڪي ڪهڙي گتي پئي هئي جو پاڙيتو قاتلن جي آڏو بيهي، پنهنجي صفائي پيش ڪري، بچاءُ ڪن. اسان پنهنجو بچاءُ ڪرڻ بدران مٿن جارحانه رويو اختيار ڪيو. اسان عدالتن ۾ بيهي مٿن حملا ڪندا هئاسين. اهو اسان جي ڇاپا مار جنگ جو زباني مورچو هو. اسان چوندا هئاسين ته، ” تاريخ شاهه ڪي نيست و نابود ڪري ڇڏيندي.“ فدائين ڪارڪن وڏي واڪي چوندا هئا، ”توهان پاڙيتو قاتل عوام جا دشمن آهيو. تاريخ اوهان جي موت جو فرمان جاري ڪري ڇڏيو آهي، اسان فدائين خلق وارن توهان ڪي موت جي سزا ڏيڻ جو فرض پنهنجي ذمي ڪنيو آهي، توهان تباهيءَ طرف وڃي رهيا آهيو. جيئن جيئن ڏينهن گذرن ٿا، تيئن تيئن توهان جي جهنم وڃڻ جا ڏينهن ويجها ٿيندا پيا وڃن. توهان خود ئي پنهنجي موت جو سامان ڪٺو ڪري رهيا آهيو. اسان عوام سان گڏجي اوهان ڪي ختم ڪنداسين، توهان پِرن جا ڪوئا آهيو. توهان اڻ مٽ تاريخي تباهيءَ ۾ لازمي ماريا ويندا ۽ توهان جي آقائن جي تباهي جا ڏينهن ضرور ايندا.“

جڏهن ايڪيهن فدائي ڪارڪنن ڪي نام نهاد عدالتن ۾ آندو ويو تڏهن سندن انقلابي جوش ۽ جذبو ڏسي عدالتون ڪنبڻ لڳيون. پهرين اجلاس ۾ انهن مجاهدن، ساواڪ وارن جي وردين تي ٺوڪيندي مٿن حملو ڪيو. ساٿي احمد زادي، ساواڪ جي حسين زادي ڪي چڱي سيڪت ڏني. عدالت جي حڪم ملڻ تي ساٿي اُٿي نه ٿي بيٺا ۽ سپاهين ڪي طاقت استعمال ڪرڻي پوندي هئي ۽ ڪين ڏڪن هٽڻ تائين نوبت پهچندي هئي. هو جڏهن فيصلو پڙهي پڌائيندا هئا ته ساٿي گوڙ ڪرڻ شروع ڪندا هئا ۽ چوندا هئا، ”اسان ايراني عوام جي رعيت آهيون، اسانجو ڏنڏو انقلاب آڻڻ آهي. اسان عوامي مجاهد

آهيون ۽ اهوئي اسان جو مستقبل آهي.“ جڏهن ڪين آخر ۾ ڪجھ چوڻ لاءِ چيو ويو ته هن ڳجهوڙ ڪندي چيو.

”توهان پاڙيتو دلال آهيو، توهان ڪان انصاف جي ڳهُر ڪرڻ ٿيندو ٻيرن ڪان ٻير ڳهرڻ.“ ان طرح ڪيسن جو رچايل سانگ ختم ٿيو ۽ اسانجي ايڪيهن فدائين ساٿين کي موت جي سزا ڏني وئي. هڪ پيري منهنجِي ساٿي احمدي سان عدالت ۾ ملاقات ٿي جيڪو تبريز يونيورسٽي ۾ شاگرد هو ۽ تبريز جي پارٽي شاخ جو ڪارڪن هو. هو ننڍي عمر جو هو مگر ڏاڍو خوش مزاج هو. ساٿين سان مذاق ڪندي، پاڻ به کِلي رهيو هو. مون کانئس پڇيو، ”ساٿي! چا اڄ توهان جي ڪيس جو آخري ڏينهن هو؟“ چيائين، ”هائو“ مون وري پڇيو، ”ڪيتري سزا ملي آهي؟“ هن جو ڳاٽ فخر ڪان اوچو ٿي ويو ۽ کلندي چوڻ لڳو، ”موت جي سزا ملي آهي.“

جڏهن منهنجو ڪيس شروع ٿيو ته مون به حملي سان شروعات ڪئي ۽ آذربائيجان جي زندگيءَ بابت حال بيان ڪيو. ساٿي رقيه به انقلابي تقرير ڪئي. اسان کي هن ظالم حڪومت کان ڪنهن به چڱائيءَ جي اميد هرگز ڪانه هئي. اسان صاف صاف چيو، ”هن ظالم نظام جو وجود ويهين صديءَ جي پيشانيءَ تي داغ آهي، اسان عوامي مجاهد آهيون ۽ فتح حاصل ڪرڻ تائين جدوجهد جاري رکنداسون.“ دشمن، عوام کي ڪچلڻ لاءِ ٻن قسمن جون چالون استعمال ڪندو آهي. پهريون ته هو عوام کي اذيتن ۽ وحشي سلوڪ سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر جڏهن مقابلو سخت ٿي وڃي ته هو اهو رويو تبديل ڪندو آهي. مثال طور **1971**ع ۾ جهان چيت ڪارخاني جي مزدورن تي گوليون هلايون ويون پر ان ڪان اڳ **1969**ع ۾ٽرانسپورٽ جي ڪرايي گهٽائڻ واري مهم دوران صلح ڪيو ويو. هو قيد ۾ به اهڙا طريقا استعمال ڪندا هئا. هو يڪدم اسان جي ڪوٺين ۾ اچي ڪڙڪندا هئا ۽ تلاشيون وٺڻ شروع ڪندا هئا. اسان کي قيد تنهائي ۾ رکندا هئا، مگر اسان به پڪو پهه ڪيو ته اسان جي زندگيءَ جي هر گهڙي دشمن خلاف جدوجهد ۾ گذرندي ۽ اسان پنهنجو انقلابي فرض پورو ڪندا رهنداسين. قيد خاني ۾ جڏهن به قيدي پنهنجا حق وٺڻ لاءِ احتياج ڪندا آهن ته آفيسر هٿيار ڦٽا ڪندا آهن. هو وري رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪندا ۽ قيدين کي ٻيهر احتياج ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن شيرين، رقيه ۽ آءٌ ان قيد خاني ۾ پهتيونسين ته ساواڪ جي لکيل قانون موجب اسان کي عام قيدي عورتن سان ملڻ جي اجازت ڪانه هئي پر اسان کي ٻن عام قيدي عورتن سان گڏ رکيو ويو، اهي ٻئي عورتون مالدار هيون، جن تي دوکيبازي ڪرڻ جو الزام هو. انهن ڪوڙا چيڪ ڏئي، دوکو ڪيو هو. اهي جيلر ۽ نائب جيلر جي خدمت لاءِ مقرر ٿيل هيون ۽ روزانو ٻنهي جي خدمت چاڪري ڪنديون هيون. انهن ڪمري کي اهڙو ته سينگاريو هو جو چڻ سندن گهر آهي. ٻيون سڀ قيدي عورتون سندن باري ۾ مختلف ڳالهيون ڪنديون هيون ۽ ٻنهي کي پڻ اها شڪايت هئي ته قيد خاني ۾ علاج لاءِ طبي ماهرن جي سهولت ڪانهي، ان سان گڏوگڏ جيلر ۽ نائب جيلر اسان سان وڏي بيحيائيءَ سان پيش ايندا آهن. اسان به سوچيو ته ڪجھ ٿيڻ کپي. نيٺ هڪ ڏينهن صبح جو فيصلو ٿيو ته جيلر ۽ نائب جيلر کي سڀ گڏجي ڳاريون ڏيون. صبح جو اڌ ڪلاڪ ۽ شام جو هڪ ڪلاڪ اڱڻ ۾ گهمڻ ڦرڻ جي اجازت

مليل هئي. هڪ سپاهي آيو ۽ پڇڻ لڳو تہ توهان اڱڻ ۾ ڇو بيٺيون آهيو؟ اسان ڪيس سنجيدگيءَ سان چيو تہ اسان جو جيلر ۾ ڪم آهي. ٿورو اڳتي وڃي وري موٽيو ۽ منٿون ڪرڻ لڳو تہ سچ ٻڌايو، اصل ڳالھ ڇا آهي؟ اسان ڪيس جواب ڏيڻ بدران زور زور سان جيلر کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. هو وٺي ڀڳو ۽ جيلر سان سڄي ڳالھ ڪيائين. تنهن تي جيلر چوائي موڪليو تہ آءٌ توهان سان ملڻ چاهيان ٿو. اسان ڪيس ڪاوڙ مان چوائي موڪليو تہ تون ڏوهاري آهين، تون پاڻ اسان سان ملڻ لاءِ اچ نہ تہ اسان توسان ملڻ ڪونہ اينديون سين. آخرڪار جيلر خود اڱڻ ۾ آيو ۽ اسان ڪيس ڏسندي ئي زور سان گاريون ڏيڻ شروع ڪيون، جيئن ٻيون قيدي عورتون ٻڌي سگهن. اسان رڙيون ڪري چيو، ”تون ٻين قيدي عورتن کي ڏوهاري ۽ بدڪردار ٿو چوين پر اصل ۾ تون وڏو ڏوهاري ۽ بدڪردار آهين. اسان انهن قيدي عورتن جي عزت ٿيون ڪريون ڇوتہ اهي غريب آهن ۽ بکيو پيٽ ئي آهي جنهن ڪين قيد خاني ۾ پهچايو آهي. اصل ۾ ڏوهاري تون آهين.“ جيلر ٻُت ٻڻجي ويو. اسان کي خاموش ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو، چاڪاڻ جو ڪيس خوف هو تہ اٿين نہ ٿئي جو سندس اصليت ظاهر ٿي پوي. ان ڪري بہ جو هن اسان کي ساواڪ وارن جي اجازت کان سواءِ ٻين عام قيدي عورتن سان گڏ رکيو هو، جن سان حقيقت ۾ اسان کي گڏ رکڻو ئي ڪونہ هو. اسان زمين تي ويهي گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هوبہ اسان سان گڏ ويهي رهيو ۽ منٿون ڪرڻ لڳو. اهو سمورو گوڙ ٻيون قيدي عورتون پڻ ٻڌي رهيون هيون. اسان اِن ڳالھ تي ضد ڪيو تہ انهن پنهي عورتن کي اسان جي ڪمري مان ڪڍي، ٻين عام عورتن سان گڏ رکيو وڃي، ۽ اهو غير قانوني ڪم ڇو ڪيو ويو؟ آخرڪار هُن کي اسان جي ڳالھ قبول ڪرڻي پئي ۽ پنهي عورتن کي اسان جي ڪمري مان نڪرڻو پيو. اهڙي طرح اسان جو ڀهريون منصوبو ڪامياب ويو. ٻيون قيدي عورتون اها سڄي ماجرا سيخن کان ٻيهي ڏسي رهيون هيون ۽ جيلر سان اسان جي جهيڙي کان ڏاڍو متاثر ٿيون. هي جيلر وڏو موذي هو ۽ قيدي عورتن کي هميشھ لاءِ مايوس ڪري ڇڏيو هئائين.

هڪ ڀيري شاھ جي ڀيڻ دنيا جي بدنام رنڊي اشرف پهلوي قيد خاني جو معائنو ڪرڻ آئي. هر ايرانيءَ کي خبر آهي تہ هوءَ ڏوهن، چرس ۽ آفيم جي اڏن ۽ ڪاروبار ۾ ملوث آهي. جيلر ۽ قيد خاني جو آفيسر ڪنهن بہ معائني ڪندڙ کي اسان جي ڪمري ۾ ڪونہ آڻيندا هئا، چاڪاڻ تہ کين ڊپ هو تہ اسان سندن آقائن جي بي عزتي ڪنديوسين. ان ڊپ کان هو هِن رنڊيءَ اشرف پهلويءَ کي بہ اسان جي ڪمري جو معائنو ڪرڻ لاءِ وٺي ڪونہ آيا. وڏيون وڏيون پٽيون، تالا ۽ هٿڪڙيون قيديءَ کي ٻاهرين معاشري کان هرگز جدا نٿيون ڪري سگهن. جنهنڪري هو خاموش ۽ گمنام زندگي گذاري نٿو سگهي. قيد خاني جي خاص حالتن ۾ قيديءَ جي ذهني ردعمل مان ظاهر ٿيندو آهي تہ هو پنهنجي عقيدي ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي يا پٺتي هٽي رهيو آهي. قيد خاني ۾ ڦرٽي گهرٽي وچولي طبقي جي ماڻهن جي اڪثريت هئڻ ڪري، اتي جي حالتن تي مٿئين طبقي جي خواهشن جو ڏاڪو ڄميل آهي. گڏيل زندگي گذارڻ جو مسئلو نہ هو. جيلر ۽ سپاهين جي خلاف اسان متحد هئاسين پر ڦرٽي گهرٽي قسم جي ماڻهن جي گهٽائيءَ ڪري، اتي

جي قيدين جا پارٽ ۾ اختلاف به موجود هئا. ايتري قدر جو ڪيترين هلتون جيڪي قيد خاني کان ٻاهر ضابطي ۾ رهنديون هيون، اهي وري اپرڻ لڳيون. ليڪن پوءِ به اسان ڪوشش ڪنديون هيوسين ته پنهنجي تربيت ڪريون۽ انهن ڳالهين کي ضابطي هيٺ هلايون.

در حقيقت اسان ۾ اجان تائين انقلابي خاصيتون پيدا ئي ڪونه ٿيون هيون. اسان پنهنجي ڪمري جي اندر ٿيندڙ ننيڙي ڦيرڦار جي ڪري جلد ئي مشڪلاتن ۽ فڪرن ۾ پئجي ويندي هيونسين. دپ هو ته اسان انقلابي جذبو وڃائي، دغابازيءَ ۾ نه مبتلا ٿي وڃون. نوبت ايستائين پهچي وئي هئي جو هاڻي جڏهن لفظ ”دشمن“ ورتو پيو وڃي ته منحوس شاھ جي شڪل ۽ سندس آقائن جون شڪليون اسان جي اکين جي سامهون ظاهر ڪونه پئي ٿيون.

بهرحال اسان پنهنجي ڪمزوري سڃاڻي ورتي هئي. ٻين لفظن ۾ اسان اڃا تائين پنهنجي ڪمزوريءَ کي غلط انداز ۾ ڏسي رهيون هيونسين جيڪا پنهنجي مادي حالتن کان ڪٽيل هئي. اسان اها ڳالھ وساري ويٺيون هيوسين ته مادي حالتن جي پيدا ڪرڻ کان سواءِ ارادي جي ڪمزورين ۽ ڦرندڙ گهرندڙ خيالن کي هرگز ختم نٿو ڪري سگهجي ۽ اسان جي وقت جو ڪافي حصو اهڙين ئي بيڪار جدوجهدن ۾ ختم ٿي ويو جن مان انقلاب کي ڪو خاص فائدو ڪونه هو. ان کانسواءِ اسان اهي ئي پراڻيون ڪهاڻيون وري وري ٻڌائي وقت ضايع ڪنديون هيوسين، پر جڏهن اسان شعوري ڪوشش ڪري قيد خاني جي آفيسرن کان ڪتاب ۽ اخبارون حاصل ڪري ورتيون ته ماحول خود بخود بدلجي ويو. هاڻي اسان تائين ڪجھ خبرون پهچڻ لڳيون ۽ اسان کي گفتگو ڪرڻ لاءِ ڪجھ نوان موضوع ملي ويا. اهي ماڻهو جيڪي گهٽي عرصي لاءِ قيد هوندا آهن، انهن لاءِ ضروري آهي ته هو آئنده جي جدوجهد لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچين ۽ ان سان گڏوگڏ جيڪي ٿوري عرصي لاءِ قيد هوندا آهن، تن کي مستقبل جي جدوجهد لاءِ ٺوس بنيادن تي تياري ڪرڻ لاءِ آماده ڪن. دشمن اها ڪوشش ڪندو آهي ته قيد خانو ماڻهن کي سياسي عمل ڪرڻ کان توبهه ڪرڻ تي مجبور ڪري ۽ انهن کي عوامي جدوجهد کان هٽائي. ان ڪري انقلابي ڪارڪن جي اها ڪوشش هئڻ گهرجي ته دشمن پنهنجي سازش ۾ ڪامياب نه ٿئي. ان ڪري قيد خاني اندر يا ٻاهر اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته پنهنجو پاڻ کي هٿ ٺوڪين لاڙن ۽ خيالن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ لڳاتار جدوجهد ڪريون.

ڪجھ ماڻهو جڏهن قيد خاني ۾ هوندا آهن ته آزاديءَ جا ۽ قيد مان ڇٽڻ جا خواب ڏسندا آهن. خيال رهي ته آءٌ ”ڇٽڻ جا خواب“ لفظ استعمال ڪري رهي آهيان. نتيجي ۾ اهڙو شخص قيد جي زندگيءَ مان ايترو بيزار ٿي پوندو آهي جو هو غداري ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو آهي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته جيتوڻيڪ اسان دشمن جا قيدي هوندا آهيون ۽ ظاهري طرح اسان جي آزادي ختم ٿيل هوندي آهي پر اسان پنهنجو پاڻ کي انهيءَ حالت ۾ پاڻ ئي پهچايو آهي. هڪ سچي انقلابيءَ لاءِ جنهنجي سچي زندگي جدوجهد لاءِ وقف ٿيل هوندي آهي. قيديءَ جي اها معنيٰ نه هوندي آهي ته سندس آزادي ختم ٿي وئي- سچو انقلابي هميشه آزاد هوندو آهي ٻين لفظن ۾ قيد جدوجهد جو هڪڙو حصو آهي ۽ فقط

جدوجهد جاري هجڻ ڪي ئي آزادي چيو ويندو آهي، جهڙي طرح قيد ڪان ٻاهر هٿيار کڻي دشمن سان ويڙهه ڪرڻ جدوجهد آهي، اهڙي طرح دشمن جي خلاف قيد خاني ۾ هر عمل به جدوجهد چوائيندو آهي، نه پوءِ جدوجهد ڇاکي چئبو آهي؟ انساني ترقي ۽ آزاديءَ جي مخالف شيءِ جي آڏو جهڪڻ ڪان انڪار ڪرڻ ڪي جدوجهد چئبو آهي- مايوس ٿي، خاموش رهڻ دراصل موت جي نشاني آهي- مختلف حالتن جي گهرج مختلف جدوجهد آهي. صحيح ۽ سچو انقلابي اهو آهي جيڪو هر وقت پنهنجي چوڌاري ماحول ۽ حالتن ڪي نظر ۾ رکي، بنيادي مسئلا حل ڪندو رهندو آهي.

هڪ ڏينهن صبح جو ڪجهه پردي پوش عورتون، جن ۾ جوان ۽ پوڙهيون شامل هيون، اهو چئي اسان سان ملڻ آيون اهي اسان جون رشتيدار ٿين. اسان ڪين ڏسي ڏاڍيون خوش ٿيونسين. نئين سال جي جشن وارو زمانو هو ۽ قيدين سان ملاقات لاءِ تمام گهڻا ماڻهو آيل هئا جنهنڪري ڀيرو گهٽ هو. جڏهن موڪلاڻيءَ جو وقت ٿيو ته هنن اسان ڪي پيار ڪيو ۽ اسان ڪين دروازي تائين ڇڏڻ ويونسين. مون ڪي يڪدم خيال آيو ته قيد مان ڀڄڻ جو اڄ بهترين وجهه مليو آهي. ڦاٽڪ وٽ فقط هڪ سپاهي بيٺل هو ۽ هو نه ماڻهن جي ڳڻپ ڪري رهيو هو ۽ نه وري سندن شڪل ڏسي رهيو هو. مون سوچيو ته ميڙ ۾ شامل ٿي، ٻاهر وڃي سگهان ٿي. مگر مون ڪي قيد خاني جا پراڻا ڪپڙا پاتل هئا ۽ وڏي چيل پاتل هئي جنهن سان ڀڄڻ تمام گهڻو ڏکيو هو. ناهيد جلال زادي ڪمري ۾ آئي سندس چهري مان شرارت ظاهر ٿي رهي هئي، چوڻ لڳي، "اڄ ڀڄڻ جو پلو موقعو هو." اسان ٻارڻ ۾ ڀڄڻ جي لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ هڪٻئي ڪي ڀڄڻ لاءِ همٿايو. سندس وڃڻ ڪان پوءِ مون ويهي سنجيدگيءَ سان ڀڄڻ جون تياريون ڪرڻ شروع ڪيون. ڀيريائين مون ڪي ڪپڙا بدلائڻا پوندا، مون ڪي ڪو بهانو ڳولهڻو پوندو. مون ڪي پنهنجي ماءُ ۽ ٻيا مائٽ ياد اچڻ لڳا. مگر ان تبديليءَ ڪي ٻيا ماڻهو جهٽ ۾ سڃاڻي وٺندا. مون ڪمري جي ٻين قيدي عورتن ڪي چيو، "هي مائرون به ڏاڍيون عجيب ٿينديون آهن. ننڍين ننڍين شين جو تمام گهڻو خيال ڪنديون آهن، سوچينديون آهن ته منهنجي اولاد ڪي نوان نوان ڪپڙا ڀريل هجن، ڪين ستوڪاڻو ملي وغيره وغيره. منهنجي ماءُ ڪي به اها ڳڻتي هئي ته آءٌ پنهنجو لباس تبديل ڪريان. توهان جو ڇا خيال آهي، آءٌ پنهنجو قاتل لباس لاهي پنهنجا نوان ڪپڙا پايان؟" انهن مان هڪ چيو، "ڪو به حرج ناهي، ننڍين ننڍين ڳالهين تي ماءُ ڪي ناراض ڪرڻ نه گهرجي." ٻين به اهائي راءِ ڏني ۽ آءٌ وري نخرا ڪري، نيٺ ڪپڙا بدلائڻ لاءِ راضي ٿيس. رات جو سڀ ننڊ ۾ هيون مگر آءٌ جاڳيس پئي. ڀڄڻ جي ترڪيب سوچي رهي هيس. سچو منظر منهنجي اکين اڳيان گهمي ويو. بيچينيءَ مان بستري تي پاسا بدلائيندي رهيس. ناهيد به جاڳي پئي. اسان هڪٻئي ڏسي مرڪيو. هن آهستي چيو، "ٻئي ڏينهن اسان ڪٿي هونديونسين؟" اسان وري مرڪڻ لڳيونسين ۽ اکيون چپن تي رکي هڪٻئي ڪي خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو.

**24** مارچ تي اسان جون ملاقاتي آيون. دروازي تي به سپاهي بيٺل هئا ۽ ملاقاتين جو تعداد تمام گهٽ هو. آءٌ پنهنجو ٻارڻ ڪي ملامت ڪرڻ لڳيس، ڪيتري احمق آهين، مجاهد جو ڪم دشمن ڪي چڪر ڏيڻ هوندو آهي ۽ هاڻي چڪر ڏيڻ جو موقعو هٿان

نڪري چڪو هو. آءٌ ملاقاتين سان ڳالهين ۾ مشغول ٿي ويس. انهن جي موجودگي ئي منهنجي منصوبي لاءِ تمام ضروري هئي. مون پنهنجي ماءُ کان ڪجھ پئسا گھريا. ٻين عورتن منٿون ڪري مون کي ڏوڪڙ ڏياريا. منهنجو خيال هو ته ٻاهر نڪرندي ئي مون کي پئسن جي سخت ضرورت پوندي. مون قيدين کي مهمانن سان ڳالهين ۾ مصروف ڪيو ته جيئن ماڻهو منهنجي چرپر ڏانهن توجهه نه ڏيئي سگھن. اها ڳالھ ظاهر هئي ته آءٌ ان ڏينهن پڇي ڪونه ٿي سگھيس. مون قيدين کي چيوته سڀاڻي ملاقات جو آخري ڏينهن هوندو، جنهنڪري سڀني ملاقاتين کي ضرور اچڻ گھرجي. جڏهن ملاقات جو وقت ختم ٿيو ته ٻاهر دروازي وٽ ٻه سپاهي ۽ هڪ آفيسر موجود هو ۽ هر هڪ کي غور سان ڏسي رهيا هئا. مون ناهيد کي چيو ته اسان ڀڄڻ جو موقعو هٿان وڃائي ڇڏيو، اسان کي اڳ ئي تياري ڪرڻ کپندي هئي. اسان وري خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ هر هڪ پهلو جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ شروع ڪئي ته اتفاق سان جيڪڏهن هڪڙي پڪڙجي پئي ته ڇا هو ٻاهريون ڦاٽڪ بند ڪري، سڀني جي تلاشي وٺندا يا نه، ڇا ٻي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندي؟ اسان جو اندازو هو ته هو ڦاٽڪ ضرور بند ڪندا ۽ ٻين عورتن جي تلاشي به وٺندا. جڏهن ملاقاتي هليا ويا ته اسان پنهنجي ڪمري ۾ ڪونه ويوسين. اسان اهو ٿي گھريو ته اسان جون قيدي ساٿي عورتون جيڪڏهن اسان کي سڀاڻي ڪمري ۾ نه ڏسن ته جيئن انهن کي حيرت نه ٿيڻ گھرجي. ڇاڪاڻ ته انهن جي حيرت ۾ پوڻ سان پهريدار يڪدم اسان جي ڳولا ڪندا.

شام جو سڀني قيدين کي قطار ۾ بيهاري ڳڻپ ڪئي وئي. سپاهين کي شڪ پيو هو ۽ هنن اسان کي چيو هو ته هتان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪوبه ڪامياب ٿي نه سگھندو. مون ناهيد کي چيو، "هاڻي اسان جي ڀڄڻ ۾ ڪاميابيءَ جي چاليھ سيڪڙو اميد آهي ۽ اسان کي ڪوشش ضرور ڪرڻ گھرجي، هر ڪم ۾ خطرو ضرور هوندو آهي." ڳڻپ کان پوءِ آءٌ ڪمري ۾ ڪونه ويس پر اڱڻ ۾ رهي، موقعي جي تلاش ڪرڻ لڳس ته اُن ڪمري تائين ڪيئن پهچان جتي ڪپڙا رکيا ويندا آهن. قيد خاني ۾ اچڻ کان پوءِ هتي لباس تبديل ڪيا ويا هئا. مون کي ڀڄڻ لاءِ هڪ چادر ۽ بوٽن جي جوڙي جي ضرورت هئي. اڱڻ جي هڪ ڪُنڊ ۾ سڪينه روئي رهي هئي. هوءَ ايتري غمگين ۽ ڪاوڙ ۾ هئي جو ڪنهن کي به ويجهو اچڻ نٿي ڏنائين. هوءَ شاهه جي "انصاف" جو شڪار هئي. سندس روئڻ جي ڪري منهنجي دل ۾ به درد پيدا ٿيو. هڪ مظلوم قيدي عورت جنهنجو نالو قدم خير هو، پرسان ويٺي، پنهنجي درد جو افسانو بيان ڪري رهي هئي. مٿس چرس وڪرو ڪرڻ جو الزام هو. هوءَ چئي رهي هئي، "پوءِ آءٌ زنده ڪيئن پئي رهي سگھيس، قيد ان ڪري ٿي آهيان ته مون لاءِ زندگي هڪ مصيبت هئي، ٿي ٻار هئا. منهنجو مڙس بيڪار هيو، هڪ سال تائين نوڪري جي ڳولا ۾ در در جون ٺوڪرون کاڌائين ۽ نيٺ چريو ٿي پيو. مون چرس وڪڻي چند سڪا ڪمائڻ ٿي چاهيا، خدا ڄاڻي منهنجي ٻچڙن جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو." ۽ زارو زار روئڻ لڳي. "مون کي ڇو قيد ڪيو ويو آهي؟" ڪپڙن واري ڪمري جي نگران پوڙهي، وڏي ڏاڍي هئي. هوءَ ٻاهر ويهي، مون کي تاڙي رهي هئي. مون ڪيس چيو ته مان پنهنجو پاجامو وٺڻ آئي آهيان ۽ پوءِ اڪ وٺي هڪ چادر ۽ بوٽن جو جوڙو ڪٽي، پنهنجي ٿوڪريءَ ۾ لڪائي، ڪمري ۾ پهتس ۽ ٿوڪري بستري جي هيٺان لڪائي

ڇڏيم. رات جو گھڻي دير تائين قيدي ساٿين جا نوٽ بوڪ پڙھيم، جيئن ڪا اھڙي شيءِ دشمن تائين نه پھچي سگھي، جنھن مان ڪنھن کي خطرو ھجي ڇو ته منھنجي پڇڻ کان پوءِ سخت تلاشي وٺندا.

ان رات آءُ گھڻي دير تائين جاڳندي رھيس. پاھرين ساٿين جي باري ۾ سوچيندي! آءُ ان وقت جو تصور ڪري رھي ھيس جڏھن ھٿيارن سان سينگارجي پيهر عزم ۽ بهادريءَ سان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي ويندي‌س. آءُ پنهنجي ساٿين جي ھٿيار بند جدوجهد تي فخر ڪرڻ لڳيس، جن دشمن جي طاقت ۾ ڏارون وجهي ڇڏيون ھيون ۽ پاڙيتو قاتل ان خوف کان ڏڪي رھيا ھئا.

**25** مارچ تي صبح جو سوير اٿي ويٺس. اڄ اسان کي پڇڻ جي ڪوشش ڪرڻي ھئي، آءُ جذبات ۾ بي قابو ھيس، دل تيزيءَ سان ڌڪ ڌڪ ڪري رھي ھئي. پنھنجو پاڻ تي ملامت ڪرڻ لڳس، ”ھي ڇا آھي ......؟ اي دل تنھنجي ڪھڙي حالت ٿي وئي آھي، ھيءَ ڪھڙي نه اھم مُھم آھي.، مون ھڪ ساٿيءَ بابت سوچيو جنھن کي ساواڪ وارا نه سڃاڻندا ھئا. ھن ھڪ ساٿيءَ کي ٻڌايو ھو ته، ”جڏھن به مون کي اذيتن واري ڪمري ۾ وٺي ويندا ھئا، خوف کان ڌڪڻ لڳندو ھوس، ليڪن اذيتن جي ڪري مون ھڪڙو لفظ به قبول نه ڪيو ۽ نه ئي تنظيم بابت ڪجھ ٻڌايم.“ اھو انسان جو معراج آھي، ڪيس اذيتون ڏنيون ويون ھجن، ھو ڏڪندو ھجي مگر ھڪ لفظ به قبول نه ڪري، نه ئي ٻڌائي. مون پاڻ کي سنڀاليو، پر پھرين تائين تياري مڪمل ھئي، اڄ تمام گھڻا ملاقاتي آيا ھئا. سيني کي ڪاريون چادرون پاتل ھيون. مون ٺوڪري ڪمري جي ڪُنڊ ۾ رکي، جتي تمام گھڻيون عورتون ويٺل ھيون. ڪمري ۾ سپاھي عورتون ۽ ھڪ مرد سپاھي موجود ھئا. ھڪ آفيسر ڪمري ۾ گھڙيءَ گھڙيءَ پئي آيو. مون پنھنجي ماءُ ۽ ڀين کي چيو ته ھو پوليس وارن کان مختلف ڳالھيون پڇن جيئن ھو ڳالھين ۾ رُڌل رھن. ۽ پوءِ پڇڻ جي گھڙي به آئي. ملاقات واري ڪلاڪ ختم ٿيڻ کان ٿورو اڳ مون پنھنجن مائٽن کان موڪلايو، مون ٺوڪري کڻي. ناھيد پرسان ھئي. ميڙ موڪلائڻ ۾ مصروف ھو. اسان چپ چاپ چادرون ويڙھيون ۽ بوٽ پاتا. ماڻھو ايترا مشغول ھئا جو ڪنھن به اسان ڏانھن ڌيان ڪونه ڏنو. پوليس واريون مايوس نظر پئي آيون. منھنجي ماءُ پوليس وارن کان لڳاتار سوال ڪري رھي ھئي ۽ ھُن کي جواب ڏيڻا ٿي پيا. ھاڻي اسان ڪمري کان ٻاھر آياسين ۽ ڦاٽڪ ڏانھن روانيون ٿي ويوسين، جتي جيلر، سندس نائب ۽ ڪجھ پوليس وارا موجود ھئا. ھاڻي آءُ سڪون سان ھلي رھي ھيس. اسان ڪجھ وال ڦاٽڪ کان پري ھيوسين ته ھڪ سپاھيءَ رڙ ڪئي، ”توھان ڪيڏانھن پيون وڃو؟“ ھو ڊڪندو آيو. ناھيد مون کان ٻه ٽي قدم اڳ ۾ ھئي، آءُ پٺيان پئي آيس، سپاھيءَ ناھيد کي پڪڙيو ۽ ڪيس اڳڻ ڏانھن گھلي ويو، ھن کي اڳڻ ۾ ڇڏي، واپس موٽيو ۽ عورتن کي گھورڻ لڳو. منھنجي پرسان واري عورت جي چادر ٿوري مٿي ڪري، ڪيس ڏسڻ لڳو. آءُ ڪوشش ڪرڻ لڳيس ته پنھنجا حواس درست رکان. مون ھُن ڏانھن ڪوبه ڌيان نه ڏنو. مون پنھنجي ٺوڪريءَ کي لوڏو ڏنو. اکين کان چادر سرڪائي سپاھيءَ کي ٽيڏي اک سان ڏٺم. ھو سڪون سان ٻين عورتن جون چادرون مٿي ڪري، سندن چھرا ڏسڻ لڳو.

هاڻي اسان جي ملاقاتين مون کي ڏسي ورتو ۽ اهو سمجهيائون ته موقعو هٿان وڃي رهيو آهي، هو منهنجي چوڌاري گڏ ٿي ويون، مون کي وچ ۾ ڪيائون ۽ چوڻ لڳيون ته هلو ته هلون، پلا سچو ڏينهن هتي گذارڻو آهي ڇا؟ پوءِ اسان ملاقاتين جي وڏي ميڙ ۾ داخل ٿيونسين ۽ مون سڄي ميڙ جي وچ ۾ پهچي، پاڻ لڪائي ورتو. اِتي مون کي ساواڪ جي ٺڳن هٿان گرفتاري وارو منظر ياد آيو ۽ ڪار جي دريءَ مان جڏهن مون آخري ڀيرو عوام کي ڏٺو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي چيو هو، ”آءٌ پڪو واعدو ٿي ڪريان ته آءٌ توهان سان وفادار رهنديس.“ هاڻي مون سوچيو ته مون واعدو پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ فخر وچان منهنجو ڳاٽ اوچو ٿي ويو. پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳيس، ”اهو عوام ئي آهي جنهنجي محبت سمنڊ وانگر وسيع آهي، جنهنجو انت ۽ ڪنارو ڪونهي، سندن طاقت ٻين طاقتن تي حاوي آهي ۽ جڏهن هو ڇُرڪُ ۾ اچن ٿا ته دشمن ٿوري ئي عرصي ۾ تباهه ٿي وڃي ٿو.“

وڏي ڦاٽڪ تائين پهچڻ کان اڳ اسان کي ٽن قيدخانن جي اڳيان لنگهڻو پيو جتي پوليس موجود هئي. وڏي ڳالهه هيءَ هئي ته مون پاڻ کي ضابطي ۾ رکيو ۽ ائين پئي هليس جيئن عام ماڻهو هلي رهيا هئا. تيز هلڻ ڪونه پئي چاهيم جيئن ڪنهن کي شڪ نه پوي. هي گهڙيون منهنجي زندگيءَ جون سڀ کان وڌيڪ ڏکيون گهڙيون هيون. هر گهڙيءَ اهو پئي ڀِپ ٿيو ته ڪٿي ڪو پوليس وارو گوڙ نه مچائڻ شروع ڪري. ”هن کي پڪڙيو ، گرفتار ڪريو، هيءَ ڀڄي رهي آهي.“ هاڻي جڏهن انهن کي معلوم ٿيو ته هڪ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي يا ٻي ٻه. اهو سوچي مون کي ڪاميابي جو ڏيک اونداهو نظر اچڻ لڳو. ٿي سگهي ٿو ته آءٌ جيستائين ڦاٽڪ تي پهچان، هو ڦاٽڪ بند ڪري ڇڏين. انهن ٽيليفون ڪئي هوندي، هو ڦاٽڪ جي تلاشي وٺندا. ڇا منهنجا اڳتي وڌندڙ قدم آزاديءَ ڏانهن آهن يا خطري ڏانهن؟ اسان وڏي ڦاٽڪ تي پهتيونسين. منهنجي پرِ وارين عورتن چيو، ”پويان ايندڙن مان هڪ کان پاس ٽڪيٽ وٺ.“ ميڙ تيزيءَ سان ٻاهر وڃي رهيو هو. پوليس وارا پاسون جمع ڪري رهيا هئا ۽ آءٌ چپ چاپ ٻاهر نڪري ويس. هاڻي آءٌ قيدياڻين کان ٻاهر هيس. مون هڪ ڀيرو حسرت جي نگاهه ڪٽي، قيد خاني ڏانهه مڙي ڏٺو ۽ اڳتي وڏي هڪ وڏي ڪار ۾ ويٺيس ۽ دشمن جي اکين کان گم ٿي ويس.

هاڻي مون شاهه جي قيد خاني کان ٻاهر نڪري، آزاد ٿي، ٻيهر بندوق سنڀالي ورتي آهي جيئن انقلابين سان گڏ دشمن جي خلاف جنگ ۾ حصو وٺي سگهان ۽ انقلاب ۾ پنهنجي پوري طاقت لڳائي عوام جو قرض چڪائي سگهان. اسان جو ويساهه آهي ته انقلاب وسيلي ئي آزادي حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ عوام دشمن سان، اسان کي گهري ۽ بي انتها نفرت آهي.

## بابُ ڏهون

# جدوجهد جو طريقو

[دؤر جنين کي درد جو، چارڻ سي چئجن،
رُجن راهه پُڇن، متي کلهن کينرا.]
(شاهه)

جدوجهد هلندي ساٿين تڪليفون ۽ اذيتون سهڻ جو جيڪو طريقو ۽ رستو اختيار ڪيو ان جو مختصر خاڪو هن ريت آهي:

### 1. انقلابي راهه جي سچي هئڻ جو يقين:

اهو يقين پڪو پختو ۽ ڪڏهن نه ڏُڪندڙ هئڻ گهرجي. جيڪڏهن سڀ ساٿي جدوجهد کان منهن موڙين، پر ماڻهوءَ جو پنهنجو يقين اڻ ٽُٽ هجي ته اها تسبيح ٽُٽڻ واري نه هوندي آهي. دشمن جي اذيتن جو مقابلو تيستائين نٿو ڪري سگهجي جيستائين اسان جو انهن اصولن تي پختو يقين ناهي جن لاءِ اسان جدوجهد ڪري رهيا آهيون.

### 2. دشمن سان نفرت، ساٿين سان پيار:

اهي احساس تمام گهٽا هئڻ گهرجن جيڪي هڪ مجاهد جي وجود لاءِ انتهائي ضروري جزا آهن. اها ڳالهه منهنجي تصور ۾ نه ايندي هئي ته جيڪي اذيتون ڏنيون پئي ويون، اهي ڪنهن پئي ساٿيءَ کي ڏنيون وڃن، ان ڪري آءٌ ڪنهن جو به نالو نٿي ڏيئي سگهيس. مون کي ساٿين سان جيتري محبت هئي، دشمن کان به ايتري نفرت هئي. ان ڪري آءٌ ڪڏهن به ڪنهن کي پنهنجي جڳهه تي ڦاسندو ڪونه پيي ڏسي سگهيس. پر جيڪڏهن منهنجا احساس مختلف هجن ها ته اسان جي، ”مقصد“ سان غداري چئجي ها. پنهنجي ساٿين کي جلادن جي حوالي ڪري اگر آءٌ پاڻ کي اذيتن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪريان ها ته سڄي زندگي ذهني اذيتن ۾ مبتلا هجان ها. آءٌ ائين هرگز برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هيس. دشمن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ، عوام سان غداري ڪرڻ جي برابر آهي. دشمن جو اهو خيال هو ته اسان اعليٰ عهدن لاءِ هٿيار استعمال ڪري رهيا آهيون. جڏهن ته منهنجو خيال اهو هو ته اسان ان ڪري جنگ ڪري رهيا آهيون ته عوام

ڪي دشمن جي فولادي چار مان آزاد ڪرايون. دشمن جي آڏو ڪنڌ جهڪائڻ مان مراد آهي ته مون عوام ڪان منهن موڙيو آهي. جڏهن ته ظلم لاءِ کليل ميدان آهي ۽ ان ذليل ڪاروبار ۾ منهنجو به حصو آهي. منهنجي سڄي حياتي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارن سان نفرت ڪرڻ جي تربيت ونندي گذري هئي ۽ اها ڳالهه تصور ڪرڻ به گناهه سمجهندي هيس ته ڪڏهن آءٌ ظلم جهڙي ذليل ۽ بيحيائيءَ واري ڪاروبار ۾ شريڪ ٿينديس. ڇا آءٌ زنجيرن ۾ جڪڙيل پنهنجي عوام کي وساري سگهان ٿي؟ اهو عوام جن سان آءٌ هميشه پيار ۽ محبت جي پنڌڻ ۾ پڌل هيس. دشمن جا ڏوهه ايتريقدر حقيقي ۽ ظاهر هئا جو مون لاءِ انهن کي انسان سمجهڻ به ناممڪن هو. ان ڪري سندن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو مون کي ڪڏهن خيال به نه آيو هو.

### 3. سڀ مسئلا تاريخي پس منظر ۽ سائنسي نظرئي جي روشنيءَ ۾ ڏسجن:

جدليات جي روشنيءَ ۾ جدوجهد ۽ انقلاب ۾ فتح جي ڳنڍيل رشتي کي مشڪل سان سمجهي سگهجي ٿو، ڇوته اهو جلد يا دير سان حاصل ٿئي. ٿوري عرصي ۾ اهو ٿي سگهي ٿو ته اسان جي جدوجهد ڪنهن ساٿيءَ کي دشمن جي ور چڙهڻ کان بچائي سگهجي يا اسان جي تنظيم تي ڪنهن حملي کي روڪي سگهجي. ليڪن حقيقت وڌيڪ اهم اها آهي ته اسان جي جدوجهد، اسان جو شڪست مڃڻ کان انڪار، آخري فتح طرف هڪ اهم قدم هوندو آهي. اگر ان ”قدم“ کي جدا ڪري ڏسجي ته اهو نهايت ننڍڙو ۽ غير اهم سمجهيو ويندو آهي. پر ڪيترائي ساٿي تقريباً ان ئي وقت اهڙا قدم کڻندا آهن ۽ ان قدم جي مجموعي اثر جو اندازو ڪري سگهجي ٿو ۽ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته اتفاقاً هڪ ”قدم“ پوئتي هٽڻ ڪري يا جدوجهد کان پاسيرو رهڻ ڪري انقلاب سان غداري جهڙو بڇڙو ڪم ٿي پوندو آهي. ان ڪري جيڪڏهن اسان ڪنهن مسئلي کي ان جي صحيح پس منظر ۾ ڏسون ٿا ته اذيتن ۽ دشمن جي مڪاريءَ جي مقابلي ۾ اسان جي بچاءَ واري قوت وڌي ويندي.

### 4. سچ ڄاڻهن حقيقي رويو:

مارڪسزم اسان کي سيکاري ٿي ته اسان حق جوءِ ان جي لازمي موضوعن جي لحاظ کان مقابلو ڪريون. جڏهن اذيت ڏني وڃي ٿي ته ڊپ کان حوصلو پُست ٿيڻ، جسماني سبب کان سواءِ بنيادي طرح ڪيترن ئي فردن پاران ان جي باري ۾ وڏاءَ واري نقطئه نظر جي سبب ٿيندو آهي. ساواڪ وارين اذيتن جو، جيڪو ڏهڪاءُ ڦهلايو آهي اهو ان خيال کي ثابت ڪري ٿو. اذيتن دوران ان جي خوف سبب حوصلا خطا ٿيڻ ۽ جدوجهد لاءِ حوصلي ۾ ڪمي ٿيندي آهي. جسماني اثر کان سواءِ بنيادي طرح ماڻهن جو ان بابت وڌايل رويو هوندو آهي، ان ڳالهه جي ثابتي خود ساواڪ وارن جي پروپيگنڊا مان ٿئي ٿي. بس جيڪڏهن اسان ان طرف حقيقي نقطئه نظر سان ڏسون ته اذيت جهڙي بڇڙي شيءِ

ٻه پنهنجي ٻيڙي مقصد ۾ ناڪام ٿي ويندي آهي. آخري تجزئي ۾ موت کان وڌيڪ ٻي ڪابه شيءِ سامهون ڪونه ايندي آهي ۽ مجاهد لاءِ اهو ڪوبه مسئلو نه ٻڻبو آهي.
اهي ماڻهو جيڪي نفسياتي اذيت کي معروضي طريقي سان نه ڏسندا آهن، ان جو مٿن اثر اهو پوندو آهي. مثال طور جڏهن هِنن مون کي ننگو ڪيو ته مون سوچيو اگهاڙي ٿنگ ۽ اگهاڙي ٻانهن ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ مون ان مان متاثر ٿيڻ کان انڪار ڪيو. اهڙي طرح جڏهن پستول جي نلڪي ڪنهن کي ڊيڄارڻ لاءِ سندس نرڙ تي رکي ويندي آهي ته ان جو آخري مقصد اهو هوندو آهي ته اها گولي جيڪا قتل ڪندي آهي، جيئن ته آءٌ پنهنجي مقصد خاطر مرڻ لاءِ تيار هيس ان ڪري ان جو مون تي ڪوبه اثر نه ٿيو. ان ڪري اهو ضروري آهي ته صورتحال جو تجزيو ڪيو وڃي ۽ دشمن جو پوري قوت سان مقابلو ڪيو وڃي.

## 5. دشمن تي اعتبار نه ڪجي:

دشمن، قيديءَ سان جيڪو ڪجھ ڪندو سو فقط ان لاءِ ته جيئن ڪنهن مجاهد کان ڪجھ راز هٿ ڪري سگهن ۽ تحريڪ کي ڪمزور ڪري سگهن. مهربانيون، اذيتون، ڌمڪيون، گاريون ۽ غدارن جا قصاء انهن سڀني وسيلي هو اهوئي مقصد حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته اسان دشمن جو پوري هوشياريءَ سان مقابلو ڪريون. انهن ڳالهين ۽ قصن تي يقين نه ڪريون، چاهي اهي اهم هجن يا غير اهم هجن. ان ڳالھ کي وسارڻ تمام وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي. اها تمام اهم ڳالھ آهي ته دشمن جون مهربانيون قبول نه ڪرڻ گهرجن. قيد تنهائي، لڳاتار اذيتون ۽ مختلف ذهني پريشانيون، انهن مهربانين طرف مائل ڪنديون آهن. دشمن جي مهربانين پٺيان ٻيڙا ارادا لڪل هوندا آهن. جيڪڏهن ان جي خلاف ٿورو به بچاءُ ڪيو وڃي ته انهن سڀني فعلن پٺيان لڪل مقصد ظاهر ٿي پوندو آهي ۽ ان طرح مجاهد جي همٿ وڌي ويندي آهي.

## 6. ارادي جي پختگي:

”آزادي“ ۽ ”قيد“ جهڙين حالتن کي صحيح ۽ فلسفيانه طور تي سمجهڻ سان اذيتن ۽ زنجيرن ۾ جڪڙجڻ دوران، آءٌ پاڻ کي هميشه آزاد سمجهندي هيس ۽ اها حقيقت آهي. مون کي پنهنجي پسند جي لفظن ۾ دشمن جي خلاف نفرت جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ٻه شرم نه آيو. مون پنهنجي اصولن لاءِ جن تي مون کي پختو يقين هو، هر چيز قربان ڪري ڇڏي هئي. منهنجو فقط اهو ڪم رهجي ويو هو ته آءٌ پنهنجن عقيدن تي قائم رهان. اهي موذي ماڻهو مون کي روز مره واري ڪميٽي زندگيءَ جا مڪمل غلام ٻي نظر آيا ۽ اهي ڏسي مون ۾ وڌيڪ همٿ پيدا ٿي. مون کي ان ڳالھ تي مڪمل ڀروسو هو ته عوامي مجاهد هئڻ جي حيثيت سان هي منهنجو حق آهي ته آءٌ مٿن ڪيس هلايان ۽ سندن قسمت جو فيصلو ڪريان. اهو منهنجو ايمان هو ته منهنجو مقصد ۽ منهنجون خواهشون

سندن تصورڪان مٿاهان هئا ۽ قيد جي دوران هر طرفي ۽ مڪمل آزادي جي احساس مون ۾ ارادي جي پختگي ۽ بچاءَ واري قوت تمام گهٽي وڌائي ڇڏي هئي.

## 7. دشمن جي سازش ڪان اڳواٽ ڄاڻ رکڻ:

اهو ضروري آهي ته پين ساٿين جي ڪيل تجربن مان فائدو حاصل ڪيو وڃي جيڪو هنن دشمن جي مڪاريءَ سان مقابلو ڪندي، پِرايا هجن، جيئن دشمن جي چالبازين کي بي اثر بڻائي سگهجي.

مثال طور دشمن هيئن ڪندو آهي جو ڪنهن جو خاص عيب يا ڪمزوري حاصل ڪندو آهي ۽ ان جو گهڙيءَ گهڙيءَ ذڪر ڪندو آهي. هڪ مجاهد پنهنجي ذاتي ڪمزوريءَ کي لڪائي ٿو ۽ ان کي ظاهر نٿو ڪري يا دشمن هيئن ڪندو آهي جو هٿ ٺوڪي معلومات جي بنياد تي مجاهد آڏو اهو واضح ڪري ته کيس سڀ ڪجهه معلوم آهي. ان صورت ۾ مجاهد کي دشمن جي ان هٿ ٺوڪي ڳالهه جي خبر هوندي آهي ۽ هو پنهنجو پارٽ تي ضابطو رکندو آهي.

## 8. حوصلو وڌائيو رهجي:

جيڪڏهن اسان پنهنجي يقين کي مضبوط رکڻ لاءِ شعوري طرح ڪوشش ڪريون ته دشمن جي هپناٽزم جي باري ۾ سڀ بڪواس، انجيڪشنس، زبردستي ڪاڏو ڪارائڻ ۽ خاص دوائون استعمال ڪرڻ سان جنهن جي ذريعي چيو ويندو آهي ته قيدي پنهنجا لڪل خيال ننڊ ۾ هوندي به ظاهر ڪندو آهي، اهي سڀ ڍونگ ناڪام ٿي ويندا آهن.

تڪليفن سان مقابلو ڪرڻ جي پارٽ ۾ خاص طور تي عادت وجهڻ گهرجي. جڏهن اذيتون ڇڱو عرصو جاري رهنديون هيون ته آءٌ چاهيندي هيس ته اهي ختم ٿي وڃن. ان احساس هوندي به منهنجو حوصلو ڪڏهن به ڪمزور نه ٿيو، ڇاڪاڻ ته مون کي خبر هئي ته اهي سڀ اذيتون موت سان گڏ ختم ٿي وينديون ۽ مون پڪو پهه ڪيو ته ان وقت تائين همٿ نه هارينديس. ان ڪري قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ ڪڏهن به مون لاءِ مسئلو نه هئا. مون کي اهو چوڻ گهرجي ته ساٿي بهروز ۽ آءٌ مقابلي ڪرڻ واري قوت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين.

## 9. پين ساٿين جي همٿ جي باري ۾ سوچڻ:

بين الاقوامي تحريڪ ۾ مجاهدن عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. ايراني عوام جي جدوجهد جا ڪارناما به گهٽ ڪونه آهن. خاص ڪري ويجهڙائيءَ وارن چند سالن ۾ ڪيل ڪارناما. اهي هڪ مجاهد لاءِ همٿ جو باعث هئڻ گهرجن. ڪي ماڻهو هن تحريڪ بابت

منفي انداز ۾ سوچيندا آهن. مثال طور دشمن سان گهڻ نفرت ڪرڻ سبب تحريڪ کي تنگ نظري سان ڏسندا آهن، پر هن تحريڪ کي تاريخي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي. دشمن تي اعتبار ڪرڻ ۽ ساڻس ميل جول رکڻ، پنهنجي ارادي جي قوت ۾ ڪمي ڪرڻ وغيره. اهڙن خيالن وارا فرد يا ٽولا هميشه حقيقت ۾ مجاهدن جا حوصلا پست ڪري ڇڏيندا آهن. ان ڪري سواءِ جيڪو مجاهد پنهنجين ڪمزورين کي ضابطي ۾ نٿو رکي، خود تنقيد نٿو ڪري، پنهنجين خود غرض ۽ بيڪار خواهشن کي ڪنٽرول ۾ نٿو ڪري ۽ جيڪو پنهنجين ڪمزورين جي اصلاح نٿو ڪري، اهو اذيتن جو ڪڏهن به مقابلو ڪري نه سگهندو، چاهي ان جو جدوجهد ۾ ڪيترو به ايمان هجي. جيڪو شخص خود غرضي ۽ مفاد پرستيءَ ۾ مبتلا هجي، اهو پنهنجيون ڪمزوريون انقلابي ايمانداريءَ سان دور ڪري نٿو سگهي. هو خود پنهنجو پاڻ سان ڪوڙ ڳالهائي ٿو. اهڙي شخص لاءِ غدار بڻجڻ تمام سولو هوندو آهي. ڇو جو ڪوڙ ڪان غداريءَ جي شروعات ٿيندي آهي.

## 10. دشمن کي چئلينج:

لٽيرن ۽ گهر ۾ ويٺل ڦورو سرمائيدارن جي نالي، جيڪي دشمن وٽ وڪاميل آهن، بين الاقوامي ڌاڙيلن جي نالي، غدار ”شاهه“ جي نالي، جيڪو آمريڪا ۽ اسرائيلي ڌاڙيلن جو غلام آهي- جيڪو قوم فروش آهي! طبقاتي نظام جي نوڪر شاهيءَ جي نالي ۽ سيني دشمنن جي نالي!

مون کي خبر آهي ته توهان سڀ هي ڪتاب ضرور پڙهندؤ جنهن ڪري آءٌ پنهنجا لکل جذبا اوهان جي آڏو ظاهر ڪريان ٿي ۽ پختي يقين سان اعلان ٿي ڪريان ته هن پيري باقاعدي ۽ پختي عزم سان اوهان جي خلاف انتقام جي جذبي سان جدوجهد ڪنديس، عوام جي خون جو بدلو وٺنديس، جن کي اوهان مختلف موقعن تي قتل ڪيو ۽ اسان تي انهن جي قتل جو الزام ڏيو ٿا. هي انتقام شهيد ساٿين جو آهي، مون کي پنهنجي پورهيت عوام سان بيحد محبت آهي، منهنجو ساڻن اٽوٽ رشتو آهي ۽ مون کي پنهنجي فرضن جو گهرو احساس آهي.

مون کي خبر آهي ته توهان مون کي زنده گرفتار ڪرڻ گهرو ٿا. پر ياد رکو، توهان پنهنجن خواهشن سان گڏ قبر ۾ پهچي ويندؤ. فرض ڪريو ته جيڪڏهن اوهان مون کي زنده گرفتار به ڪريو ته اوهان منهنجو ڇا بگاڙي سگهندا! ڪجهه به نه. ڇا انقلاب جي رستي جو رخ بدلائي سگهندؤ؟ ڇا توهان مون کي اذيتون ڏيندؤ؟ ڇا توهان مون قتل ڪرڻ لاءِ گولي هڻي ڇڏيندا؟ ڇا توهان موت کان وڌيڪ سزا ڏيئي سگهو ٿا؟

توهان کي خبر آهي تہ عوامي مجاهدن لاءِ موت کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ عزت جو مقام ڪونهي، ۽ پنهنجي سيني طريقن سان خود اسان جون ئي خواهشون پوريون ڪري سگهندؤ. ها ..... عوام خاطر شهادت کان وڌيڪ عزت جو مقام ٻيو ڪونهي. پنهنجي ٻين ساٿين وانگر مون بہ هٿيار کڻي، هن ذليل، ۽ وحشي حڪومت جي تباهيءَ لاءَ جدوجهد شروع ڪئي آهي. هي حڪومت توهان جو بچاءُ ڪري ٿي، آءٌ پنهنجي رت جو آخري ڦڙو بہ عوام جي آزاديءَ خاطر قربان ڪنديس. اسان کي موت جو ڪوبہ ڊپ ناهي، پل تہ اهو موت مورچي ۾ وڙهندي اچي يا اذيتن سهندي، جيڪو بہ هٿيار ڪِرندو تنهن کي کڻڻ لاءِ ڪيترائي هٿ موجود آهن. اسان جي جدوجهد جا نعرا تمام گهڻا ڪَنَ ٻڌي رهيا آهن. هاڻي اسان جو طريقہ ڪار مضبوط ٿي چڪو آهي ۽ ثابت ٿي ويو آهي تہ اهوئي صحيح طريقہ ڪار آهي. اهو تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي ۽ مست دريائن وانگر پنهنجي اُٿل ۾ سڀ بند ۽ رڪاوٽون لوڙهي ڇڏيندو. توهان جي شڪست اهڙي حقيقت آهي جيڪا تاريخ ۾ بار بار ثابت ٿي چڪي آهي. گذريل جدوجهد ۾ اسان جي جانبازن جي مقابلي ۾ اوهان جي بزدلي ۽ نا اهلي ثابت ٿي چڪي آهي. توهان عوامي جانبازن جو مقابلو ڪري نٿا سگهو. توهان پاڙيا آهيو، بزدل آهيو ۽ ڊڄو ٿا ان وقت کان جڏهن عوام جو سيلاب اوهان جي خلاف اٿي ڪڙو ٿيندو.

ڪجھ وڌيڪ عرصي لاءِ اوهان ڌاڙن ۽ قتل جهڙا ڏوهہ جاري رکي سگهو ٿا، پر توهان پنهنجي انجام کان ڪيڏانهن بہ ڀڄي نٿا سگهو. اسان توهان کي ڏکهي، ورن وڪڙن واري ۽ اڻانگي جدوجهد ذريعي ٿڪائي، شڪست ڏيڻ گهرون ٿا. جيڪڏهن اسان مان هڪ مجاهد شهيد ٿيندو تہ ان جي جڳهہ ٻيا ويهہ مجاهد ولاريندا. اسان جو موت عام ماڻهوءَ جي موت کان نرالو آهي ۽ توهان جي زندگي گدڙن جي زندگيءَ کان بہ ابتر آهي، توهان اِن لائق بہ ناهيو تہ توهان کي هڪ انسان جي حيثيت ڏني وڃي. توهان وحشي جانور آهيو. فتح نيٺ حق جي ٿيندي- آخري فتح نيٺ عوام جي ٿيندي.

❊❊❊

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net
0332-3895458